
ديس بديس
(سفرنامو)
عبدالحئي پليجو

# ديس بديس

(سفرنامو)

عبدالحئي پليجو

**نيو فيلڊس پبليڪيشن**
**ٽنڊو ولي محمد ، حيدر آباد**
1999ع

**ڊجيٽل ايڊيشن:**
2018ع
**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

# ارپنا

سنڌ جي پياري شخصيت ۽ منهنجي پياري پيءُ

جناب ارباب نور محمد پليجو

۽ سندم منٽن يائرن

مرحوم غلام رسول ۽ مير نصير جي نانءُ

## عبدالحئي پليجو

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ديس بديس“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب هندستان جو سفرنامو آهي جنهن جو ليکڪ ناميارو سفرناما نگار **عبدالحئي پليجو** آهي.

هيءُ هند جو سفرنامون، ”ديس بديس“ هڪ نهايت دلچسپ، پيارو، پُر مغز ۽ احساسن ۽ جذبن جي نازڪ تارن کي ڇُهندڙ آهي. هن سفرنامي جا ڪي ڪي لفظ ۽ جملا ته ايترا چيندڙ، تُز ۽ اثرائتا آهن جو پڙهندي دل ائين پڇيو ۽ پگهريو پوي جيئن سج جي ڪرڻن سان برف پگهري پوندي آهي. ڪتاب جي منڍ وارو حصو، جنهن ۾ سپنن جي سنسار، هندستان جي پراڻي تاريخ جا پيرا کڻندي تصور ئي تصور ۾ ليکڪ هن صدي ۾ اچي سهيڙيو آهي، ڏاڍو وڻندڙ آهي. هن حصي ۾ ٻوليءَ جي سُونهن ۽ سوڀيا پڙهندڙ کي يقينن موهي ڇڏيندي ۽ هو خود تصور جي دنيا ۾ ڪوئجي صديون پويان هليو ويندو ۽ پاڻ کي وقت جي پرن تي اُڏامندو محسوس ڪندو. سندس نظرن اڳيان صدين جو هندستان پنهنجين تمام رنگينين سان جلوه گر هوندو.

ياد رهي ته هي سفرنامو 1999ع ۾ **نيو فيلڊس پبليڪيشن** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سائين عبدالحئي پليجي صاحب جا جنهن سنڌ سلامت تي اعتماد ڪندي پنهنجا سمورا ڪتاب نئين سر ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي آهي. مهرباني سنڌ سلامت ٽِـ جي دوستن شاهنواز ٽالپر، عبيد الله ٿهيم، ذيشان عابد، گل حسن لاکو، عبدالحڪيم راڄڙ، محمد امين پٽي ۽ راشد شر جي جن گڏجي ڪتاب ڪمپوز ڪري ڏنو.

اوهان سڀني دوستن، پيارن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

**اي جي اُتم**

# سنڌيت جي سرهاڻ جو سفرنامو

اڳئين پيري سنڌ جي سانگيئڙي مير محمد ٽالپر جو بمبئيءَ اچي ڪچهريون ڪرڻ جي قرب جو احوال ڏنو هوم. هن جي وڃڻ بعد يڪدم ٻيو برک اديب ۽ ڪارڪن نورالدين سرڪي ۽ سندس بيگم شمس آيا. سرڪيءَ سنڌ مان نڪتل تازو ترقي پسند رسالو ”سنڌو“ (مهراڻ جهڙو) سوکڙي ڏني، جنهن جو ذڪر ٻئي ليک ۾ ڪندس جو ان ئي وقت سنڌ مان هڪ ٻئي اديب عبدالحئي پليجي جي ڀارت جي سفر جو سفرنامو ”ديس بديس“ اچي پهتو. ان تي سندس قيمت ڪان ٻيڻ يعني ٽيهن رپين جون ٽڪليون لڳل هيون. ڪيڏي نه ڏک جي ڳالهہ آهي تہ ٻن وڇڙيل سنڌين جو ٽپال رستي ملڻ بہ مهانگو ٿي ٿو پوي. سفرنامي جو مهاڳ مشهور ليکڪ غلام حسين رنگريز لکيو آهي.
پليجي جو سفرنامو ڀارت بابت ٻين سنڌين جي سفرنامن کان نئون ۽ نرالو آهي. ليکڪ کي پنهنجي پيءُ نور محمد پليجي کان ورثي ۾ مليل نيشنلزم، سيڪولرزم ۽ سوشلزم جي ويچارن وڏو اثر ڪيو هو . هن جي واتان ”هندستان جي تهذيب، سونهن ۽ تاريخ جي قدآور شخصيتن جو اتساهہ سان ڪيل ذڪر“ ٻڌو هئو تہ ڪيترا ڪتاب بہ پڙهيا هئا ۽ جيئن ليکڪ لکي ٿو تہ، ”پائيندو هوس. رام سان گڏ مون بہ بنواس ڀوڳيو آهي، شري ڪرشن جي بنسري جي مڌرتا منهنجي من کي بہ موهي ويئي آهي. ڪاليداس جي شڪنتلا، ڀرت هري جي دوهن ۽ ميران ٻائي جي گيتن ۾ مون کي پنهنجي دل ڌڙڪندي محسوس ٿي آهي. مون کي هندستان جا ڪلاڪار ۽ ساهتڪار بہ هماليہ جيڏا اوچا لڳا آهن . هزارها سال جي تاريخ جو سلسلو هندستاني ساهت ۽ سڀيتا ۾ اڄ بہ جڳمڳ جرڪي پيو. . . يوناني، ايراني، عرب، پورچوگيز، افغان، منگول، غوري، خلجي ۽ انگريز ڌوڪيندا هن ديس پهتا تہ هتي جي واريءَ مان سون حاصل ڪري سگهن ... ڪاش اهي مال متاع جا ديوانا لٽيرا هندستان جي پيرين اگهاڙي ساڌوئن کان ڪي سچ، سونهن، ايڪتا ۽ انسانيت جا سنديش بہ وٺن ها.“
پليجي جي هن سفرنامي ۾ هندستان (آڳاٽي توڙي اڄوڪي) جي خوب قدرشناسي ڪيل آهي. جا ٻئي ڪنهن سنڌيءَ جي سفرنامي ۾ ڪانهي. هو لکي ٿو
”هندستان دنيا جو نمبر پهريون جمهوري (لوڪشاهي) ملڪ آهي ..... سيني مذهبن جا ماڻهو هڪ جهڙا شهري آهن مطلب تہ موجوده دنيا ۾ جاگرافيائي، سياسي، ٽيڪنيڪل ترقي ۽ آرٽ ۽ فن جي لحاظ کان وڏي اهميت رکندڙ ملڪ آهي.“

پليجو هتي اجنتا ۽ ايلورا جون غفائون بہ گهميو. اجنتا جي لاءِ لکندي هن ڪوتا جو ساگر اوتيو آهي. ڏسو چوي ٿو:

”. . . . . انهن تصويرن ۾ هندستاني سونهن جي ماڪيءَ جهڙي منڙي رس ۾ رابيل ۽ چنبيلي جهڙي پيني پيني مهڪ آهي، هزار سالن بعد بہ اها مهڪ ۽ سونهن اجان بہ قائم آهي . . . . ائين پائيم تہ ڪاليداس جي شنڪتلا جاڳي رهي آهي يا ميران جو گيت روپ ڌاري وينو آهي.“ ايلوزا لاءِ چوي ٿو. ”هي غارون انساني محنت ۽ هنر جو لازوال شاهڪار آهن. انساني جاکوڙ پورهئي ۽ هنرمندي جي ڪمال کي نوڙت پريو سلام آهي ۽ پليجي کي اهي غارون پنهنجي ڳوٺ ٻني جي سندس پيءُ جي ننڍي هوندي جي دوست ”ڪندن مل ٽيڪواڻيءَ“ پنهنجي ڪار ۾ وني گهمايون. هو ”جلگانوءَ“ ۾ رهندڙ آهي، استيشن تي ونڻ مهل پليجي پڇيس تي ڪيئن سڃاتو تہ چيائينس تہ، ”تنهنجي شڪل بلڪل تنهنجي والد جهڙي آهي، اسان پانيو تہ ارباب سامهون آهي. سندس اها تصوير ياد آهي جڏهن هو ڪراچي بندر تي اسان کي اکين ۾ ڳوڙها آڻي رخصت ڪري رهيو هو ۽ ايستائين ترسيو هو جيستائين اسان روانا ٿياسين.“ اهڙي سڪ آهي، سنڌ هند جي سنڌين جي! پليجو لکي ٿو ”هن وسيع ملڪ ۾ اهي ئي تہ چند ماڻهو هئا، جن ۾ سنڌ ڌرتي جي اها پيني پيني خوشبوءَ محسوس ٿي جيڪا لطيف جي بيتن، سچل جي ڪافين ۽ سامي جي سلوڪين ۾ رچيل آهي.“ ”ڪڏهن تہ ڪرندي ڪاڪ، ڪڏهن تہ ملندو مينڌرو پچان وڏي واڪ، سڏ بہ ڏي ڪو سنڌ ۾.“

هتي سنڌين طرفان سنڌيت کي سلامت رکڻ جو پليجي سفرنامي ۾ خوب ذڪر ڪيو تہ قدر بہ ڪيو آهي. هڪ هنڌ لکي ٿو ”سنڌي هندو واپار جو بادشاهہ آهي، جلگانو ۾ ڪلب، باغ، تلاءُ سنڌي ڪالوني ۽ امر شهيد ڀڳت ڪنور سينٽر سنڌين نهرايو آهي. هي سينٽر ڏسي خوشي ٿيم پر پنهنجي ماڻهن جي حال تي ملال ٿيم تہ اسان وٽ هن صوفي منش لاءِ ڪو بہ يادگار ڪونهي. اهي هٺ ڪيڏا نہ بي رحم ۽ ظالم هئا، جن هھڙي پوتر شخص کي شهيد ڪيو. . . . اڄ سنڌ جو سنڌي امر ڪنور کي پنهنجو ورثو ٿو سمجهي. اهو وقت ڏور ناهي جو سنڌي پنهنجي راڄ ڀاڳ جا ڌڻي پاڻ ٿيندا ۽ پوءِ سنڌ جي ريڊيو تان ”ڀڳت ڪنور“ جي ڪلام کي پيش ڪرڻ کان ڪير روڪي نہ سگهندو.“ پليجي بمبئي شهر جا ڏسڻ لائق هنڌ بہ ڏٺا جنهن جو بہ ذڪر ڪيو اٿس.

پر هن پنهنجي پسندي خاص طور سنڌين جي شاهي اسپتال جسلوڪ، سنڌو پون، ڪالونين، ڪاليجن وغيره لاءِ ڏيکاري آهي. اهي هنڌ برک ليکڪ گوبند پنجابي ۽ اُتم ڏيکاريا هئس جن لاءِ لکي ٿو ”ادا (گوبند) جي پاڪرن ۾ محسوس ڪيم تہ مونکي منهنجو ڪٽيل بازو ملي ويو آهي، هو هڪ پروقار شخصيت جو مالڪ ۽ سڌ ٻڌ وارو انسان آهي.“ ۽ ”اُتم ڪافي حصا گهمايا ۽ اهي جڳهيون ڏيکاريون جيڪي هوند اُتم ڪانسواءِ نہ ڏسي سگهون ها.“ ڪلياڻ آڏواڻي لاءِ لکي ٿو تہ

”شاهه جي رسالي تي هن جو نچويل نور ۽ پيار جو پورهيو سنڌ ۽ لطيف سان اَڻ مئي محبت جو اظهار آهي.“ پنجواڻي سنڌو يون ۾ هنجي آجيان ڪئي.

” . . . . . سنڌين جي ميلاپ جي هن مکيه ڪردار جو هو روح روان آهي .“ اتي ئي انڊونيشيا ۾ سنڌيت جي بانيءَ ته هتان جي ٻين ڪارڪنن ٿهلرام آزاد وغيره ٻين سان مليو. آخر ۾ اُتم ۽ سندري لاءِ لکي ٿو ”اُتم آدرشي انسان، مثالي سماجوادي، صاف سڌو انسان آهي. سنڌ وطن سان سندس پيار الفت ائين آهي، جيئن ڳنڍيون منجهه ڳنڍيرِ، تيئن مون من ماروئن سين، اُتم ڪيترن ادبي ۽ تنقيدي ڪتابن جو ليکڪ آهي. سندري به هڪ جڳ مشهور ڪهاڻيڪار آهي. ٻنهي زال مڙس جو سنگ هڪ مثالي سنگ آهي. ٻنهي سنڌي ادب لاءِ گهڻو پتوڙيو آهي.“ پليجو وڌيڪ لکي ٿو ته ، ”اسان جي رات يارهين وڳي واري فلائيٽ تي به اُتم اماڻڻ آيو ۽ روڪڻ تي به نه رڪيو. اندر وچڻ کان اڳ ۾ موڪلائڻ وقت دلين جون ڌڙڪنون تيز هيون. هو سانت بيٺو گهوريندو رهيو. هن جون نظرون شايد سنڌ تائين اسان جو پيڇو ڪرڻ لاءِ آئيون هيون- اها سنڌ، جنهن جي فضائن ۾ سرهاڻ هئي، جنهن هن جو من موهيو هو. سچ پچ هي سنڌيت جي سرهاڻ جو سفرنامو سدائين ياد رهندو.

# ٻہ ٽي ڳالھيون

سنڌي ٻوليءَ ۾ سفرنامن جي اشاعت چڱو چوکو ڇڇڙتو مڇايو آهي. هر ماڻهو چاهيندو آهي تہ هو مُلڪان ملڪ گهمي ۽ ڏيساورن جا ڏيک ڏسي حظ حاصل ڪري، پر هر ماڻهو جي هڙ ۾ ايتري مُوڙي ڪٿي، جو اهو سير ڪري سگهي. پنهنجي انهي ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ هو ڏهن، پندرنهن روپين جي خرچ سان سفرناما پڙهيو حظ حاصل ڪريو وٺي.

ڪن سفرنامن جا ليکڪ ڪوشش اها ڪندا آهن تہ ڏيساور جي زندگي جا جنسي داستان اهڙي ريت بيان ڪن جو پڙهندڙن جا وات پاڻي پاڻي ٿي پون، اهو تہ محض سفرنامن کي رنگين ۽ چشڪيدار بڻائڻ جو ڊائجسٽي انداز آهي. مون جڏهن عبدالحئي جو پهريون سفرنامون ”ڏوريم ڏيساور“ پڙهيو تہ اُهو سفرنامون ٻين جي ڀيٽ ۾ مونکي گهڻو مختلف ۽ منفرد لڳو. اُنهي کان پوءِ سندس ٻيو سفرنامون ”هو جي وڻ ولات جا“ ڇپيو تہ اُهو ٻہ ساڳئي انداز تي لکيل هو جنهن مان ليکڪ جي هڪ سلجهيل سوچ، ترقي پسند فڪر ۽ تجزياتي ذهن جو پتو پيو ٿي. هيءُ هند جو سفرنامون، ”ديس بديس“ ٻہ ساڳئي طرز فڪر جو هڪ نهايت دلچسپ، پيارو، پُر مغز ۽ احساسن ۽ جذبن جي نازڪ تارن کي ڇُهندڙ آهي. هن سفرنامي جا ڪي ڪي لفظ ۽ جملا تہ ايترا ڇپندڙ ٽُڙ ۽ اثرائتا آهن جو پڙهندي دل ائين ڀڄيوءِ پگهريو پوي جيئن سج جي ڪرڻن سان برف پگهري پوندي آهي.

ڪتاب جي منڍ وارو حصو جنهن ۾ سپنن جي سنسار، هندستان جي پراڻي تاريخ جا پيرا کڻندي تصور ئي تصور ۾ ليکڪ هن صدي ۾ اچي سهيڙيو آهي، ڏاڍو وڻندڙ آهي. هن حصي ۾ ٻوليءَ جي سُونهن ۽ سوڀيا پڙهندڙ کي يقينن موهي ڇڏيندي ۽ هو خود تصور جي دنيا ۾ ڪوئجي صديون پويان هليو ويندو ۽ پاڻ کي وقت جي پرن تي اُڏامندو محسوس ڪندو. سندس نظرن اڳيان صدين جو هندستان پنهنجين تمام رنگينين سان جلوه گر هوندو.

عبدالحئي پليجو منهنجو ويجهو دوست آهي ۽ مونکي ذاتي طرح معلوم آهي تہ هو هڪ سُکئي ارباب گهراڻي جي فرد هئڻ جي باوجود هڪ سُلجهيل قومي ۽ طبقاتي سوچ رکندڙ نوجوان آهي. سندس سوچ ۽ فڪر تي سندس والد صاحب جو وڏو رنگ چڙهيل آهي. مرحوم ارباب نور محمد جهڙا سياڻا ۽ علم دوست ماڻهو ورلي وڏيرڪي گُٽنبن ۾ پيدا ٿيندا آهن.

عبدالحئي جو هي سفرنامون جڏهن ڇپجي پڌرو ٿي پڙهندڙن تائين پهچندو تہ اُن کان اڳ سنڌي پاٺڪ هندستان جا ٽي سفرنامان جيڪي مختلف ماڻهن جا لکيل آهن پڙهي چڪا هوندا. هن سفرنامي جو مطالعو ڪين يقينن اڳين کان ڪجهہ مختلف لڳندو. هن سفرنامي جي ٻولي وڻندڙ هئڻ

سان گڏوگڏ جذبات جو هڪ سيلاب آهي ۽ اُن ۾ ادبي رنگ ۽ روپ جون جهلڪيون بہ نمايان آهن. سڄي سفرنامي ۾ ليڪ هڪ گنڀير داستان سرائي ۾ محو رهيو آهي. پر ڪٿي ڪٿي جذباتي واردات سنڌا سيڙها ٽوڙي ڇڏيا آهن ۽ ائين پيو لڳي تہ سندس قلم جي نوڪ مان اندر جا اُڌما بي اختيار ٽپ ڪائي ڪاغذ تي آيا آهن. هند پاڪ جي ورهاڱي ۽ ديسين جي لڏپلاڻ سندس دل ۽ دماغ کي اهڙو جهنجهوڙيو آهي جو بي اختيار لکي ٿو.

”تنهن سان (يعني هند) سندم سڪ تڏهن تہ ويتر وڌي ويئي هئي جڏهن سندم وجود جي هيرؤشما تي ڪو ائٽم بم ڪريو هو ۽ مُون پنهنجين ٻانهن، ڄنگهن ۽ ٻين عضون کي ڌڙ کان ڌار ٿي ڪوهين پري ڪرندو ڏٺو هو.“

**سر ڍونڍيان ڌڙ ناهہ، ڌڙ ڍونڍيان سر ناهہ**
**هٿ ڪرايون آڱرين ويا ڪپجي ڪانهہ.**
**(شاهہ لطيف)**

جاگرافي جي سنڌن سيڙهن ۾ محصور ٿي ويل هيءُ پٽڪڙو وجود درد مان ٻاڪارڻ لڳو.

**اڏري ويا سڀ وهلور وڳر،**
**ڪا ڪونج نہ موٽي آئي آ.**
**(شيخ اياز)**

هن سفرنامي ۾ وڇڙيل وطن واسين سان مُرڪن ۽ لُڙڪن واري قربائتي ڪچهرين جا داستان بہ آهن تہ هندستان جي موجوده معاشي ، معاشرتي ۽ سياسي صورتحال جا تجزياتي احوال بہ آهن. عبدالحئي جي هن سفرنامي ۾ سياسي تجزيو تہ ضرور هوندو آهي ۽ اهائي سندس مکيہ خصوصيت آهي. هندستان جي قديم آثارن ايلورا ۽ اجنتا جي سير جو ذڪر تاريخي لحاظ کان ڏاڍو معلوماتي ۽ دلچسپ آهي.

ليڪ جڏهن اجنتا جي غارن ۾ سندر نارين جون بهار وانگر قلماڙيل تصويرون ڏسي ٿو تہ سندس جمالياتي ذوق تڙڦي پوي ٿو ۽ پاڻ انهي سونهن جو ذڪر هن دل لُڀائيندڙ انداز ۾ ڪري ٿو

”غارن جي ديوارن تي نڪتل عورتاٽيون تصويرون، اسڪيچ ۽ رنگ روپ جي اعتبار کان پُرڪشش ۽ وڻندڙ آهن. انهن تصويرن ۾ هندستاني سونهن جي ماڪيءَ جهڙي مٺڙي رس ۽ رابيل ۽ چنبيلي جهڙي ڀيني ڀيني مهڪ آهي. هڪ هزار سال گذرڻ کان پوءِ بہ اها مهڪ ۽ سونهن اجان بہ قائم آهي.

هڪڙي غار ۾ هڪ سهڻي وينگس جي وڏيل وارن ۾ سجايل ڦول، چپن تي پيار جي مرڪ ۽ منهن تي شفق جي ڳاڙهاڻ جا رنگ وڪريل ڏسي ائين پائيم تہ ڪاليداس جي شڪنتلا جاڳي رهي آهي يا ميران جو گيت انساني روپ ڌاري وينو آهي يا عمر خيام جي رباعي پيڪر حسن ۾ جلوه گر آهي.“

ليڪڪ جي حساس ذهن ۽ نازڪ جذبن جي هن ڳالهہ مان بہ پروڙ پوي ٿي تہ انهن شاهڪارن جي ساراهہ جا ڍڪ پيري هو ڏڪيءَ دل سان انهيءَ ڳالهہ جو اظهار ڪري ٿو تہ افسوس اهو آهي تہ جن هٿن اهي چٽر چٽيا سي گمنامي جي ڪوهيڙي پويان گم ٿي ويا. سندن شاهڪار تہ موجود آهن پر فنڪارن جي نالن ڪان ڪير بہ واقف ڪونهي. شايد ڪنهن سچ چيو آهي تہ:

**”تخليق کي تخلقيڪار کان وڌيڪ امرتا يا ابديت حاصل هوندي آهي.“**

ليڪڪ اجنتا ۽ ايلورا کي گهمندي رڳو انهن جو مٿاڇرو ذڪر نہ ڪيو آهي پر انهن چٽرن ۽ مورتن مان ڪي معنيٰ جا موتي بہ ميڙيا اٿس. جنهن مان سندس فڪري بلندي ۽ ڏاهپ جي سڌ پوي ٿي. سفرنامون پڙهندي پانڪ کي اهڙا ڏاهپ جا اهڃاڻ (intellectual Touches) جڳهہ جڳهہ نظر ايندا جيڪي پڙهندڙ کي رڪجي ڪجهہ سوچڻ تي مجبور ڪندا. اجنتا غار ۾ هڪ هرڻ جي تصوير کي ڏسندي ليڪڪ لکي ٿو:

”هڪ مرڪزي ٿنڀي تي هڪ عجيب ۽ پُرڪشش اُڪريل چٽر آهي جنهن ۾ چار هرڻ مختلف بيهڪن ۾ ڏيکاريل آهن پر چئني جو مٿو هڪ آهي. هن مُورت کي ڪٿان بہ ڏسبو تہ هرڻ مڪمل نظر ايندو. جيڪڏهن ڳوڙهو ويچار ڪبو تہ هن مورت مان اهو سنديش يا پيغام ملي ٿو تہ ڪثرت ۾ وحدت سمايل آهي. اهو فلسفو هندي ۽ اسلامي تصور ۾ هڪ ئي رنگ روپ ۾ موجود آهي.“ (ص 109)

**لطيف سائين بہ ائين ٻڌايو آهي تہ:**

**وحدت تا ڪثرت ٿي ڪثرت وحدت ڪل.“**

هن قسم جي نڪتہ بيني ۽ نڪتہ بياني سفرنامي کي هڪ دانشورانہ رنگ ڏيئي ڇڏيو آهي. انهي ڪري هي سفرنامون غور ۽ فڪر سان پڙهڻ ۽ هينئين سان هنڊائڻ جهڙو آهي.

ليڪڪ هندستان ۾ دادا گوبند، اُتم، سُندري ۽ سندس ڳوٺاڻن سيٺ مولچند، ڪندن مل چوٿرام سان ملاقاتن جو ذڪر نهايت جذباتي انداز ۾ بيان ڪيو آهي، جيڪا ڳالهہ سياويڪ آهي. سندس هي سٽون ڪيڏي نہ معنيٰ رکن ٿيون:

”ٻنو منهنجو ڳوٺ جيڪو دريا جي ڪپ تي آهي ۽ ساوڻ جي مُند ۾ جنهن جي چوڌاري ٻڌل ٻني (بند) سان مهراڻ جون مست ڇوليون ٽڪرائبيون هيون پر ڪندن مل جي ڪوٺي کي ڪڏهن بہ ڪو

جوکم نہ رسيو. پر هو نفرتن جو سيلاب آيو تنهن صدين جي پاتال ۾ پيل پاڙن کي بہ اُکيڙي ڇڏيو.“ (ص 48)

هندستان جي هڪ شهر جل گاؤن ۾ سنڌ جي مشهور ۽ مها گائڪ شهيد ڀڳت ڪنور رام جي نالي تي قائم ڪيل يادگار سينٽر کي ڏسندي ليکڪ جي دل روئڻهارڪي ٿي پوي ٿي ۽ هُو پنهنجي ديس ۾ پنهنجي بي وسي جي ڏک جي بار هيٺ پاڻ کي دٻيل محسوس ڪري ٿو. انهيءَ بي وسيءَ جو اظهار ڪندي هُو آسروند بہ لڳي ٿو ۽ لکي ٿو:

”هيءُ سينٽر ڏسي خوشي ٿيم پر پنهنجي ماڻهن جي حال تي ملال ٿيم تہ اسان وٽ شهيد ڀڳت ڪنور جهڙي صوفي منش انسان لاءِ جيڪو ڳائڻ کان پوءِ مليل پئسا ضرورتمندن اڳيان مسلمان ۽ هندو جي فرق کان سواءِ ڦهلائي ڇڏيندو هو ڪا بہ يادگار قائم نہ ڪئي وئي آهي. امر ڀڳت ڪنور تہ سنڌ جي مٽيءَ جو جُڙيل هو ۽ اِنهيءَ مٽي ۾ دفن ٿيو پر نفرتن جي هن نگر ۾ هھڙي معصوم انسان کي محبت جي مجتا نہ ملي سگهي. اُهي هٿ ڪيڏا نہ ظالم، بي رحم ۽ ڪنور هئا جن هھڙي پوتر شخص کي شهيد ڪيو.

اُهو وقت دُور نہ آهي جو سنڌي پنهنجي وڃايل وٿ ورائي واپس وٺندا ۽ پنهنجي راڄ، ڀاڳ جا ڌڻي پاڻ ٿيندا. پوءِ ڪا بہ قوت سنڌ جي ريڊيو تان ڀڳت ڪنور جي ڪلام نشر ٿيڻ کان روڪي نہ سگهندي.“

هيءُ سفرنامون پڙهندڙن کي هند جو سير بہ ڪرائيندو تہ ساڻن اندر جا حال بہ اوريندو. اهڙي ريت پڙهندڙ حظ بہ حاصل ڪندا ۽ پنهنجن جذبن ۽ احساسن جو اولڙو بہ پسندا.

**غلام حسين رنگريز**

31 آڪٽوبر 1986ع

# سفرنامو

**بيڪاريءَ کي بَرَ ۾ ويو ڪيف چڙهي،**
**ڳالهيون ڪندي ڪاڪ جون ڳوڙها پيس ڳڙهي،**
**ڪا جا انگ اڙي، جِئَن چِتا ڦٽ چُڙي پيا.**
**لطيف**

آءُ اجان ننڍو هئس تہ بابي مرحوم وٽ سندس پُراڻا ساٿي سنگتي اچي مهمان ٿيندا هئا. حال احوال اوريندي پُراڻين يادگيرين جا دفتر کولي وجهندا هئا. ڪي ذاتي زندگيءَ جا ڏُک سُک تہ ڪي قومي سياست جا يادگار ۽ نہ وسرندڙ واقعا هُنن جي سُخن جا موضوع هوندا هئا. بابو مرحوم ورهاڱي کان اڳ جي هندستاني سياسي صورتحال جو رڳو تماشائي نہ هُئو پر هن گانڌي جي آشرم کان وٺي نهروءَ جي سدابهار ساٿ ۽ سُباش چندر بوس جي جوشيلي انقلابي صحبت جو بہ سواد ماڻيو هو. هندستان جي آزادي جي هلچل ۾ هڪ ڪارڪن جي حيثيث ۾ اتر کان وٺي ڏکڻ تائين هُن سرزمين هند کي گهُميو هو. بابو مرحوم جڏهن بہ هندستان جي پراچين تهذيب، سوُنهن ۽ هندستاني تاريخ جي قدآور شخصيتن جو ذڪر نهايت اُتساهہ سان ڪندو هو تہ آءُ ائين محسوس ڪندو هئس تہ هندستان ڪو سپنن جو سنسار آهي. عُمر گذرڻ سان گڏ منهنجي من ۾ هندستان گهمڻ جو شوق وڌيڪ تيز ٿيندو ويو. انهي شوق جي تسڪين خاطر مون هندستان جي پراچين تاريخ، تهذيبي آثارن، سڀيتا ۽ سياست متعلق ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيا. پڙهندي ۽ ويچاريندي آءُ صديون اورانگهي ويو هئس. منهنجي محويت جو اهو عالم هوندو جو ائين پائيندو هئس تہ هماليہ جي گود مون لاءِ هندوري مثل ٿي ويئي آهي، پهاڙن ۾ پيل دم ڪش يوگي ۽ سنياسي منهنجا ساٿي آهن، رام سان گڏ مون بہ بنواس پوڳيو آهي، شري ڪرشن جي بنسري جي مڌرتا منهنجي من کي موهي ويئي آهي، گنگا جي گهاٽ تي انيڪ اپسرائن کي هنجن جيئن لهندي ڏٺو اٿم، هماليہ جي چوٽين تان پگهرندڙ برف ندين جا وهڪرا بنجي منهنجي ڪنن ۾ سرمدي نغما آلاپي ويئي آهي. ڪاليداس جي شڪنتلا، ڀرتري هري جي دوهن ۽ ميران ٻائي جي گيتن ۾ مونکي پنهنجي دل ڌڙڪندي محسوس ٿي آهي. مونکي هندستان جا ڪلاڪار ۽ ساهتڪار بہ هماليہ جيڏا اوچا لڳا آهن. هزارها سال جي تاريخ جو تسلسل هندستاني ساهت ۽ سڀيتا ۾ اڄ بہ جڳمڳ جرڪي پيو.

هندستان سُونهن، گيان يا ڏاهپ، پراچين آثارن، ڪلاڪارن، ڌرمن، فلسفن، يوگين، سنياسين، نجومين، راجائن، مهاراجائن ۽ ديوتائن جي سرزمين آهي. هتي گوتم راج ڀاڳ ۽ تخت تاج تياڳي گيان ۽ نرواڻ پائڻ لاءِ جبل جهاڳيا، چلا ڪيڍيا ۽ روزا رکيا. Fasting budha(روزه دار

ٻُڌ) جي هڏائين پڃري جهڙي مُورت ۾ جڏهن اکيون کپائي نهاريندو آهيان تہ سندس اکين جي ٻي انت اُونهاين ۾ کوهجي ويندو آهيان. سروم دُکم دکُم(سڀ ڪجهہ دک ئي دک آهي) وارو ٻڌ دکي انسانيت جو symbol لڳندو اٿم. گنڌارا جي وادي ۾ ٽيڪسيلا جي ٽڪرين تي ٻُڌو ديالن / ٻُڌ درسگاهن مان اُوچا آدرش پائي نڪرندڙ گيڙو چادر اوڍيل گياني ۽ ڀڪشو سچ ۽ سونهن جي سرهاڻ پکيڙيندا ڏسڻ ۾ ايندا اٿم. هند کان وٺي سنڌ تائين ڦهليل ٻُڌ اسٽوپا ٻُڌ ڌرم جي اوج جا يادگار آهن.

هندستان اُهو ديس آهي جتي علم ۽ ڄاڻ/ گيان جي تقدس کي هر تقدس تي فوقيت ڏني ويئي. شري مد ڀڳوت گيتا جا هي ٻول ڪيڏا نہ سچ جا ساکي آهن!

(1)او پارٿ! گيان ڀگيہ ڌن جي يگيہ ۽ يگين کان وڏيڪ سريشٽ آهي ، ڇو جو سمورو ڪرم ڦل گيان ۾ سمايل آهي.

(2) اهو گيان برهم گيانين کي نمسڪار ۽ شيوا ڪرڻ سان سک، اهڙا گياني توکي برهم گيان اُپديش ڏيندا.

(3) اهو گيان پراپت ڪرڻ کان پوءِ هي پاندو! توکي وري اهڙو موهہ نہ ٿيندو ۽اِنهي گيان کان پوءِ تون سڀ جڳت "مون" ۽ پاڻ ۾ ڏسندين.

(4) جيڪڏهن سيني پاپين ۾ تون مها پاپي هُجين تہ بہ گيان روپي ٽُرهي تي چڙهي، سيني پاپن کان تري پار پوندي.

(5) هي ارجن! جيئن ڪاٺين کي زور ٻرندڙ ڪاٺين جو ڀنيٿ جلائي ٿو تيئن برهم گيان اگني (باه) سيني ڪرمن کي ناس ڪري ڇڏي ٿي.

(6) گيان (علم يا ڄاڻ) جهڙي جڳت ۾ پويتر (پاڪ) ڪندڙ ٻي ڪا بہ شئي نہ آهي. اهڙي برهم گيان کي جنهن ماڻهو يوگ سڌ ڪيو آهي، سو اهو گيان پنهنجي آتما ۾ حاصل ڪري سگهي ٿو.

اها نور جي ورڪا صرف هند جي ڌرتي تائين محدود نہ رهي پر ڏور ڏيساورن تائين بہ ڦهلي. هتي جي ويدانتين پيار ۽ پريم ۽ ايڪتا جي پرچار ڪري مَنن جا مير ڏوتا. هتي جي ڀڪشوئن سڪندر يوناني جي اڳيان هڪ ڇنگهہ تي ٻيهي حياتيءَ جا اسرار کوليا. هتي دنيا جا اولين ڪتاب ويد تخليق ٿيا. هتي نجوم، طب، تصوف ۽ آرٽ جا انمول شاهڪار پيدا ٿيا. هندستان پنهنجي رنگارنگي ۽ پُراسراريت جي ڪري هڪ ( Myth ) ڪٿا، ۽ هڪ (Mystery ) يعني ڳُجهہ بڻيو رهيو آهي. تاريخ جي روايتن ۾ هنجي سُونهن ۽ سرهائي جون ضرب المثل ڪهاڻيون اولاهين ۽ اُڀرندي ڏينهن لاءِ ڪشش ۽ تجسس جو باعث بڻيون. يوناني، ايراني، پارسي، فنيقي، ساساني، عرب، پورچوگيز، منگول، افغان، تغلق، غوري، خلجي، لوڌي ۽ انگريز سڀ ڌوڪيندا هن ديس پهتا تہ هتي جي واريءَ مان سون حاصل ڪري سگهن، ڪبوترن جي بيضن جيڏون لعلون لٽي سگهن، مندرن جي ڪلسن تي لڳل سون لُٽي سگهن، راجائن جي محلن مان موتي ۽ جواهرن جون خرزينون ڀري

سگهن، هتان جي گرم مسالن جي کيتن مان غوراب پري ڏيساور وڪرو ڪري مال ميڙي سگهن، ڪاش اهي مال و متاع جا ديوانا لُٽيرا هندستان جي پيرين اگهاڙي ساڌوئن کان ڪي سچ، سونهن، ايڪتا ۽ انسانيت جا سنديش به وٺن ها.

انهي سپنن جي سنسار جنهن ۾ گنگا جمنا به هئي، تاج محل به هو ايلورا جو غفائون به هيون، چانهه جا سدا ساوا کيت به هئا. ڪشمير جي جنت به هئي، هماليه جي اُتاهين چوٽي به هئي، لال قلعو به هو قطب مينار به هو سرمد شهيد جي مزار به هئي، اُجڙيل ۽ وسيل دهلي به هئي، لکنوءَ جي رنگيني به هئي، ٽئگور جي شانتينڪيتن به هئي، ديوبند به هو غالب به هو مير به هو تلسيداس به هو اڪبر جو اوج به هو عالمگير جي سيف بي نيام جو ڪُنل دارا به هو بهادر شاه ظفر جي بيچارگي جا اُڏامندڙ لمحا به هئا، جليانواله جي ڪوس جو يادگار به هو ڀڳت سنگهه جا ”سُوري“ تي لٽڪندڙ سورج جو سپنو پسندڙ ننڍاڪڙا نيڻ به هئا. ذات پات جي مت ڀيد ۽ غربت جي چَڪي ۾ پيسجندڙ ڪروڙين لوڪ به هئا. راجائن ۽ مهاراجائن جون رنگ رليون به هيون ته جهانسي جي راڻي، تانيا ٽوپي، گانڌي، بوس، آزاد، حسين احمد مدني، شيخ الهند، عبيدالله سنڌي، ايم.اين.رائي، ڀڳت سنگهه، گُر ديو راڌا ڪرشن، ۽ نهرو جهڙا سورهيه، سياڻا ۽ سچار سپوت به هئا تنهن سان سندم سڪ تڏهن ته ويتر وڌي ويئي هئي جڏهن سندم وجود جي هيروشيما تي ڪو ائٽم بم ڪريو هو ۽ مون پنهنجين ٻانهن جنگهن ۽ ٻين عضون کي ڌڙ کان ڌار ٿي ڪوهين پري ڪرندي ڏٺو هو.

**سِر ڏُونديان ڌڙ نانهه، تڙ ڏُونديان سِر نانهه**
**هٿ ڪرايون آڱريون ويا ڪپجي ڪانهه**

جاگرافي جي سنڌن سيڙهن ۾ محصور ٿي ويل هي پتڪڙو وجود درد مان ٻاڪارڻ لڳو.

اُڏري ويا سڀ وهلور وڳر،
ڪا ڪُونج نه موٽي آئي آ.
شيخ اياز

آءُ اهو سپنن جو سنسان ساڻ ڪٽي هند جي ڌرتيءَ اُسهڻ جا سانباها سٽي رهيو هئس. رڳو سوچيم هيءُ پي ته اڪيلو سفر تي اُسهجي يا ڪو ساٿي به ساڻ ڪٽجي. سندم پيارو دوست ڊاڪٽر راجو هر سال ٻاهر هلڻ جي نيت ڏيکاريندو هو پر ڪن اڻ ٽر مصروفيتن سبب پاڻ رهجي ويندو هو ۽ آءُ هتان هُتان جا ڏوران ڏيهه ڏسي ورندو هئس. جڏهن ولايتن جون ڳالهيون ويهي ٻڌائيندو هئس ته

همراھ ڪاوڙجي پوندو ھو تہ يار تون ھر واري مونکي ڇڏيو وڃين نہ تہ اسين بہ ڪر اھي سير سفر جا مزا ماڻي پيا ٻُود ۾ پرجون ھا. سو ھن ڀيري مون بہ پھ ڪيو تہ ڊاڪٽر راڄي کي ضرور ساڻ ڪڻي ھند جو سير ڪبو.

ھڪ ڏيھاڙي اِھا ست ستي وڃي گولاڙچي رسيس ۾ ڊاڪٽر جي ڪلينڪ تي پھتس تہ پاڻ مريضن چڪاسڻ ۾ مصروف ھو. عليڪ سليڪ ۾ آڌرڀاءُ کان پوءِ چيائين تہ توھان اندر ڊرائنگ روم ۾ ھلي ويھو آءُ اجھو اچان ٿو. (ڊاڪٽر جي ڪلينڪ سندس بنگلي ۾ ئي آھي) اسان کي سندس ملازم ڊرائنگ روم کولي ڏنو ۽ پوءِ فرج مان ٿڌي ڪوڪ ڪڍي ڏني ۽ پاڻ پاسيرو ويھي رھيو. اسان ڪلاڪ کن مختلف اخبارون ۽ رسالا ڏسندا رھياسين تيستائين ڊاڪٽر بہ اچي ويو. سنڌي روايت مطابق ٻيھر خوش مرحبا ڪرڻ کان پوءِ ھيڏانھن ھوڏانھن جون ڳالھيون ڪندي مون مطلب جي ڳالھ ڪئي تہ "ڊاڪٽر صاحب ھن سال ٻاھر ھلڻ لاءِ تيار ٿيو ھن سال اوھانکي ضرور وٺي ھلبو." اِنھي تي پاڻ وراڻيائين ڪيڏانھن ھلبو ۽ ٻيو ڪير ساٿي ھوندو. مون چيومانس تہ جيڏانھن اوھان جو روح چئي تہ پاڻ ھڪدم چيائين تہ يار ھندستان ھلون. مونکي ھندستان گھمڻ جو ڏاڍو شوق آھي. آءُ تہ اڳي ئي انڊيا گھمڻ لاءِ آتو ھئس سو مون بہ نھ پھ ھاڪار ڪري چيو تہ پوءِ بس دير نہ ڪريو مونکي ڏيو اوھانجو پاسپورٽ. ماني ٽڪي کائي پاسپورٽ وٺي ڪراچي روانا ٿياسين. ڪراچي پھچڻ شرط پھريائين الصدق ٽريول ايجنسي آياسين. ھيءَ ايجنسي اسانجي پراڻي يار عبدالحق ميمڻ جي آھي. اسان جو جڏھن بہ ڪيڏانھن ٻاھر وڃڻ ٿئي تہ اچيو عبدالحق جي اجھي سھڙون. ويچارو مڙس اھڙو قرباڻتو جو لڪ مان ڏي. مھمانيون جھلي، ٽڪيٽون وٺي ڏي ۽ انھن تان ڪميشن بہ نہ پاڻ وٺي ۽ نہ ڪنھن ٻي کي وٺڻ ڏي. چوندا آھن تہ مڙس اُھو جو توڙ نباھي سو يار عبدالحق بہ پڄاڙي ھوائي جھاز تي چاڙھي الوداع ڪري پوءِ گھر موٽي. ڪراچيءَ ۾ گھمڻ ڦرڻ لاءِ ڪيڏانھن وڃون تہ مُور اڪيلو نہ ڇڏي جڙ تہ اسان اڻ سُونھان ۽ اڻ ڄاڻ ھجون. مزاح ۾ ڪل پوڳ ڪندي چوي تہ ڀاءُ اوھين ڳوناٺا ماڻھو متان ڪراچيءَ جي جھنگل ۾ ڀلجي وڃو اِنھي ڪري منھنجو اوھان سان گڏ ھلڻ ضروري آھي. ھمراھ اھڙو ياروبس ۽ دلپذير جو جتي ٻاھر وڃون اتي ٽيليفونون ڪري خبر چار لھي. سندس اِنھي ياري باشي واري طبيعت جي ڪري ڏسبو تہ سندس آفيس ۾ گراھڪن جي اچ وڃ گھٽ پر يارن دوستن جي رش زياده ھوندي آھي. سندس اھي حال ڏسي چوندو آھيانس تہ ٻيلي تنھنجا اِھي جي يار تہ تو واري ايجنسي ھلي سا ھلي. سو ھن ڀيري مونکي چيائين تہ ھل تہ توکي ھڪ (Surprise ) سرپرائيز ڏيان. مون گھڻي ئي اڳ ڪٿڻ جي ڪوشش ڪئي پر پرولي سلي نہ سگھيس. نيٺ سندس ڪار ۾ ويناسين جيڪا ھن ڀيري بدليل ھئي ۽ اُنھي جو سبب بہ پڇيومانس تہ چيائين بس ويھ اڳتي ھلي سڀ ٿو سمجھائين. ڪار ڪلفٽن جي پُل پار ڪري اچي ھڪ آفيس اڳيان رُڪي. ڪار مان لٿاسين تہ اشارو ڪري چيائين تہ ھُو پڙھ مون ڏٺو تہ بورڊ تي

لڪيل هو ”الصدف ٽريول ايجنسي“ آفيس اندر داخل ٿياسين تہ چا ڏسون, تمام سٺي نموني آراستہ ۽ سجايل آفيس جنهن جهڙي ڀي ٽريول ايجنسي شايد ئي ڪراچي ۾ (Decorate) ٿيل هجي. چيائين, ”ڪيئن وڻيئہ!“ وراڻيم, ”واهہ واهہ هي سڀ تنهنجي پورهئي جو ڦل آهي.“ گهڙي پل اتي ترسياسين۽ پوءِ موٽي سندس ميٽروپول هوٽل واري آفيس ۾ آياسين جتي احوال اوريندي من جي مراد ۽ پنهنجو رُوٽ بہ ٻڌايومانس. پاڻ يڪدم ايئرلائنز آفيس ڏانهن ٽيليفونن ڪرڻ ۾ لڳي ويو. توهان ٿورڙي دير ڪنهن ٽريول ايجنسي آفيس ۾ ويو تہ فونن جا ڪڙڪا ڪن ڪائي ڇڏيندا. ويٺي ويٺي سڄي دنيا جي ملڪن جا نالا پيا ٻڌندا ۽ ٽيليفون جي گهنٽي سيخ بنجي ذهن مان پار نڪرندي محسوس ڪندا. هڪ ئي وقت چار چار ڇٽا/ڇٽيون فون تي وٺ وٺان ڪن ، ائين لڳي تہ ڪير بہ ڪنهن جي ڳالهہ نٿو سمجهي, سو ويٺلن جون وايون بتال ٿيون وڃن. عبدالحق انهي دوران ڪافي ايئرلائنز سان ڳالهائي ورتو ۽ آخر ۾ اسان کي چيائين تہ اوهان لاءِ ايئر لنڪا بهتر رهندي ۽ سندس رُوٽ بہ توهانجي پسند وٽان آهي ۽ اُنهي ۾ وڏيڪ هڪ ملڪ جو اضافو بہ آهي. يعني بمبئي کان پوءِ توهان کي ڪولمبو وڃڻو پوندو جتي چوويهہ ڪلاڪ لاءِ توهان فائيو اسٽار هوٽل ۾ ايئر لنڪا جا مهمان هوندا ۽ هوٽل جو بل ايئر لنڪا برداشت ڪندي, اُنهي کان پوءِ ”خوش رهو پنهنجي خرچ تي“ توهان کي ڪولمبو ۾ وقت گذارڻو پوندو. ڪولمبو کان لنڊن لاءِ هفتي ۾ چار اڏامون آهن جڏهن بہ طبيعت چاهي تہ روانا ٿي وڃو. مون سندس راءِ تي هائوڪار ڪئي ۽ پئسا, پاسپورٽ, ۽ سجاڳپ ڪارڊ ڪيس حوالي ڪيم ۽ چيم تہ ايئر لنڪا ايئرلائنز وارن سان اڳواٽ ڳالهائي هر سرڪٽ لاءِ ٽڪيٽ اوڪي ڪرائي ڏي ۽ ڪٽي بہ چانس تي نہ رکجان ڇو تہ پوءِ ڏاڍي تڪليف ٿئي ٿي ۽ ڪڏهن تہ سيٽ بہ نہ ملندي آهي. انهي ڪري هر حال ۾ ڪوشش ڪري هر سرڪٽ لاءِ ٽڪيٽ اوڪي ڪرائي ڪم پڪو ڪري ڇڏج. پاڻ وري فونن ڪرڻ ۾ جنبي ويو ۽ اسان اخبارون پڙهڻ ۾ لڳي وياسين. نيٺ خدا خدا ڪري ٽيليفون مان هٿ ڪڍيائين ۽چيائين تہ سڀ نيڪ آهي, توهان جون ٽڪيٽون هر سرڪٽ لاءِ اوڪي ٿي ويون آهن. توهان جي اُڏام (فلائيٽ) ڇنڇر ۽ آچر جي وچ واري رات 26 تاريخ هڪ وڳي آهي ۽ اُڏام جو نمبر آهي (L.U.182) توهان اُنهي ڏينهن ٻنهپرن جو منهنجي گهر اچجو۽ اُتان ٽڪيٽون وغيره کڻجو. پاڻ مانيءَ کائڻ لاءِ ڏاڍا وس ڪيائين پر هن ڀيري معافي وٺي روانگي واري ڏينهن لنچ ڪرڻ جو واعدو ڪري جند ڇڏائيسين. مون اُتائين ٽيليفون ڪري ڊاڪٽر راجي کي سربستو احوال ٻڌايو ۽ چيو تہ 23 تاريخ تي سڌا عبدالحق جي گهر پهچجو. اُنهي رات ئي پنهنجي فلائيٽ آهي. آءُ ڪراچي کان سڌو ڳوٺ پهتس ۽ رهيل سهيل ڪم ڪار هنڊيڪا ڪري باقي معاملا مئنيجر کي سمجهائي 23 تاريخ تي ڪراچي اُسهيس ۽ سڌو حق جي گهر سهڙيس. ڊاڪٽر صاحب اڳواٽ ئي ٻاهر گاڏي جهليو انتظار ڪري رهيو

هو. اسان هڪ ٻئي سان خوش مرحبا ڪري حالي احوالي ٿي اندر وياسين تہ حق اڳي ئي اوسيئڙي ۾ هو.

اسان اُتي ئي لنچ ڪئي ۽ فلم بہ ڏٺي ۽ پوءِ ڪاغذ پٽ ميڙي سيڙي ڪائنس موڪلائي روانا ٿياسين. پاڻ چيائين تہ فلائيٽ جي ٽائيم تي هو اتي پهچي ويندو. اسان چيس تہ اهڙي زحمت وٺڻ جي ضرورت تہ ڪانهي پر مڙس ۾ ڇڏ سو چيائين وڏيڪا احوال اڏي تي اوربا چڱو الله بيلي. اسان ڪائنس موڪلائي شهر آياسين ۽ سفر لاءِ ضروري سامان خريد ڪيوسين جنهن ۾ ڪتاب ۽ ڪئسيٽون بہ هئا جيڪي اتي جي دوستن کي ڏيڻا هئا. هند جي سنڌي ادب دوست ساٿين لاءِ سنڌ مان سنڌي ڪتاب ۽ سنڌي ڪئسيٽون هڪ بهترين سوغات آهن. پنهنجي وطن کان ڪوهين دور سنڌ جي مٽيءَ لاءِ سڪندڙ سنڌي يائرن لاءِ ڪنهن سنڌي جي هند ۾ پهچ ئي وڏي وٿ آهي. ڪنهن سنڌي کي هند ۾ ڏسي هو ائين پائيندا آهن تہ ڌرتي ماءُ کان وڇڙيل پٽن وٽ خود سنڌ ماءُ هلي آئي آهي. تاريخ جي هيءَ بہ عجيب ٽريجڊي / المناڪ ڪهاڻي آهي تہ جنهن مٽيءَ مان سنڌن جيءُ جُڙيو جنهن مٽيءَ سان سنڌن ازل ۽ ابد جا رشتا هئا. جنهن ڌرتيءَ تي ڇاوا نپنا ۽ جتي جي هيرُن ۾ پلجي جوان ٿيا. جتي سارين جي سُڳنڌ سندن تن کي واسيو جتي سنڌوءَ جو پاڻي سندن رڳن ۾ رت بنجي ڊوڙيو جتي لطيف، سچل، سامي، شاهہ عنايت شهيد ۽ ڀڳت ڪنور رام سندس ذهنن ۽ ضميرن کي جاڳايو. جتي آڪاڙ جي نڌهن اُس، پوهہ جي پارن ۽ ساوڻ جي وسڪار سندن جيئندان جا گس گهيڙيا ۽ جتي تنبوري جي تان سندن مَن کي موم ڪيو تنهن ڌرتي کي ڏسڻ لاءِ بہ آتا هئا. سرحدن جا ليڪا بہ ڪيڏا نہ ڪنور آهن. هزارن لکن سال کان هن ڌرتي تي سوين قومون ايندون رهيون آهن، پر تاريخ شاهد آهي تہ هي پهريون ڀيرو هو جو سنڌ جا سنڌي پنهنجي ڌرتي ڇڏي ڌاريئن ديس وڃي رهيا هُئا.

شام جو شهر ۾ ڪافي يارن دوستن سان ملياسين اهڙي نموني وقت گذاري رات جو 11 بجي هوائي اڏي پهتاسين. هوائي اڏي تي ڪافي يار دوست الوداع چوڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا هئا جن ۾ علي محمد رضوي ايڊيشنل سيشن جج، عبدالحق، غلام محمد سمون، شمشير جنگ، غلام رسول، مير نصير، عبدالحليم ميمڻ، غلام حيدر، عبدالغني، ڊاڪٽر عبدالڪريم ۽ ٻيا شامل هئا. ڊاڪٽر راڄي کي بہ بدين ۽ گولاڙجيءَ جا ڪيترائي دوست الوداع چوڻ آيا هئا. اسان سيني دوستن کان موڪلائي اندر روانا ٿياسين جتي پراڻا دوست مسٽر پٽي اميگريشن سب انسپيڪٽر ۽ ڊاڪٽر پريتم ايئرپورٽ هيلٿ آفيسر مليا جن وڏا وڙ ڪري وڏي مدد ڪئي. اسان بورڊنگ، اميگريشن ۽ سيڪورٽي چڪاس مڪمل ڪرائي اندر ٽرانزٽ لائونج ۾ پهتاسين. جتي مسٽر پٽي مهرباني ڪري ٻاهران سنا پان گهرائي ڏنا جيڪي اسان کي بمبئي تائين ڪتب ايندا رهيا. مون هيستائين جيڪي بہ هوائي اڏا ڏٺا آهن تن ۾ ڪراچي هوائي اڏو ننڍي ۾ ننڍو هوائي اڏو آهي. انهي ڪري انهي

کي " Mini Airport" چئجي تہ بيجا نہ ٿيندو. هن اڏي جي ٽرانزٽ لائونج ۾ اُن وقت ڏاڍي گھڻ ٻُسٽ ساھ پٽي منجهائيندي آهي جڏهن جهازن جي تبديلي لاءِ مسافر اچي مڙندا آهن. ٿيندو هيئن آهي تہ وچ مشرق جي ڪنهن ملڪ ڏانهن ويندڙ مسافر جيڪي منيلا، بئنڪاڪ، ڪولمبو، بمبئي، جڪارتا يا سيول کان چڙهندا آهن جتان اُنهي ملڪ لاءِ ڪا سڌي پرواز نہ هوندي آهي تہ پوءِ اُهي هتي لهي ٻي پرواز جو انتظار ڪندا آهن جيڪا کين سندن منزل تي رسائي. اهو انتظار ڪڏهن چند ڪلاڪن تہ ڪڏهن اجان بہ وڏي عرصي جو هوندو آهي . چند ڪلاڪن وارا تہ ٽرانزٽ لائونج ۾ ئي ويٺا اوسيئڙو ڪندا آهن باقي ڊگھ عرصي وارن کي سنيون ۾ سُکيون ايئرلائنز هوٽل ووچر ڏينديون آهن تہ جيئن مسافر هوائي ڪمپنين جي خرچن تي هوٽلن ۾ وقت گذاري سگھن پر ڪي ڪٽل ايئرلائنز تہ پاڻي جي گلاس پيارڻ کان بہ ويل هونديون آهن. اهڙي صورتحال ۾ مسافر مجبور ٿي پنهنجي خرچ تي ڪنهن هوٽل ۾ بسيرو ڪندا آهن. ڪي مسافر پرديس ۾ ايتري خرچ جو بار ڪٽي نہ سگھندا آهن تہ پوءِ هوائي اڏي تي ئي ويٺا پنڪيون ڪائيندا آهن. سندس اها حالت افسوس جوڳي هوندي آهي.

ڪڏهن ڪڏهن وري ڪن مسافرن سان هيءَ تعديءَ بہ ٿيندي آهي تہ اُهي اهڙي ملڪ جا هوندا آهن جيڪي ويزا کان سواءِ اسان جي ملڪ اندر داخل نہ ٿي سگھندا آهن تہ پوءِ اهي چاهڻ جي باوجود بہ پنهنجي خرچ تي ڪنهن هوٽل ۾ رهي نہ سگھندا آهن

رات جي وقت انٽرنيشنل هوائي اڏن تي گھڻي رش رهندي آهي. ڇاڪاڻ تہ هوائي اُڏامن جي گھڻائي رات جي وقت ئي هوندي آهي. ڏينهن جو جيڪڏهن 50 اڏامون هونديون آهن تہ رات جو ٻيڻيون ٽيڻيون هونديون آهن. جيڪڏهن هوائي اڏي تي ڊپارچر ڪليئرنس ۽ ارائيول ڪليئرنس جا ڪائونٽر الڳ آهن تہ نيڪ جي نہ تہ مسافر جو سِر ئي ويو. هيئنر صرف چند هوائي اڏن تي اهي سهولتون مهيا نہ آهن ورنہ ٻين سيني اڏن تي تمام جديد سهولتون مهيا آهن. اسان جو تہ حال ئي نرالو آهي . لوڪ لهوار تہ اسان جو ملڪ اوپارو. اسان وٽ تہ سهولتون تہ سهولتن جي ماڳ موربگو ڪروڙها روپين جي لاڳت سان تيار ٿيل هوائي اڏن جون عمارتون نهيو مس راس ٿين تہ ڏڙام سان اچيو پٽ تي پون. مکڻ جي ماڙين جي ٺاهڻ جي مهارت تہ ڪو اسان کان سکي. اسان وٽ ويجهڙائي ۾ اهڙا بہ واقعا ٿي گذريا آهن جو برسات پوڻ سبب هوائي اڏي جي عمارت واريءَ جي پٽ جيئن ڀُري وڃي پُون پيڙي ٿي.

فاعتبرو يا اولا بصار!

(اکين وارن لاءِ عبرت آهي)

هتي بہ ڪليئرنس لاءِ الڳ الڳ انتظام نہ آهي انهي ڪري رات جي رش ۾ وٺ وٺان جو عالم هو. اندر آرام جي بينڪ تہ پنهنجي جاءِ موربگو ساھ پي منجهيو. دعائون پي گھريونسين تہ اڏام

صحيح وقت تي ٿئي. نيٽ انائونسمينٽ ٿي ۽ اسان ٻاهر رن وي تي اچي بس ۾ چڙهي جهاز پيڙا ٿياسين. جهاز جيئن ته ننڍو هو انهي ڪري مسافرن جي مٿس وڏي رش نه هئي ۽ جلدي ئي پَر پکيڙي وٺي اڏاڻو.

ڪراچي کان بمبئي پهچندي سوا يا ڏيڍ ڪلاڪ لڳيو وڃي. جهاز اُڏامڻ کان پوءِ درمياني وقفي ۾ اسان کي پئٽيز ۽ ڪافي آڇي ويئي. جهاز جي اُڏامڻ کان پوءِ فورن جهٽڪا محسوس ٿيڻ لڳا ته سڀ مسافر پريشان ٿي پيا. هوائي حادثن جا دل ڏاريندڙ واقعا ڪنهن کان به ڳجها نه آهن انهي ڪري اندر جو خوف اهڙن موقعن تي ويتر وڏي ويندو آهي. اسان هوائي ميزبانن (ايئر هوسٽس) کي سڏي ڪانئس جهٽڪن جو ڪارڻ پُڇيو ته ته ٻُڌايائين ٻاهر طوفان ۽ برسات آهي. اِهي جهٽڪا بمبئي پهچڻ کان ٿورو اڳ ختم ٿيا. ٻئي ڏينهن صبح بمبئي پهچڻ کان پوءِ اسان اخبارن ۾ پڙهيو ته گجرات ۾ ويهن سالن کان پوءِ هي وڏو وسڪارو ٿيو آهي ۽ ڪيترائي ماڻهو ۽ مال برسات سبب مري ويا آهن. عجب آهي ته اسان هيڏو سارو وسڪارو سر تي وسائيندا خيريت سان ماڳ رسي وياسين پر پنهنجن ڪکن ۾ آرامي لوڪ ويچارا انهي بي پناهه برسات جو بک ٿي ويا. هندستان جي وزيراعظم اندرا گاندي متاثر ايراضين جي دوري تي رواني ٿي ويئي هئي.

ٿورڙي دير کان پوءِ ايئر لنڪا جي ايئر هوسٽيس پنهنجي سُريلي آواز ۾ ٻڌايو ته هاڻي اسان بمبئي جي سانتا ڪروز هوائي اڏي تي لهڻ وارا آهيون. هوائي ميزبانن جون سنهڙن چپڙن مان نڪتل سُريلو آواز ڪنن ۾ رَس گهوليندو. دل جي ڌڙڪن تائين پهچي ويو. جيئن ته سڄو سفر اڙانگو رهيو انهي ڪري سيني مسافرن کي بيلٽ ٻڌل ئي رهيا. اِنهي ڪري انائونسر کي بيلٽ ٻڌڻ جي هدايت ڏيڻ جي زحمت ئي نه ڪرڻي پئي. جهٽڪن مان جان ڇُٽيسين ته وڃي پيٽ ۾ ساهه پيو. درين مان هيٺ نهار ڪري ڏٺوسين ته بمبئي جو شهر جڳمڳ جرڪي رهيو هو. ٿورڙي ئي دير ۾ جهاز رن وي تي لٿو. هن جهاز کي هتي پاڻُو ڪري وري ڪولمبو اُسهڻو هو. سو اسان جلدي جلدي پنهنجا سامان سهيڙي هيٺ لهي اچي بس پيڙا ٿياسين. بس اچي ايئرپورٽ بلڊنگ وٽ بيٺي ۽ اسان هڪ هڪ ٿي هيٺ لٿاسين. ۽ بلڊنگ اندر داخل ٿياسين. بلڊنگ ڪافي وڏي ۽ ويڪري هئي پر اندران ڪا خاص سجايل نه هئي. هندستاني فلمن ۾ توهان کي سڀ آفيسر هندي ڳالهائيندي نظر ايندا پر عملي طرح هتي نمونو اور هو. اسان جڏهن اميگريشن لاءِ قطار ۾ بيناسين ته مون انهي ڳالهه جو غور سان اڀياس ڪيو ته ايئرپورٽ سيڪورٽي، اميگريشن، هيلٿ، ڪسٽمس، هوٽل رزرويشن، مَني ايڪسچينج بئنڪ، ٽيڪسي وران هڪ نه پر ڪيترين ئي ٻوليون ڳالهايون ٿي. دنيا جي ڪنهن به هوائي اڏي تي اهڙو منظر ڏسڻ ۾ نه ايندو. جپان ۾ ايئرپورٽ اسٽاف توهان کي صرف جپاني ٻولي ڳالهائيندي نظر ايندو.

هانگ ڪانگ ۾ چيني ٻولي ڳالهائيندي نظر ايندو. هانگ ڪانگ جيتوڻيڪ انگريزن جي راڄ هيٺ رهيو آهي تہ بہ اتي جا آفيسر هڪ ٻئي سان چيني ٻولي ۾ ڳالهائيندا نظر ايندا آهن. مسافرن سان انگريزي ڳالهائڻ وارو ڪو ورلي ڏسڻ ۾ ايندو. جڏهن تہ اسان جي ڪراچي هوائي اڏي تي پنجابي، پشتو، سنڌي ۽ اردو وغيره ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو نوڪرين ۾ آهن پر اُهي هڪ ٻئي سان پنهنجي ٻولي ۾ ڳالهائڻ بجاءِ اردو ۾ ئي ڳالهائيندا نظر ايندا. ورلي ڪو اهڙو ماڻهو ملندو جيڪو پنهنجي هم زبان سان پنهنجي ماءُ جي ٻولي ۾ ڳالهائيندو هوندو.

بمبئي ۾ معاملو ان جي برعڪس آهي. هوائي اڏو تہ ڇا پر بازارن، هوٽلن، دڪانن وغيره تي مختلف ماڻهو مختلف ٻولين ۾ ڳالهائيندا ڏسڻ ۾ نظر ايندا. ٻولي سان گڏ سنڌن قد بُت، هڏ ڪاٺي، رنگ روپ ۽ صورتن جا نقشا بہ بدليل ڏسڻ ۾ ايندا. بمبئي ڀانت ڀانت جي قسمن جي ماڻهن جو شهر آهي جتي وڻ وڻ جي ڪاٺي اچي مڙي آهي. هندستان ۾ ڪنهن بہ هڪ ٻوليءَ جي هڪ هٽي نہ آهي ۽ نہ ئي حڪومت جي پريس يا نشر و اشاعت جا ٻيا ادارا اهڙي ڪا هاءِ گهوڙا ۽ واويلا مچائين ٿا تہ هندي ٻولي جي اُتم حيثيت نہ هئڻ ڪري هندو ڌرم يا هندستان کي خطرو آهي. اُتي سڀني ٻولين کي پنهنجو مقام مليل آهي انهي ڪري اُتي جا ماڻهو ٻوليءَ جي جارحيت سبب ڪنهن بہ احساس ڪمتري ۾ مبتلا نہ آهن.

بمبئي هوائي اڏي جي اميگريشن ڪليئرنس جو طريقو ۽ ڪائونٽر بلڪل ڪراچي هوائي اڏي جيان آهي. مثلا جيئن اسان وٽ آهي تہ پاڪستاني الڳ لائين ۾، هندستاني جدا قطار ۾ ۽ ٻيا باشندا/سياح الڳ قطار ۾ هوندا آهن تيئن بمبئي ۾ بہ ساڳئي ريت رائج آهي. هتي بمبئي هوائي اڏي تي اميگريشن عملي جي جيڪا پوشاڪ هئي تنهن ڪان ڪراچي عملي جي پوشاڪ وڌيڪ سهڻي ۽ سٺي آهي. باقي ڪسٽمس وارن جي يونيفارم ٻنهي پار هڪ جهڙي سفيد آهي.

اسان پنهنجي واري اچڻ تي پنهنجا پاسپورٽ اميگريشن آفيسر اڳيان پيش ڪيا جنهن ضروري داخلائون ڪري اُن ۾ هڪ پنو وجهي اسان کي پاسپورٽ موٽائي ڏنا ۽ چيائين تہ هي پرزو توهان کي چوويهہ ڪلاڪن اندر بمبئي پوليس اسپيشل برانچ ۾ آفيسر اڳيان پيش ڪرڻو آهي.

اميگريشن وارن مان جند ڇڏائي ڪسٽم وارن وٽ پهتاسين. جيئن تہ ڪيترائي مسافر اميگريشن کان واندا ٿي ڪسٽم ڪائونٽر تي پهچي چُڪا هئا. انهيءَ ڪري سڀ ڪائونٽر فل هئا. جيڪڏهن اسان پنهنجي واري جو انتظار ڪريون تہ ڪافي وقت لڳي ها انهيءَ ڪري مون هڪ ڪسٽم آفيسر کي جيڪو مسافرن جي جانچ پڙتال لاءِ نہ ڪسٽم عملي جي ڪارگردگي جي جانچ لاءِ بيٺل هو عرض ڪيم تہ اسان وٽ ڪو بہ سامان نہ آهي انهي ڪري اجايو انتظار ڪرڻو پوندو انهيءَ ڪري اسان کي فارغ ڪريو تہ ڏاڍو ڇڱو پر وراڻيائين تہ ايتري رش نہ آهي ڪو خاص وقت نہ لڳندو. توهان بہ ٻين مسافرن وانگي پنهنجي واري جو انتظار ڪريو. مون ڇيس رش تہ واقعي ڪا

خاص نہ آهي پر توهان جا همراهہ اهڙي ريت چيڪنگ پيا ڪن جو جهڙوڪ پهريون ڀيرو چيڪنگ جي ڪم تي آيا آهن. هر شيءِ کي پيا سونگهين. انهي تي هو ڪِلي پيو ۽ پڇيائين توهان ڇا ڪندا آهيو؟ مون ٻڌايس تہ آءُ زميندار آهيان ۽ ڪنهن وقت ڪراچي ايئرپورٽ تي اميگريشن آفيسر رهي چڪو آهيان. همراهہ کي ڳالهہ ذهن ۾ ويٺي سو چيائين تہ اها ڳالهہ توهان اڳ ۾ ڪريو ها. مون چيو اهڙي ڪا ڳالهہ نہ آهي ۽ اهو مناسب نٿو لڳي تہ آءُ جتي ڪٿي اها ڳالهہ ٻڌائيندو وتان تہ آءُ بہ اميگريشن آفيسر هئس. انهي تي همراهہ فورن سامان ڪٽي وڃڻ جي اجازت ڏني ۽ ٻئگن تي خود ئي چاڪ هڻي ڇڏيائين. انهي دوران اسان کان ڪراچي ايئرپورٽ ۽ ڪسٽم ورڪنگ لاءِ پڇا ڳاڇا ڪيائين ۽ مون هن کي عام قسم جي معلومات ڏني جيڪا ڪنهن بہ ايندڙ ويندڙ مسافر کان پڇي سگهجي ٿي. پاڻ اسان کي چانهہ جي آڇ بہ ڪيائين پر اسان سندس ٿورا مڃيندي روانا ٿياسين. سوچيوسين تہ جي چانهہ پيئڻ جي آڇ قبوليسين تہ ساڳئي دير ٿي ويندي جنهن کان جند ڇڏائڻ لاءِ هيڏو جتن ڪيو هيوسين تہ جيئن تہ اسان قطعي اوير ڪرڻ جي موڊ ۾ نہ هئاسين. انهيءَ ڪري هڪ پل بہ هاڻي ترسڻ ڳرو گذري ها. انساني سوچ جا بہ عجيب انداز آهن . ڪٿي ويهڻ ۽ گپ شپ ڪرڻ چاهي تہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ گذري وڃڻ کان پوءِ بہ ڪا بہ ڪوفت ۽ مُنجهہ محسوس نہ ٿئي تہ ڪٿي وري ڪنهن انتظار يا خلاف مرضي ويهڻ ۾ پل بہ پلصراط پيو لڳي! بهرحال اسان هُن مرهٽي ڪسٽم آفيسر کان موڪلائي ٻاهر نڪري آياسين.

هندستان ويندڙ هر مسافر کي پاڪستان حڪومت 45 آمريڪي ڊالرن جي ڪرنسي ڏيندي آهي ۽ اوتري ئي ڪرنسي تقريبن هندستاني حڪومت پاڪستان ايندڙن کي ڏيندي آهي. هندستان ۽ پاڪستان جي انهي ڪرنسي جي مٽا سٽا ڪانسواءِ باقي سڄي دنيا لاءِ پاڪستاني حڪومت پرڏيهہ پساريندڙ مسافر کي ٻن سالن ۾ هڪ دفعو هڪ هزار آمريڪي ڊالر ڪٽي وڃڻ جي اجازت ڏيندي آهي. اها اجازت اڳي اسٽيٽ بئنڪ پنهنجي مُهر سان ڏيندي هئي تہ هاڻي اها پابندي هٽائي ويئي آهي ، هاڻي ايئرلائنن يا اُهو ايجنٽ جنهن کان توهان ٽڪيٽ خريد ڪئي آهي سو مُهر هڻي ڏيندو.

هندستان ۽ پاڪستان جي صورت ۾ ناٽي جو اهو انگ گهٽ انهي ڪري رکيو ويو آهي جو ٻنهي پار ورهايل ڪٽنب آباد آهن. انهي ڪري هڪ ٻئي ڏانهن ويندڙ گهڻو ڪري مائٽن سان ملڻ ويندا آهن نہ ڪي گهُمڻ ڦرڻ. لهاذا اُنهن جو خرچ گهٽ ايندو آهي انهي ڪري ٻنهي سرڪارن هڪٻئي جي رضامندي ۽ صلاح سان ايتري ناٽي کڻڻ جي اجازت ڏني آهي. سو سال ۾ صرف هڪ ڀيرو. پر جي اتفاق سان ڪا فوتي يا سخت بيمار ٿي پئي تہ اهڙي حالت ۾ وڌيڪ دفعن لاءِ بہ اجازت ملي سگهي ٿي.

تازو هندستان ۽ پاڪستان جي پرڏيهي وزيرن جي گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ ٻنهي ملڪن اِنهي ڳالهہ تي رضامندي ڏيکاري تہ گروپن جي صورت ۾ ٽورسٽ ويزا جو سرشتو شروع ڪيو وڃي پر اُنهي فيصلي تي اڃان عمل نہ ٿيو آهي. انهي فيصلي کي بحال رکي عملي جامون پهرايو ويو تہ پوءِ ڪافي ماڻهن لاءِ سهولت ٿي پوندي ۽ ڪيترائي ماڻهو ٻنهي پار آسانيءَ سان اچي وڃي سگهندا. ننڍي کنڊ جي سياسي صورتحال آمريڪي سامراج جي وڌندڙ مداخلت ڪري ڏينهن بہ ڏينهن وڌيڪ گنڀير ٿيندي وڃي. اهڙي فضا ۾ ڪا نيڪ اُميد في الحال نٿي رکي سگهجي. هڪ ڀيري جوش مليح آبادي هندستان جي دوري تي ويو تہ هُن کان انٽرويو وٺندي پڇيو ويو، ”پاڪستان ۽ هندستان ڪڏهن کير کنڊ ٿيندا؟“ تہ جوش وراڻيو ”جڏهن عقل ايندن“ پر جي عقل جي واڳ ٻين جي وس رهي تہ اهو تہ لوڪ لهوراو اسان اوپارو وهنداسين.

اسان پنهنجي ٽڪيٽ جنهن نموني سان ٺهرائي هُئي اُن مطابق اسان کي اسٽيٽ بئنڪ طرفان هڪ هزار آمريڪي ڊالرن ڪڻڻ جي اجازت هئي. اسان کي تہ جيئن صرف هندستان نہ گهمڻو هو پر هندستان کان پوءِ سري لنڪا ۽ پوءِ اڃان بہ اڳتي وڃڻو هو انهي ڪري اسان کي هڪ هزار آمريڪي ڊالرن جي اجازت مليل هئي. جنهن مان ڪجهہ ڪرنسي اسان هوائي اڏي جي بينڪ تان بدلائي ورتي. بئنڪ جي ڪم کان واندا ٿي اسان هوٽل رزرويشن ڪائونٽر تي آياسين جتي اسان هوٽل انيٽلانٽڪ ۾ رزرويشن ڪرائي. هن هوٽل لاءِ ڪيترن دوستن صلاح ڏني هئي تہ بمبئي جي رهائش دوران هيءَ هوٽل بهتر رهندي، هڪ تہ سمنڊ جي ڪناري تي آهي ۽ علائقو بہ صاف سٿرو آهي. ٽين خاص ڳالهہ اها تہ هي هوٽل سنڌين جي آهي.

اسان ڪائونٽر تي ويٺل ڇوڪريءَ کي چيو تہ اسان کي هن هوٽل ۾ بہ الڳ الڳ سنگل بيڊ ڪمرا کپن. توهان ٽيليفون ڪري هوٽل جي رسيپشن تي ويٺل همراهہ سان اسان کي ڳالهرايو. ڇوڪري يڪدم نمبر ملائي خود بہ ڳالهايو ۽ اسان سان بہ ڳالهرايو. اسان رسيپشنسٽ سان ڳالهائيندي کيس ٻڌايو تہ اسان سنڌ کان آيا آهيون ۽ اسان جي دوستن خليل بڇاڻيءَ، حاجي بابو ۽ حميد اسان کي اوهان ڏانهن ريفر ڪيو آهي. هن وراڻيو توهان ڀلي ڪري اچو اسان توهان جو اوسيئڙو ڪنداسين، اسان کيس هوٽل جي چيڪ آئوٽ ٽائيم جو پڇيو وراڻيائين تہ ڏينهن جي ٻارهين وڳي کان شروع ٿيندو آهي. اسان چيس تہ پوءِ هن وقت رات جا ٽي وڳا آهن، پوءِ اسان سان ڪهڙو حساب ٿيندو. هُن چيو سائين توهان کو بہ فڪر نہ ڪريو جيئن توهان چوندا تيئن ڪنداسين. توهان اتي ئي انتظار ڪريو اسان جي گاڏي توهان کي ڪڻڻ ٿي اچي. اٽڪل اڌ ڪن ڪلاڪ کان پوءَ هوائي اڏي جي ٻاهر هوٽل وارن جي گاڏي پهچي ويئي. ڪائونٽر تي ويٺل محترمہ اسان کي ٻڌايو تہ گاڏي پهچي چُڪي آهي ۽ هيءُ آهي ڊرائيور، اسان سامان ڪڻائي ٻاهر نڪتاسين. اسان سڌا اچي ڪار ۾ ويٺاسين جيڪا پڪ-اپ جي نموني جي هئي. گاڏي جو ڊرائيور هڪ سنهڙو

مرهٽو هو جنهن کي هوٽل جو يونيفارم پهريل هو. اسان ساڻس اردو ۾ ڳالهايو پاڻ اسان جي سوال جو جواب ڏيڻ بعد يڪدم پڇيائين، "صاحب، ڇا توهان هندي به ڄاڻندا آهيو؟" جيڪڏهن تون انهي کي هندي ٿو سمجهين ته ها اسين اها هندي ڄاڻندا آهيون." اسان وراڻيس، "پر اها هندي جيڪا بي بي سي تان ايندي آهي سا مڙيئي گهٽ ٿا ڄاڻيون." وڌيڪ وضاحت ڪندي چيوسين. اسان هندستان ۾ اٽڪل ٻارهن ڏينهن رهياسين اُتي جي عام ٻول چال واري هندي ۽ هتي جي اڙدو ۾ چند لفظن کان سواءِ ٻيو فرق محسوس نه ڪيوسين. هندستان جو فلمون جيڪي اڄڪلهه اسان جي ملڪ ۾ وي سي آر تي عام جام هلن ٿيون سي ٻولي جي لحاظ کان پاڪستاني اڙدو فلمن جهڙيون آهن. انهن فلمن جا گانا جيڪڏهن هندي سروس ۾ نشر ٿين ته ٿيا اڙدو. انهي ڪري ئي مُون هن مرهٽي ڊرائيور کي چيو ته اها تو واري هندي ته اسان پاڪستان ۾ سڄو ڏينهن پيا ڳالهايون. همراه کي شايد ڳالهه دماغ ۾ ڪانه وينئي سو چپڙي ڪري ويهي رهيو.

ستر ڪروڙ انسانن جي آباديءَ وارو هي ملڪ ٻاويهه صوبن تي مشتمل آهي. سندس سرحدون چين کان وٺي سنڌ تائين پکڙيل آهن. سندس تاريخ جي آسمان تي ڪيترن ئي ڏاهن، سياڻن، ڪوين، چترڪارن ۽ فنڪارن جي ڪهڪشان چمڪي رهي آهي. هندستان کي ماڻهو دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو مغربي سرمائيداري طرز جو جمهوري ملڪ سڏين. جمهوريت جو پاڙون هن ملڪ جي سياسي زندگي جي گهراين ۾ پئجي ويون آهن. اِهوئي سبب آهي جو دل ڏڪائيندڙ هنگامه آراين جي باوجود به هن ملڪ ۾ هيستائين ڪڏهن به فوجي راڄ نه اچي سگهيو آهي. جمهوري آزادين جي ڪري عوام جي سياسي شعور جي اوسر ٿي آهي.

پاڪستان ۾ بئنڪون، ڳري انڊسٽري انشورنس ۽ شپنگ ڪمپنيون قومي ملڪيت ۾ ورتل آهن پر هندستان ۾ ائين نه آهي. اُتي ڪي بئنڪون قومي ملڪيت ۾ آهن ته ڪي پرائيوٽ سيڪٽر ۾. هندستان ۾ وڏي انڊسٽري تقريبن سموري پرائيوٽ سيڪٽر ۾ آهي. انهي ڳالهه جو اندازو هن مان لڳايو ته هندستان جي وڏي ۾ وڏي اسٽيل مل نجي شعبي ۾ آهي. اهوئي سبب آهي جو سماجوادي ملڪن سان گڏوگڏ سرمائيدار ملڪ قرض ۽ امدادن ۾ هندستان جي وڏي ٽيڪ ڪندا آهن. ورلڊ بئنڪ جيڪا مغربي سرمائيدار ملڪن جي دولت تي هلندڙ آهي تنهن هيستائين جيڪو هڪ ئي وقت وڏي ۾ وڏو قرض ڏنو آهي سو هندستان کي ڏنو آهي.

آمريڪا کانسواءِ سڀ سرمائيدار ملڪ هندستان کي هٿيار به وڪرو ڪن. هندستان غير جانبدار ملڪن جي تنظيم جو سرگرم رُڪن آهي ۽ غير جانبدار دنيا ۾ سندس چڱو موچارو مقام آهي. ڪيترين غيرجانبدار ملڪن جون ڪانفرنسون هندستان ۾ ٿي چڪيون آهن. ٻي طرف هندستان روس سان ويهه سال دوستي جي معاهدي ۾ به شامل آهي ۽ روس کان وڏي پيماني تي هٿيار خريد ڪندڙ ملڪن مان هڪ آهي. هندستا جو سربراه جيڪڏهن روس جو دورو ڪري ته يڪدم

وري آمريڪا ۾ برطانيہ جو چڪر بہ لڳائي. جيڪڏهن آمريڪا وڃي تہ وري روس تان ڦيرو ضرور ڪري. آمريڪا ۾ روس جا سربراهہ بہ سيڙجي بذات خود هن پُونءِ تي پيرو ڪن. روس جو اڳوڻو صدر برزنيف هتي آيو تہ جلدي ئي پوءِ آمريڪا جو صدر ڪارٽر بہ دوري تي هندستان آيو. اِنهي مان عالمي سياسي وايو منڊل ۾ هندستان جي اهميت جو پتو پوي ٿو. انگريزي راڄ جي بينڪ هُئڻ ڪري هيءُ ڪامن ويلٿ (دولت مشترڪہ) جو بہ ميمبر آهي. ڪامن ويلٿ ۾ بہ سندس ڪافي وزندار پوزيشن آهي.

آزاد ٿيڻ ڪان وٺي هيستائين هندستان ۾ ڪانگريس پارٽي جو راڄ رهيو آهي سواءِ اُنهن اڍائي سالن جي جن ۾ جنتا پارٽي اقتدار ۾ آئي. جنتا پارٽي اليڪشن کٽڻ ڪان پوءِ حڪومت جون واڳون سنڀاليون تہ سهي پر اقتدار واريءَ جي مُٺ وانگي آڱرين جي وٿين مان وهي وين. شاباس هجي ڪانگريس کي جنهن چونڊن ۾ ڏنل عوام جي فيصلي کي قبول ڪندي اقتدار جنتا پارٽي ۾ ڪا بہ ريڙ پيڙ نہ ڪئي ۽ نہ وري حق حڪومت جتائيندي اهو چيو تہ اسان ئي هندستان کي مستحڪم رکي سگهون ٿا. جيڪڏهن اسان ڪان اقتدار ورتو ويو تہ مُلڪ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندو. نہ ئي وري ڪانگريس اها گهُر ڪئي تہ اسان کي بہ ڪُجهہ حصو پتي ڏيو. نہ ڪا هُئي، ”اُدهر تم اِدهر هم“ جي ڳالهہ. نڪا ڏرم خطري جي واويلا ۽ نہ مُلڪ ٽٽڻ جو مامرو. لوڪ راڄ (جمهوريت) ۾ ٿيندو ائين ئي آهي تہ راڄ بادشاهہ آهي وٺي جنهن کي چاڙهي، وٺي جنهن کي ڊاهي. سو ڪانگريس بہ لوڪ شاهي جي اصولن جي لڄ رکندي ڪٽي چپڙي ڪئي ۽ اقتدار جي ڪُرسي تي جنتا وارا اچي ويٺا. اِهي همراهہ پاڻ ۾ وڻ وڻ جي ڪاٺي ٿي گڏيا هئا سو سندن پاڻ ۾ ئي نباهہ نہ ٿي سگهيو. حالتون اچي اِنهي نقطي تي رسيون جو وقت ڪان اڳ ۾ اليڪشنون ڪرائڻيون پئجي ويون جنهن ۾ وري ڪانگريس ميدان ماري ويئي

صبر جنهين جو سير تير نہ گسي تن جو

جنتا پارٽي جي راڄ دوران هڪ اهڙو عجيب و غريب انڪشاف ٿيو جنهن پُوري دنيا کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو. جنتا پارٽي جي اڳواڻ ۽ وزيراعظم مرارجي ڊيسائي بيان ڏنو تہ هُو روزانہ صبح جو سوير پيشاب جو گلاس پيئندو آهي ۽ اها ڪارگذاري سالن ڪان هُو ڪندو رهيو آهي ڇاڪاڻ تہ پيشاب صحت لاءِ فائديمند آهي. اِنهي عجيب و غريب انڪشاف ماڻهن جا طاق وڃائي ڇڏيا تہ هن مهذب دنيا ۾ ائين بہ ٿيندو آهي. ڊيسائي جي انهي بيان ۽ عمل جي پٺڀرائي ۾ ميڊيڪل سائنس جو ڪو بہ دليل نہ آهي ڇاڪاڻ تہ دنيا جي لئبارٽرين ۾ پيشاب جون اڻ ڳڻيون ڇڪاسون ٿي چڪيون آهن جن مان اهڙو ڪو سراغ نہ مليو آهي تہ پيشاب مفرح صحت ۽ آب آهي.

هندستان ستر ڪروڙ ماڻهن جو ملڪ آهي، جنهن ۾ اٽڪل ڏهہ ڪروڙ مسلمان آهن. وزارت جي ويهن وزيرن ۾ هڪ مسلمان وزير اي.بي. اي غني خان چوڌري بہ آهي جنهن وٽ ريلوي جو ڪاتو آهي.

هن کان اڳ ۾ ڊاڪٽر ذاڪر حسين ۽ احمد علي چاڳلا هندستان جا صدر ٿي رهي چڪا آهن. هندستان ۾ ڪا به ڌرمي يا مذهبي حڪومت نه آهي پر اُتي سيڪيولر سرشتو آهي، جنهن ڪري سڀني مذهبن جا ماڻهو ملڪ جا هڪ جهڙا شهري آهن. منجهن مذهب جي بنياد تي ڪا به وڏ نندائي نه آهي. دنيا جا سڀئي ملڪ سواءِ اسرائيل ۽ پاڪستان جي سيڪولر ملڪ آهي. اسان وٽ خاص مقصد تحت هڪ مخصوص گروهه طرفان سيڪولرزم جي خلاف پروپيگنڊا هلائي عوام ۾ گمراهي پيدا ڪئي ويئي آهي ته سيڪولرزم جو مطلب آهي لادينيت يعني سيڪولرزم اچڻ سان دين ختم ٿي ويندو. هن جُڙتو ۽ واهيات پروپئگينڊا جو پول تڏهن ئي پڌرو ٿيو وجي جڏهن ماڻهو ٿورو ويچار ڪري ٿو ته دنيا جي سڀني ملڪن ۾ سيڪيولر سرشتو آهي پر دين ۽ مذهب ڪٿي به ختم نه ٿيو آهي. سيڪيولرزم جو مطلب آهي حڪومت جو اهڙو نظام جنهن ۾ مذهب جو دخل نه هُجي، عوام پنهنجي چونڊيل نمائندي جي ذريعي حڪومت جون پاليسيون، قانون قاعدا ٺاهن ۽ هلائين. ملڪ جا سڀئي باشندا مذهب جي فرق کان سواءِ مڪ جا هڪجهڙا شهري هُجن. ملڪ ۾ سڀني مذهبن کي هڪ جيتري آزادي حاصل هُجي. ڪير به ڪنهن کي مذهبي برتري جي بار هيٺ دٻائي نه رکي. ٻي معنيٰ ۾ لڪم دين ڪم ولي دين وارو سرشتو هجي يعني توهان جو دين توهان وٽ ۽ اسان جو دين اسان وٽ. اِنهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ايشيا ۾ هندستان هڪ مثالي سيڪيولر جمهوري رياست آهي. دنيا ۾ شايد هندستان ئي اُهو واحد ملڪ آهي جتي سڀني مذهبن جي مقدس ڏيهاڙن تي سڄي ملڪ ۾ عام موڪل ٿيندي آهي. مثال طور

**هندن جا وڏا ڏينهن**

1.هولي
2. رام نومي
3. جنم اشمتي، جنهنکي سنڌي ۾ ٿڌڙي جو ڏينهن چون
4 دسهڙو
5 ڏياري
6 گوارڌنا پُوجا

**مسلمانن جا وڏا ڏينهن جن تي سڄي ملڪ ۾ عام موڪل ٿئي ٿي**

1.محرم الحرام

2. عيدالفطر
3.عيدالاضحيٰ

**ٻڌن جا مذهبي ڏينهن**

1.ٻُڌ پُورنيما

**عيسائين جو مقدس ڏينهن**

ا.ڪرسمس

**جين مذهب وارن جو مقدس ڏينهن**

1.مهاوير جئينتي (Mahaveer Jayanti)

**پورچوگيزن جو مذهبي ڏينهن**

1.سينٽ فرانس جي تقريب 3 ڊسمبر
Feast of St. Francis Xaries
2.فيسٽ آف آور ليڊي امئڪيوليٽ ڪنسپيشن 8 ڊسمبر
Feast of our lady of Imaculate Conception

اهي تہ آهن ڏرمي ڏهارا جن تي سموري هندستان ۾ عام موڪل ٿئي پر انهن کان علاوه ٻيا ڪيترا قومي ڏينهن آهن جن تي عام موڪل ٿئي.
هندستان موجوده دنيا ۾ جاگرافيائي، سياسي، ٽيڪنيڪل ترقي ۽ آرٽ و فن جي لحاظ کان وڏي اهميت رکندڙ ملڪ آهي. مثال طور:

1. آدمشماري جي لحاظ کان دنيا جو ٻيو نمبر وڏو ملڪ آهي (پهريون نمبر چين آهي)
2. جمهوريت جي لحاظ کان دنيا جو نمبر پهريون جمهوري ملڪ آهي.

3. ائٽمي ترقي جي لحاظ کان هيءُ دنيا جو ڇهون نمبر ملڪ آهي(پهريون آمريڪا، ٻيو روس، ٽيون برطانيه، چوٿون فرانس ۽ پنجون چين)
4. خلائي ترقي جي ميدان ۾ ستون نمبر ملڪ آهي (پهريون روس، ٻيو آمريڪا، ٽيون برطانيه، چوٿون فرانس پنجون چين ۽ ڇهون جاپان).
5. زرعي ۽ صنعتي ترقي جي ميدان ۾ پهرين صف جي ملڪن ۾ شامل سمجهيو وڃي ٿو.
6. فوجي ۽ سياسي اعتبار کان هندي وڏي سمنڊ جي تمام وڏي طاقت ڳڻجي ٿو.
7. فوجي سگهه جي لحاظ کان دنيا جي طاقت ترين ملڪن ۾ سندس نالو ڳڻيو وڃي ٿو. هن جي اٽڪل ٻارهن لک باقاعده فوج آهي.
8. ٽيڪنالاجي جي لحاظ کان هتي سُئي ڌاڳي کان وٺي ايٽم بم تيار ٿئي ٿو. هر جديد اليڪٽرانڪ شيءِ هتي جي ٺهيل تيار ٿيل استعمال ڪئي وڃي ٿي. صنعتي طرح به هندستان ايترو پاڻ ڀرو آهي جو هر شئي ديسي استعمال ۽ وڪرو ڪئي وڃي ٿي.
9. آرٽ ۽ فن ۾ خاص طرح مشرقي ملڪن ۾ هيءُ سيني ملڪن کان اڳڀرو آهي.

منهنجو مقصد هندستان جي ترقي جي تاريخ لکڻ نه آهي، انهيءَ ڪري انهيءَ ڳالهه کي مختصر ذڪر بعد اتي ڇڏي اچان ٿو وري پنهنجي سفر جي ڳالهه تي.

”اسان جي گاڏي هوائي اڏي وارو علائقو ڇڏي شهر ڏانهن هلڻ لڳي ته رستي جي ٻنهي پاسن عجيب نظارو ڏٺم ته ميلن تائين ڪچيون جهوپڙيون پکڙيون پيون هيون جيڪي ڪپڙي، لوهه جي پترن، پلاسٽڪ ۽ ڪاٺ جون ٺهيل آهن. اهي جهوپڙيون ايتريون ته هيون جو اندازو لڳايم ته لکين ماڻهو انهن گهرن ۾ رهندا هوندا. رات جي سانت ۾ اها بستي جيئرن انسانن جو قبرستان پي لڳي. بمبئي شايد دنيا جو واحد شهر آهي جنهن ۾ داخل ٿيندي ئي اکيون اهڙي ڏکوئيندڙ منظر جي ڪنڊن سان زخمي ٿيو پون. مون هڪ ڀيرو انهيءَ ڳالهه جو ذڪر دادا گوبند سان به ڪيو ته هند سرڪار ڇو نٿي انهن ماڻهن کي لڏائي ٻئي هنڌ ويهاري جو ٻاهران ايندڙ سياح خراب تاثر نه وٺي سگهن. دادا مرڪي وراڻيو:

”مجال آهي جو ڪير هتان هنن کي تڙي ڪڍي سگهي. هڪ ته هنن جون پنهنجون تنظيمون آهن جيڪي بي دخلي کي روڪين ٿيون ۽ ضرورت مطابق ڪورٽن مان اسٽي آرڊر ( روڪ حڪم) وٺيو اچن ۽ ٻئي ڳالهه ته اسان وٽ ڪنهن به ماڻهوءَ کي ايستائين گهر کان بي گهر نٿو ڪري سگهجي جيستائين ان کي رهائش جي سهولت اڳواٽ مهيا نٿي ڪئي وڃي. ائين نه آهي ته ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏنڊي جي زور سان بي دخل ڪري ڇڏجي پوءِ اهو پلي ٻچا وٺيو پيو در در جا ڌِڪا کائي.

هنن ماڻهن کي آباد ڪرڻ لاءِ شهر کان ٻاهر حڪومت زمين وٺي گهرن ٺهرائڻ جي اسڪيم تيار ڪئي آهي. جيئن جيئن اهي گهر تيار ٿيندا ويندا تيئن هنن کي اوڏانهن موڪليو ويندو. پر جيڪڏهن وري کي نوان لڏي اچي لٿا ته ڳالهه ڳُڙهه ٿي ويندي."

رات جو وقت هو انهي ڪري شهر جي رستن تي ٽريفڪ جي پيهه ڪانه هئي. ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ گاڏي ڏسڻ ۾ آئي ٿي. بمبئي وڏين اوچين عمارتن جو شهر آهي, اوچين عمارتن مان ليٽا پائيندڙ روشني ڏاڍي وڻندڙ پئي لڳي.

اسان اٽڪل چار منٽن جي سفر بعد هوٽل پهتاسين. استقباليه تي ويٺل شري ڀڳوانداس پليڪار ڏني. حالي احوالي ٿياسين. اسان کان حميد, خليل ۽ حاجي بابوءَ بابت پڇيائين. اسان هنن جي خير عافيت جو احوال ڏنوس ۽ چيوسين ته ياءُ اوير ٿي ويئي آهي. في الحال آرام ڪرڻ جي اجازت ڏي پوءِ پيا خبرون چارون ڪنداسين, في الحال اسان جا پاسپورٽ وٺ ۽ وينو پڙهه. ڊاڪٽر راجي تاڪيد ڪيس ته سڀاڻي 9 وڳي اسان کي ضرور جاڳائج ته جيئن اوهان جي پوليس جي حاضري پري سگهون.

رات جا پوڻان پهر اسان سُک جي ننڊ ۾ گهاريا. صبح ستين وڳي ڊاڪٽر راجي ننڊ مان جاڳائي چيو ته اُٿ چانهه پيءُ. مون چيس ته ٿورو ترس, برش ڪري چانهه پيئنم ۽ پوءِ ٻين تيارين ۾ لڳي وياسين.

هوٽل ائٽلانٽڪ تارا بيچ تي سمنڊ جي نظاري مان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ هوٽل تان لهي هيٺ وڃڻو پوي ٿو. هوٽل جي مسواڙ اٽڪل ساڍا ٽي سو روپيه پاڪستاني ٿيا ٿي. هيءَ ٽري اسٽار هوٽل چڱي آرامده هئي. ڪمرا ڪشاده ۽ سهڻا سجايل هئا. هر ڪمري ۾ موسيقي ۽ ٽيليفون جو بندوبست به هو. جيئن هوٽل سنڌي هندوئن جي ملڪيت هئي انهيءَ ڪري آڊرياءُ لاءِ ويٺل همراهه به سنڌي هئا. باقي ٻيو عملو ته وڻ وڻ جي ڪاٺي وانگيان, ڪو مرهٽو ته ڪو مارواڙي, ڪو سِک ته ڪو بنگالي هو. گهڻو ڪري سڀ اردو ڳالهائيندا هئا ۽ لهجي ۾ اختلاف پڌرو هوندو هو.

اسان استقباليه تي ويٺل همراهه کي ڪمري تان ئي ٽيليفون ڪري چيو ته اسان کي دادا گوبند جو ۽ جل گائون جو نمبر وٺي ڏي, ٿوري دير ۾ دادا گوبند جو نمبر وٺي ڏنائين جتي ڪنهن ٻڌايو ته هي دادا جو نه پر سندس وڏي ڇوڪر وجئي جو گهر آهي. جيڪو هن وقت گهر ۾ نه آهي پر توهان کي فيڪٽري تي ملندو. باقي جل گائون جي لاءِ همراهه ٻڌايو ته اهو اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ ملندو. جل گائون ۾ مون کي سيٺ ڪُندن مل سان ڳالهائڻو هو جيڪي اصل منهنجي ڳوٺ ٻني جا هئا ۽ پوءِ ورهاڱي جي وڏي اٿل ۾ لُڙهي اچي مهاراشٽر جي ڳوٺ جل گائون پيڙا ٿيا هئا. ٻنو, منهنجو ڳوٺ جيڪو درياءَ جي ڪپ تي آهي ۽ ساوڻ جي مند ۾ جنهن جي چوڏاري ٻڌل ٻني (بند) سان مهراڻ جون مست ڇوليون ٽڪرائبيون هيون, پر ڪندن مل جي ڪوٺي کي ڪڏهن به جوکم نه رسيو. پر هو

جو نفرتن جو سيلاب اُٿليو هو تنهن صدين جي پاتال ۾ پيل پاڙن کي بہ اُکيڙي ڇڏيو هو. پر من پاتال ۾ پيل مٽيءَ جي محبت اڄ بہ هنن جي جيون مُوڙي آهي جنهن کي هو ساهہ سان سانديو اچن.

آءٌ ڪيئن ڇڏيان سومرا تن پهنوارن پچار
جَڙ جنهين جي جيءَ ۾ لڳي ريءَ لوهار
سيخون محبت جون هينئڙي منجهہ هزار
پکا ۽ پهنوار ڏني مون ڏينهن ٿيا.
شاهہ لطيف

مون ڪندن مل کي اسان جي هندستان اچڻ جو اطلاع خط ذريعي اڳواٽ موڪلي ڇڏيو هو ۽ هاڻي ٽيليفون تي کين رڳو پهچ جو اطلاع ڏيڻو هو. اٽڪل ويهہ منٽن بعد ٽيليفون نمبر مليو ۽ ڪندن مل سان گفتگو ٿي. جيتوڻيڪ ڪندن سان منهنجي ذاتي طرح هن کان اڳ ڪابہ ملاقات ٿيل نہ هئي. صرف هڪ ڳوناٽي ۽ هم قوم سنڌي هئڻ جو رستو هو جنهن ڪري اسان ڏُور هوندي بہ هڪ ٻئي کي ويجهو ٿي محسوس ڪيو. مون مٽيءَ جي ڇِڪ ۽ سِڪ جي فلسفي کي هينئر عملي طرح پنهنجي اندر ۾ صورت پذير ٿيندي ڏٺو. جڏهن خشڪي، هوائي ۽ سامونڊي فاصلن کي سِڪ جي سفر جي ٻِرانگهہ هيٺ ڏٺم تہ لطيف ياد پيم:

ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين، ڪي اوڏائي ڏور،
ڪي ڇڙهن نہ چت تي ڪي وسرن نہ مور،
جيئن مينهن ڪُنڊي جا پور، تيئن دوست وراڪا دل ۾.

هڪڙا ماڻهو اُهي آهن جيڪي اسان جي واڻٽن وستين ۽ شهرن ۾ اچي آباد ٿيا آهن، پر اسان کي اوڏا هوندي بہ ڪوهين ڏور آهن. انهن جي اوڙائپ سرير ۾ سيل، مٽي ۾ جونءِ ۽ اک ۾ ڪتر آهي. جسم جو ڪوبہ عضوو انهن کي قبولڻ لاءِ تيار نہ آهي.
ڪندن مل کي پنهنجي اچڻ جو اطلاع ڏنم ۽ چيم تہ جل گائون بہ اچبو. پاڻ ڏاڍو سرهو ٿيو ۽ بار بار تاڪيد ڪيائين تہ جيترو جلد ٿي سگهي تہ جل گائون اچجو. مون ٻڌايس تہ اسان جو سفري ستاءُ ڪجهہ ڏگهيرڙو آهي ۽ هندستان ۾ ٿوري عرصي لاءِ ترسنداسين پر توهان جي درشن ڪاڻ جل گائون ضرور ايندا سين. مون کيس هي بہ ٻڌايو تہ دادا گوبند جي نمبر تي ٽيليفون ڪئيسين پر اهو نمبر داد جو نہ پر سندس وڏي پٽ جي گهر جو هو جتان وراڻي ملي تہ توهان هوٽل تي ئي انتظار

ڪريو. اسان دادا کي اطلاع ڪري ٿا ڇڏيون ھو خود ئي ھوٽل تي پھچي ويندو. انھي تي ڪندن مل مونکي دادا جو نمبر ڏنو ۽ مون انھيءَ تي ٽيليفون ڪئي ۽ دادا سان رابطو قائم ٿي ويو. دادا آڌر ڀاءُ ڪانپوءِ ھوٽل جو پار پتو پڇيو ۽ چيو ت آءٌ جلد ئي ھوٽل پھچان توھان ٿورو انتظار ڪجو.

دادا اڌ ڪلاڪ اندر ھوٽل پھچي ويو ۽ ڏاڍا ڀاڪر پائي وڏي اُڪير سان مليو. دادا جي ڀاڪرن ۾ مون محسوس ڪيو ت مون کي منھنجو ڪٽيل بازو ملي ويو آھي. دادا جي جذباتي آڌر ڀاءُ ۽ ڀاڪر مان ائين ب محسوس ڪيم ت دادا منھنجي وجود مان پنھنجي ماتر ڀوميءَ جي مٽيءَ جي مھڪ سنگھي رھيو آھي. ڪيڪار ۽ حال احوال اورڻ بعد دادا نھايت سچيءَ دل سان پنھنجائپ وارو رويو اختيار ڪندي چيو ت، "ھلو بابا، ھلي منھنجي گھر رھو."

"پنھنجي گھرن ھوندي ھوٽلن تي رھڻ چڱو نٿو لڳي. توسان ت تنھنجي ۽ تنھنجي بابي جي ڪري ٻئا ناتا آھين ۽ جل گائون مان ڪندن مل ب ٽيليفون ڪري تنھنجي تاڪيد ڪئي آھي. انھي ڪري ھينئر ئي ٽا ٽپڙ سھڙيون ۽ گھر ھلون. پوءِ ٽا ھلي پوليس ۾ داخلا رڪايون."

آءٌ ت دادا جي خلوص اڳيان ھتيار ڦٽا ڪري رڳو ڊاڪٽر کي ڏسندو رھيس ڇاڪاڻ ت اڇڻ مھل ڊاڪٽر سان وعدو ٿيل ھو ت ڪٽي ب ڪنھن دوست جي گھر ن رھبو سفر دوران رھائش ھوٽل ۾ ئي رکبي. سو سُجھيم ن پيو ت ڪھڙي ريت دادا کي ريجھائي وٺان جو ھو گھر وٺي وڃڻ واري ڳالھ تان ھٽ ڪٽي وڃي. نيٺ دادا کي عرض ڪيم ت، "دادا! توھان جو گھر اسان جو پنھنجو گھر آھي ۽ توھان کان ڪاب وڇوٽي ڪونھي."

"اسان ھوٽل جي ڪمري وغيره جا پئسا ڏيو وينا آھيون ۽ ھتي آرام ب آھي. باقي اسان سمورو وقت توھان سان گڏ ھونداسين صرف سمھڻ جي وقت تي ھتي ايندا سين."

دادا گويند ھڪ پُر وقار شخصيت جو مالڪ ۽ سُڌ ٻُڌ وارو انسان آھي. ھن کي جو ڪجھ چوڻو ھو سو ھُن چيو ۽ باقي اسان جي وراڻي تي ھو مُشڪي ماٺ رھيو ھن اسان جي پرائيويسي جو ھميش ائين خيال رکيو جيئن ھڪ سمجھدار مائٽ پنھنجي اولاد جو خيال رکندو آھي.

پاڻ سندس ايئر ڪنڊيشنڊ ڪار ڪٽي آيو ھو جنھن ۾ چڙھي اسان پوليس انٽري لاءِ وياسين. ٻاھر مينھن جو وڏو وسڪارو چالو ھو. بمبئي ۾ اھڙو مينھن ڪا نئين ڳالھ ن ھئي. ڪٿي ڪٿي ت اڳيان اھڙي اچ ڇائنجي ٿي ويئي جو ڪجھ ب ڏسڻ ۾ نٿي آيو ۽ دادا ڪار کي روڪي ٿي ڇڏيو. بمبئي جا رستا ب ننڍا آھن ۽ ٽريفڪ ب گھٽ آھي. شايد انھيءَ جو سبب ھيءُ ھجي ت ٻاھريون موٽرون تمام ٿوري انداز ۾ گھرايون وڃن ٿيون جنھن ڪري رستن تي موٽرن جي پيڙ گھٽ آھي. ھتي عام طرح ٽن قسمن جو ڪارون، ھڪ فيئٽ ٻي ايمبسيڊر ۽ تازو ھندستان موٽر وارن ڪانٽيا ڪار روڊ تي آندي آھي، نظر اچن ٿيون جيڪي ھتي جون ٺھيل آھن. ھنن ڪارن ۾ جديد طرز جون ڪي ب آسائشون موجود ن آھن محض ڪم ٽپائڻ لاءِ استعمال ڪيون وڃن ٿيون، ٻاھران گھرايل ڪارون

هتي ورلي نظر اچن ٿيون. هندستان انڊسٽريز ۾ پاڻ پيرو آهي ۽ پنهنجي ناڻي کي درآمدات (Imports) تي خرچ ٿيڻ کان بچايو وينو آهي. هندستان ۾ هندستاني شين جي استعمال جو اهو رجحان مهاتما گانڌيءَ جي ديسي مال واپرائڻ واري تحريڪ سان تاريخي رابطو رکي ٿو ۽ ساڳئي وقت ديسي صنعتڪارن جي دولت ڪمائڻ واري عنصر کي به انهي ۾ عمل دخل آهي. هتي اسان وٽ "پاڪستاني بڻو، پاڪستاني مصنوعات خريد ڪرو" جا وڏا اشتهار بورڊ رستن تي لڳا پيا آهن پر صورتحال هيءَ آهي ته اسان وٽ ڏاڙهي ڪوڙڻ واري سيفٽي ريزر به چين کان درآمدات ٿئي ٿي. غريب ماڻهو، جيڪي اميرن جي نظر ۾ لوفر، بدمعاش، بدتهذيب، تخريبڪار وغيره آهن. سي پاڪستاني مصنوعات خريد ڪن ٿا پر اسان جي ملڪ جا امير ڪبير چوٽيءَ جا سولين ۽ فوجي ڪامورا جيڪي پاڪستاني محبت ۽ وفاداري جا ٺيڪيدار سڏائين ٿا سي پنهنجي بدن جي ڪپڙي کان وٺي گهرو استعمال جي شين تائين ڪا به شيءِ پاڪستاني نٿا واپرائين.

اسان سڌو ڪار وجي پوليس برانچ جي آفيس اڳيان بيهاري، ڪار مان لهي آفيس ۾ واسطيدار سيڪشن ۾ وياسين جتي ٻيا به پنجويهه کن پاڪستاني وينا هئا. اسان سڌا آفيس ۾ گهڙي وياسين. اسان کان ڪا به پڇا ڳاڇا ڪانه ڪيائين، رڳو اميگريشن وارو ڪاغذ پاڻ وٽ وٺي رکيائون ۽ چيائون ته جڏهن توهان بمبئي ڇڏي ٻاهر ڪيڏانهن وڃو ته اتي جي پوليس لاءِ اسان کان ليٽر وٺي ويجو ۽ وري جڏهن موٽو ته هتي ساڳي ريت داخلا رڪائجو. ٻي ڳالهه هيءَ به چيائون ته جيڪڏهن توهان موجوده هوٽل کي ڇڏي ٻي هوٽل ۾ رهڻ گهرو ته انهيءَ حالت ۾ اسان کي اطلاع ڪري اجازت وٺي پوءِ اتي وڃي رهجو. بهرحال پوليس ۾ انٽري (داخلا) ڪرائڻ جي ڪم مان آجا ٿي ٻاهر نڪتاسين ته دادا چيو ته پهريائين ته جتي هوٽل ۾ ماني ٿا کائون ۽ پوءِ توهان کي منهنجي فيڪٽري تي ٿو وٺي هلان. اسان وراڻيو ته جيڪا توهان جي مرضي. هوٽل تائين پهچندي مون آسپاس تي نگاهه ڊوڙائي ڏٺو ۽ محسوس ڪيو ته هيڏي وڏي وسڪاري ڪانپوءِ به رستن تي پاڻي جو ڦڙو به نه هو. جڏهن اها ڳالهه دادا سان ڪيم ته دادا چيو ته اسان وٽ بمبئي ۾ اڪثر اهڙيون اوڙڪون وسنديون رهن پر پاڻي نيڪال وارين نالين ذريعي ترت نڪريو وڃي. جيڪڏهن نيڪال نالين جو اهڙو سٺو بندو بست نه هجي ته اسان بمبئي وارا ڪر سمنڊ جيڏي پاڻيءَ ۾ هجون. گاڏي اچي هوٽل وٽ بيٺي. هوٽل ۾ ويهندي دادا پڇيو ته آرڊر آءٌ ڏيان يا توهان ڏيندا. اسان چيو ته توهان ڏيو. آرڊر ڏيندي ڏيندي دادا هوٽل جا مڙئي طعام ڪٺي آرڊر جي لسٽ تي رکيا ته مون چيس دادا، آرڊر توهان نه ڏيو آرڊر اسين پاڻ ٿا ڏيون. دادا چيو ته هاڻي نه. توهان پنهنجي چانس مس ڪري ڇڏي، انهي ڪري هاڻي اهو حق توهان کي نٿو ڏيئي سگهجي. هاڻي جو ڪجهه ايندو سو توهان کي کائڻو پوندو. جڏهن کاڌو ميز تي لڳو ته ميز ڀرجي ويئي. مون مسڪرائيندي ڊاڪٽر ڏانهن ڏٺو ۽ ڊاڪٽر مون کي ڏسندو رهيو. ڊاڪٽر کي چيم ته توهان ڊاڪٽر ماڻهن کي مشورا ڏيندا آهيو ته کاڌو گهٽ کائو ۽ گهٽ به ايترو جو نه کائڻ

جي برابر، پر اج ڏسون ٿا اوهان جي ڊاڪٽري! ڪاڏي جي ميز تي گوشت ۽ ڪڪڙ سان ته ملهه ڪري وٺون پر هي پانت پانت جون سبزيون (ڀاڄيون) تن کي ڪير منهن ڏي. دل ۾ خيال ڪيم ته ههڙي موقعي تي دوست ڪيلا ۽ گوتم هجن جيڪي واهر ڪن_ بهرحال اسان پنهنجي ضرورت آهر ماني کاڌي ۽ دادا به اسان جي حال تي ڪرپا ڪري وڌيڪ کائڻ تي زور نه ڀريو. داد هوٽل جو بل ادا ڪيو ۽ اسان ڪار ۾ چڙهي اچي دادا جي فيڪٽري تي سهڙياسين.

هي ڪاٽن ريان ۽ ڪپڙي جي ____ وشن ۽ اينڊ سنز جي نالي سان سڏي ٿي ويئي ۽ هن ۾ ٻارڙن جا ڪپڙا به تيار ٿيا ٿي. هيءَ فيڪٽري ننڍڙي آهي ۽ هن ۾ اٽڪل پنجتيهه مزدور ڪم ڪندا آهن. دادا جي هڪ ليڊي سيڪريٽري به آهي ۽ سندس آفيس ايئرڪنڊيشنڊ آهي. آفيس ۾ هڪ پاسي پلنگ به پيل هو، سو دادا چيو ته توهان ٿڪل هوندا ڇاڪاڻ ته رات جو دير سان پهچڻ ڪري سڪون واري ننڊ به نصيب نه ٿي هوندي. ڏينهن سڄو آفيس جا چڪر ڪاٽيندي هل هلان ۾ ڪاٽيو اٿوَ ان ڪري توهان هن پلنگ تي ليٽي ڪي گهڙيون آرام ڪري وٺو. انهيءَ دوران آئون چند دوستن رابطو ڪري توهان جي پهچڻ جو اطلاع ڏيئي ٿو وٺان. توهان اجا ننڊ بس ڪري نه اٿندا ته اُهي دوست به پهچي ويندا. مون دادا کي وراڻيو ته دادا، اسان ننڊ جا ڏاڍا آهيون. هيءَ هڪ رات ڇا، پر اهڙين ٻن راتين جو لڳاتار اوجاڳو به اکيون ۾ آرس نه آڻيندو. ايئر پورٽ تي ڊيوٽي ڪندي ڪئين راتين جا اوجاڳا ڪاٽي چُڪا آهيون. اسان کي اوجاڳي ۾ ڪو نئون شينهن جو نهوڙيل ماري وجي ته ٿي سگهي ٿو باقي ٻيو سڀ خير. ڊاڪٽر صاحب کي مون وارو اهو چئلينج مقابلو نه وڻيو سو آهستي ڪري بُوٽ لاهي بستري دراز ٿي ويو. آءٌ ۽ دادا ڳچ تائين ويچار ونڊيندا رهيا سين.

ماضيءَ جون يادون ڪڙيون به آهن ته مِٺيون به. ويتر جو انهن ۾ وطن کان جدائي جي ڪڙاڻ شامل ٿيو وڃي ته اها ياد زندگي جو روڳ بنجيو وڃي. اهڙي حالت ۾ ماضيءَ جي ورجائڻ سان ڪچن ڦٽن تان ڪڙيون لهيو پون. دادا ڳالهين ڪندي ٻڌايو ته اُهي اصل ڪوئيٽا ۾ رهندا هئا. پوءِ اتان لڏي شڪارپور آيا. ورهاڱي وقت شڪارپور ڇڏي اچي هتي پهتا. هتي پهچڻ وقت ۽ ان جي شروعاتي ڏينهن ۾ ڪافي تڪليفون ڏٺائون ۽ سٺائون، پر پوءِ پنهنجي صلاحيتن ۽ پورهئي جي ڪري وڃي سکيا ٿيا.

دادا کي به پٽ ۽ هڪ نياڻي آهي. سندس وڏي پٽ جو نالو وجئي آهي جنهن جا ٽي ڪارخانا آهن ۽ ننڍي پٽ جو نالو اشوڪ آهي، جنهن جا به ڪارخانا آهن. سندس نياڻي به پنهنجي گهر رهندي آهي ۽ سندس ڇوڪرا به الڳ الڳ علائقن ۾ ايئر ڪنڊيشن گهرن ۾ رهندا آهن. هر سال ٻاهرين ملڪن ڏانهن گهمڻ ڦرڻ به وڃن. اشوڪ ته تازو سنگاپور مان ٿي موٽيو آهي. دادا جا ٻئي پٽ ڏاڍا سلڇڻا، فضيلت ڀريا ۽ با اخلاق آهن. هيڏي ساري دولت هوندي به منجهن ڪا وڏائي ۽ آڪڙ ڪانهي. اهو به ظرف آهي جيڪو ڪنهن ڀاڳوند کي ملي ٿو. ڪي ته اهڙيا پيٽ ڀريا به هوندا آهن

جو مايا جي موهه ۾ ماٺپئي کي متي ويندا آهن. اها مايا ئي ڪهڙي جيڪا ماڻهوءَ کان ماڻهپو کسي وٺي.

دادا جي گهر واري يعني دادي تہ اسان جي جيڪا خدمت ڪئي سا اسان ڪڏهن بہ وساري نہ سگهنداسين. دادي جي پاپوهہ سان گڏ اهي چيز وارا پڪوڙا تہ هر شام ياد ٿا اچن جيڪي دادي هٿ سان تيار ڪري ڪارائيندي هئي ــــ مون ڪيترائي ڀيرا پنهنجي گهر واريءَ کي ڪيترا سامان وٺي ڏنا آهن ۽ چيز جا پڪوڙا تيار ڪرايا آهن پر انهن پڪوڙن جي لذت ئي ڪجهہ اور هئي. دادا روز شام جو دادي کي سمجهائيندو هو تہ سڀاڻي جي منجهند جي ماني ۾ هيءُ شيون ۽ رات جي ماني ۾ فلاڻا ڪاڌا تيار ڪجو. بوتلون فرج ۾ ضرور رکجو وغيره. دادا ڊاڪٽر راجي کي سڏيندو هو. ڊاڪٽر راجو انهي ڪري اهو نالو سيني جي زبان تي چڙهي ويو. هاڻي تہ خط اچن تہ انهن ۾ ڊاڪٽر راجو ئي لکيل هجي.

اسان دادا وٽ وينا هئاسين تہ ايتري ۾ ڪو ماڻهو اندر آيو ۽ دادا سجاڻپ ڪرائي تہ هي اُتم آهي. اُتم سان گڏ ٻيو بہ ڪو همراهہ ساڻ هو پر نالو ياد نہ رهيو اٿم. آتم ملندي ئي سوال ڪيو تہ سنڌ مان ڪهڙا ڪتاب ساڻ آندا اٿئي؟ اتي تازو ڪهڙا ڪتاب شايع ٿيا آهن؟ مون ٻڌايومانس تہ فلاڻا فلاڻا ڪتاب شايع ٿيا آهن تہ التي وراڻي ڏنائين تہ اهي تہ مهينو اڳ ڇپيا آهن. انهن مان ڪن تي تہ مون پنهنجي ڪتاب ۾ تبصرو بہ ڇپيو آهي ۽ اهو ڪتاب مارڪيٽ ۾ اچي ويو آهي. اچي ڏس هي ڪتاب. وري جو ٻڌايومانس تہ مون صرف بہ ڪتاب آندا آهن. هڪ منهنجو جپان، سنگاپور ۽ بئنڪاڪ جو سفر نامون ۽ ٻيو بابا جي متعلق ڇپايل ڪتاب تہ ترت وراڻيائين، ارباب صاحب وارو ڪتاب مون اڳي ئي پڙهيو آهي. هاڻي تو وارو سفرنامون ڏي. پر جهل ڳالهہ ٻڌ! اوهين پڙهيل لکيل جوان مڙس سنڌ کان هتي آيا آهيو ۽ آندا اٿوَ صرف بہ ڪتاب__ ايتري ۾ دادا چيس تہ تون شانتي سان همراهن کان خبرون وٺ _ ڪ اچڻ سان لڳي وئين جهيڙي ۾. جهٽ ۾ وراڻيائين، ”جهيڙو تہ هنن سان ضرور ڪبو. هيءُ تہ منهنجي جهوني ڪامريڊ نور محمد جو پٽ آهي، هن سان نہ جهيڙيندس تہ پوءِ ڪنهن سان جهيڙيندس. ڀلا گوبند تون ئي ڪٺي ڏس جتن جا ڪم، سنڌ کان آيا آهن ۽ ڪتاب بہ نہ آندا اٿن. اهڙي حالت ۾ ساڻن جهيڙو نہ ڪريان تہ ٻيو ڇيا ڪريان.“ بهرحال اها ڳالهہ اتي ڇڏيندي يڪدم چيائين، ”عبدالحئي سڀاڻي صبح پاڻ ڪونہ ملي سگهنداسين، مون کي هڪ ضروري ڪم آهي. باقي سڀاڻي شام منهنجي گهر ماني کائينداسين. پرئين موڪل آهي سو سيتا سنڌو يون هلنداسين، جتي ٻين سنگتين سان توکي ملائبو ۽ پوءِ هر روز توکي بمبئي جو شيل ڪرائبو.“ ائين چئي پاڻ موڪلائي روانو ٿيو. سندس چند گهڙين جي انهي طوفاني گفتگو ۽ بعد جي مشاهدي مان مُون محسوس ڪيو تہ اُتم هڪ آدرشي انسان آهي. هڪ مثالي قسم جو سماجوادي، طبيعت ۽ فطرت ۾ بلڪل سنئون سڌو straight Forward ۽ کرو انسان آهي. ٻيائي کي تہ ٻن ڏيئي پاڙان

پٽي اڇليو اٿس. جهڙو آهي ٻاهر جو صاف سٿرو تهڙو ئي اندر جو اجرو. سنڌ وطن سان سندس انس ائين آهي،

پاٽياري سر ٻهڙو جر تي پکي جيئن
اسان آهي تيئن، ساجن رهيو روح ۾
شاهه ڪريم
يا

جيئن ڳنڌيون منجهه ڳنڌير تيئن مون من ماروئن سين.

اُتم هندستان ۾ ترقي پسند ادب جي لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي آهي. سنڌيءَ ٻولي جي مڃتا جو معاملو هجي يا سنڌي لپيءَ جو سوال، سنڌين جي آبادڪاري جي ڳالهه هجي يا سنڌي سميلن لاءِ پتوڙ اُتم هر حال ۾ عملي طرح جاکوڙ ڪندو ڏٺو ويو آهي. هڪ سچي وابسته/ لاڳاپيل (Committed) ليکڪ کي ڏسڻو اٿو ته اُتم کي ڏسو. اُتم "نئين دنيا" مخزن هڪ عرصي کان ڪيندو پيو اچي. پاڻ ڪيترن ئي ادبي ۽ تنقيدي ڪتابن جو مصنف به آهي. سندس گهر واري سندري به هڪ جڳ مشهور ڪهاڻيڪاره آهي. ٻنهي ليکڪ زال مڙس سنگ هڪ مثالي سنگ آهي.

جڏهن اُتم ويو ته دادا چيو "ٻڌءِ اُتم جون خبرون؟ پراڻو يار آهي. اڪثر وَر ڪندو رهندو آهي. ڪم ڪرڻ ۽ ڪم وٺڻ جو ڏانءُ اٿس. تازو آيو مون وٽ ته ڪتاب ترجمو ڪري ڏي. اهڙو پويان پيو جو نيٺ ڪتاب ترجمو ڪرائي ويو. ڪتاب ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي ويو آهي. توهان کي ان جي ڪاپي ڏيندس ۽ ڪجهه ٻيون ڪاپيون سنڌ جي دوستن لاءِ کڻي وڃجو."

سج لهي چڪو آهي ۽ رات پنهنجا پر پکيڙڻ شروع ڪيا آهن. اسان دادا جي گهر آياسين جيڪو ڪار جي علائقي ۾ آهي. دادا جنهن عمارت ۾ رهندو آهي تنهن جو نالو آهي ڪرشنانواس. هن عمارت جي 12 نمبر فليٽ ۾ دادا جو گهر آهي. هن فليٽ نما گهر ۾ ويهندي ويچار ويڙهي ويم ته حياتيءَ جا به عجيب رنگ آهن. ڪٿي جا ماڻهو قسمت ڇڪي ڪٿي اچي پهچايا آهن. جلاوطني جي پيڙا پوڳيندڙهي آدم زاد ڪيڏا نه قسمت جا ستايل آهن. هندستان جي هن تمام وڏي شهر ، بمبئي جي علائقي ڪار جي عمارت ڪرشنانواس جي فليٽ نمبر 12 ۾ سچ پُڇو ته سنڌ آباد آهي.

دادا جو هيءُ فليٽ جديد دور جي مڙني آسائشن سميت تمام سٺو سجايل آهي. هن وڏي عمارت ۾ لفٽ جي سهولت موجود نہ هئي. انهيءَ ڪري داديءَ کي چاڙهيون چڙهندي ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي هئي. پر دادا تہ اسان کان بہ اڳ ڦڙتائي سان چڙهي ويندو هو. اسان ڪجھ دير تائين اتي رهياسين ۽ ٻي ڏينهن جي مصروفيتن جي سٽا سٽيسين ڇاڪاڻ تہ ايندڙ ڏينهن آچر جو هو ۽ آچر موڪل جو ڏهاڙو هو. ماني وغيره کائڻ کان پوءِ اشوڪ اسان کي هوٽل تي ڇڏي ويو.

# بمبئي جو سير

ٻي ڏينهن صبح سوير دادا پنهنجي وڏي پٽ وجئي سان گڏ سهڙي آيو. اسان اڳ ۾ ئي تيار ٿيو اوسيئڙي ۾ ويٺا هئاسين. وجئي جي ڪار ۾ سوار اسان جتان به لنگهياسين ٿي دادا خاص جاين ۽ علائقن بابت ائين ٻڌائيندو هليو جيئن ڪو ٽوئرسٽ گائيڊ (سونهون) سياحن کي سمجهائيندو آهي. شيل ڪندي اسان پهرين ڊيري فارمز پهتاسين جيڪو هڪ وسيع ايراضيءَ ۾ ڦهليل آهي. هي فارم هندستان ۽ نيوزيلينڊ جي سهڪار سان قائم ڪرڻ جو مکيه غرض اهو آهي ته بمبئي جهڙي ٻُڪتيل بين الاقوامي شهر جي کير جي ضرورتن کي پورو ڪري سگهجي. هن ڊيري فارم ۾ اندر هڪڙي ٽڪريءَ تي بهترين باغ رکيا ويا آهن. جيڪي سياحن لاءِ گهمڻ ڦرڻ ۽ فرحت ماڻڻ جو سامان آهن. هتي جي آبزرويشن پوائنٽ تي بيهڻ سان شهر جي وڏي حصي جو نظارو ڏسڻ ۾ آيو ٿي. جهڙيءَ ريت شڪر پڙيان ٽڪري تان اسلام آباد جو منظر ڏيکائي ڏيندو آهي. اسان هِن پوائنٽ تان ڪجهه فوٽو به ڪڍيا.

انهيءَ ڪانپوءِ نيشنل پارڪ وياسين جتي هڪ فلم اسٽوڊيو به آهي ۽ اڪثر ڪنهن نه ڪنهن فلم جي شوٽنگ ٿيندي رهندي آهي. پر جيئن ته اڄ آچر هئڻ ڪري موڪل جو ڏينهن هو انهيءَ ڪري شوٽنگ ته نه هئي باقي مختلف سيٽ ٺهيا جُڙيا رکيا هئا ۽ چار پنج جيپون به بيٺيون هيون. جن تي هندستاني فوج جون نمبر پليٽون ۽ مونو گرام لڳل هئا، شايد جنهن فلم جي شوٽنگ هلندڙ هئي سا فوجي نوعيت جي هئي.

انهيءَ کان پوءِ اسان تُلسي ليڪ (ڍنڍ) تي وياسين. جنهن مان سڄي بمبئي شهر کي پيئڻ جو پاڻي پهچايو ٿي ويو. تُلسي ليڪ کي ڏسي مون کي اسان جي ڪينجهر ڍنڍ ياد آئي ته ڪراچي جي سڄي شهر کي انهيءَ مان پاڻي پهچايو ٿو وڃي. ٻنهي ڍنڍن ۾ اها عجيب هڪجهڙائي آهي. ڪينجهر ڍنڍ سان ته مشهور رومانوي داستان نور ڄام تماچي وابسته آهي پر تُلسي ڍنڍ سان ڪنهن رومان جي نسبت جي ڪا به ڄاڻ نه پئجي سگهي.

تلسي ليڪ تان ٿيندا اسان سڌا ڪينري ڪيوز (ڪنري غارون يا گڦائون) آياسين. هي پٿر جي ٽُڪ جو عجيب هنر ڏنوسين. پٿر کي ٽُڪي ڏاڍيون خوبصورت مورتيون ٺاهيون ويون آهن. جن ۾ ڪي مورتيون گوتم ٻڌ جون آهن ته ڪي وري داسين يا ٻانهين جون. هنن مورتن کي ڏسڻ لاءِ سوين سياح ڏيساور کان ڪهي هتي ايندا آهن. چيو وڃي ٿو ته اهي غارون اٽڪل اڍائي هزار سال پراڻيون آهن. هزارين سال اڳ به انساني هٿن ۾ چترڪاري ۽ مجسمه سازي جي مٽيا ۽ مهارت موجود هئي. افسوس صرف اهو آهي ته اُهي مهان صورت ساز تاريخ جي گهراين ۾ گم ٿي ويا آهن ورنه هن نئڊي

ڪنڊ ۾ بہ ڪي مائيڪل انيجلو مجود هئا جن جي مترڪن ۽ ڇيڻين جي ڇهاءَ سان اڻ گهڙيا پٿر جاندار لڳندا هئا. اسان وٽ سنڌ ۾ مڪلي ۽ چوکنڊي جي قبرستان ۾ پٿر تي ٿيل اُڪر جو ڪم ڪن شاهڪار هٿن جو ڪيل آهي پر انهن ذات ڏٽين جي نالن جو نشان بہ تاريخ جي صفحن تي نٿو لڀي. بيشڪ تخليق جي عمر تخليقڪار کان زياده ٿئي ٿي. جيڪو هٿ تخليق ڪي ابديت عطا ڪري ٿو سو وقت جي ڏنڊ ۾ ڪوئجيو وڃي. ڪيڏو نہ عجب الميو آهي تخليقڪار سان.

ڪينري ڪيوز جي انهن مورتين ڪي ڏسندي مونکي اُهي اڻ مئيون محبتون ۽ عقيدتون تصور ۾ ڦرڻ لڳيون جيڪي تخليقڪارن انهن جي تراشڻ وقت انهن ڪي آڇيون هيون.

جيئن هتي ڪافي گرمي محسوس ٿي رهي هئي انهي ڪري هاڻي واپس ورڻ جي ڪئيسين. اتان نڪري شهر مان ڦرندا گهرندا سڌا جوهو پيچ تي پهتاسين جتي سنڌين جي هڪ هوٽل سن _ اين_ سئنڊ Sun_N_Sand ۾ هر هڪ، هڪ هڪ ڊرنڪ ورتي. انهيءَ کان پوءِ وجئي چيو تہ هتي ماني کائو تہ بہ توهان جي مرضي پر جي منهنجي مرضي وٺو هلو تہ توهان کي هڪ سک جي هوٽل تي ٿو ماني کارايان. ڊاڪٽر راجي ٿهہ پهہ وراڻيو تہ بس اتي ٿا هلي ماني کائون. ڪار ۾ سوار ٿي سڌا اچي انهي هوٽل ۾ سهڙياسين. وجئي پنهنجي مرضي مطابق سيني لاءِ آرڊر ڏنو. ماني ڏاڍي لذيذ هئي خاص طرح سيخ ڪباب تہ واهہ جا هئا. وجئي پنهنجي ڪارخاني ڏانهن روانو ٿيو پر ويندي ويندي اسان کي سينما هائوس تي ڇڏيندو ويو. ڇاڪاڻ تہ اسان کي فلم ڏسڻي هئي. هتي فلم "گانڌي" هلي رهي هئي. جيڪا هونئن تہ اسان وڊيو تي اڳي ئي ڏٺي هئي پر اسان کي اها تاريخي فلم وڏي اسڪرين تي ڏسڻ جي چاهت هئي. هيءَ پلازه نالي سئنيما جهوني فلمساز وي شانتا رام جي هئي. واقعي وڏي اسڪرين تي هن فلم جو تاثر ڪجهہ نرالو هو.

اسان فلم ڏسي سڌا دادا جي فيڪٽري تي آياسين ۽ پوءِ اتان وجئي جي گهر آياسين جتي اسان جي رات جي ماني جو بندوبست ٿيل هو. وجئي جو فليٽ (گهر) تمام سٺي علائقي، پالي هلز ۾ واقع هو. وجئي جو فليٽ جنهن عمارت ۾ واقع هو انهيءَ عمارت جي زمين ڪنهن وقت جڳ مشهور اداڪاره مينا ڪماري جي ملڪيت هئي. انهي وڪري ڪرڻ کانپوءِ ڪنهن ڪنسٽرڪشن ڪمپني اِهي فليٽ ٺهرايا. انهيءَ عمارت جي سامهون هڪ اهڙي ٻي عمارت بہ هئي. وجئي جي چوڻ مطابق انهيءَ عمارت ۾ ڪشور ڪمار ۽ ڪي ٻيا فنڪار رهائش پذير هئا.

اسان لفٽ ۾ چڙهي فليٽ تي پهتاسين. فليٽ اندران تمام سهڻي نموني سينگاريل ۽ سجايل هو جنهن مان رهندڙ جي نفاست ۽ ذوق جي عڪاسي ٿي ٿئي. وجئي جي گهر ۾ فلم "ڪتا" وڊيو تي ڏٺيسين. وجئي جا بہ پٽ آهن، جيڪي پڙهندا آهن. وجئي جي گهر واريءَ جو اصل ڳوٺ رتو ديرو سنڌ هو.

گهر جي سيني ڀاتين اسان جي من جي گهرائين سان آڌرڀاءُ ڪئي ۽ اسان جي خدمت ۾ وسئون ڪونہ گهٽايائون. هم وطنين جي وڇوڙي ڪانپوءِ هڪ ڊگهي عرصي ميلاپ ۾ ڪيڏو نہ اتساهہ هوندو آهي! رات جي ماني وجئي جي گهر کائي واپس هوٽل پهتاسين. صبح سوير اشوڪ اسان کي هوٽل تان ڪٽڻ آيو ۽ اسان ساڻس گڏ سندس ڪارخاني تي وياسين. هيءُ ڪارخانو دادا جي ڪارخاني کان وڏو هو. منهنجي اندازي مطابق اٽڪل سٺ ستر مزدور هتي ڪم ڪندڙ هئا. هن ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن ۾ گهڻائي عورتن جي هئي پر انهن ۾ هڪ بہ سنڌياڻي نہ هئي، البتہ مردن ۾ بہ ٽي سنڌي هئا. هن ڪارخاني ۾ ننڍڙن ٻارن جا ريڊي ميڊ ڪپڙا تيار ٿيا ٿي. هندوستان ڪپڙي ۽ فيشن جي لحاظ کان پاڪسان کان پٺتي آهي. پاڪستان جي وڏن شهرن ۾ جيڪا گهما گهمي ۽ رنگ روپ يا گليمر آهي سو هندستان ۾ گهٽ ڏسڻ ۾ آيو. ڪراچي ۾ جهڙا عاليشان بنگلا آهن تهڙا بمبئي تہ ڇا پر ڪيترن وڏن شهرن ۾ ڪونہ آهن. موٽرڪارن جو بہ جيترو تعداد اسان وٽ ڪراچيءَ ۾ آهي اوترو بمبئي ۾ ڪونهي. اسان جو ملڪ پرڏيهي مال گهرائڻ تي جيڪي ڪروڙها ڊالر صرف ڪري ٿو سي هندوستان ۾ ديسي سامان جي استعمال ڪري بچيو پون. اسان وٽ هڪ طرف لکين ماڻهو هڪ ويلي جي روٽي لاءِ بہ محتاج آهن تہ ٻي طرف ڪروڙها روپين جي ماليت جي سينگار جا سامان (Cosmetics) يعني عطر، پرفيومس، ميڪ اپ وغيره جا قيمتي سامان ڏيساور کان درآمد ڪيا وڃن ٿا. هن ديس جي دولت پيدا ڪرڻ وارا لکين پورهيت تن جي لٽي لاءِ پريشان آهن تہ چند ڏوڪڙن وارا خوشبوئن ۾ ٽٻ ٽٻن ۾ غسل فرمائين ٿا. اسان جي ملڪ ۾ امير ۽ غريب جي وچ ۾ وڏي اقتصادي وڇوٽي پيدا ٿي ويئي آهي ۽ جيڪا معمولي اصلاحن جي ذريعي ختم نٿي ٿي سگهي. اسان جو امير ماڻهو دنيا جي امير ماڻهن جي صف ۾ شمار ٿئي ٿو. اسان جي ملڪ جهڙو غريب ماڻهو بہ بنگلاديش ۽ آفريڪن ملڪن ڪانسواءِ ورلي ڪٿي نظر ايندو. اسان وٽ ٻهراڙين ۾ نوخيز نياڻيون بہ ٻني ٻاري جو ڪم پنهنجي پشم جهڙن هٿن سان ڪن ٿيون ۽ ميلن جا ميل خاص طرح ڪوهستان ۽ ٿر ۾ پاڻي ڀرڻ لاءِ پنڌ ڪن ٿيون.

ڪوهستان ۽ ٿر ڪي گهمندي مون پنهنجي اکين سان اهڙا انيڪ نظارا ڏٺا آهن.

اشوڪ جي ڪارخاني جو چڪر لڳائي (Thumbs up) پي دادا جي ڪارخاني پهتاسين. دادا سندس مينيجر اسان سان گڏ ڇڏيو ۽ چيائينس تہ مهمانن کي شهر جو سير ڪرائي اچ. اسان مينيجر سان گڏ شهر جي سير تي نڪتاسين. پهريان اسان جسلوڪ اسپتال آياسين جتي مون پنهنجي طبي چڪاس واسطي رزرويشن ورتي. هيءَ اسپتال هڪ سنڌي ڪٽنب ٺهرائي آهي. جسلوڪ ٻن لفظن جو مرڪب لفظ آهي. هڪ جسي ٻائي ۽ لوڪو (مرد) هنن جا ٺهيل مجسما پڻ موجود آهن. هيءَ اسپتال ويهہ ماڙ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ دنيا جون وڏي کان وڏيون اسپتالون ٻيون بہ هجن پر مون تہ هيستائين ههڙي وڏي اسپتال ڪٿي بہ ڪانہ ڏٺي آهي. هن اسپتال ۾ علاج ۽ آپريشن

وغيره جي سلسلي ۾ تمام جديد قسم جا آلات هتي موجود آهن. هندوستان جو مشهور فلمي اسٽار اميتاڀ بچن قلي فلم جي زخمي ٿيڻ کانپوءِ پهريان هن ئي اسپتال ۾ زيرعلاج رهيو. بعد ۾ کيس بيچ ڪئنڊي اسپتال منتقل ڪيو ويو. جتي کيس ان وقت جي وزيراعظم شريمتي اندرا گانڌي بہ پڇڻ آئي هئي. اهو صرف ان ڪري نہ جو اميتاڀ هندوستاني فلمن جو بهترين هيرو آهي پر انهيءَ ڪري جو نهرو خاندان ۽ اميتاڀ خاندان جا پراڻا ذاتي تعلقات پڻ آهن.

اميتاڀ جو پيءُ هندوستان ۾ هندي ٻوليءَ جو وڏو ۽ ناليرو شاعر آهي. اميتاڀ صحتياب ٿيڻ کانپوءِ جن اهم شخصيتن جو ٿورو مڃيو تن ۾ پاڪستان جو صدر ضياءُ الحق پڻ هو جنهن تار ڪري سندس صحتيابي لاءِ دعا گهري هئي.

اسان جسلوڪ اسپتال ۾ بکنگ ڪرائڻ کانپوءِ سڄي اسپتال جو تفصيلي چڪر لڳايو. انهيءَ کانپوءِ سمنڊ جي ڪناري مئرين ڊرائيو چوپاٽي ڏنوسين ۽ انهيءَ بعد نيشنل ميوزم وياسين پر اهو بند پيو هو. جنهن ڪري ان کي اندران نہ گهمي سگهياسين. انهيءَ بعد گيٽ وي آف انڊيا وٽ سمنڊ جي ساحل تي آياسين ۽ اتي ڪافي دير تائين ويٺا رهياسين. جتي ٻيا بہ ڪيترائي ڏيهي توڙي پرڏيهي سياح ويٺا سمنڊ جو نظارو ڏسي رهيا هئا. سمنڊ جي ساحل تي ويهندي مونکي ڪراچي ڪلفٽن ياد آيو. بمبئي ۽ ڪراچي ۾ ڪافي هڪجهڙائپ آهي. سمنڊ جا ساحل چاهي اهي ڪهڙي ملڪ ۾ بہ هجن ڏاڍا رومانٽڪ ٿين ٿا. آڪاش جيان وشال سمنڊ انساني يادن جا اڻ ڳڻيا سلسلا پنهنجي سيني ۾ سانڍيو ويٺو آهي. انهي ڪنارن جي ينل هوائن ۾ هزارين ۽ لکين محبت وارن جوڙن جا پيار پريا ٻول ۽ رس رهاڻيون گهوليل آهن. سمنڊ جي موجان موج مست لهرون اڄ بہ سرمستي سرگم ڇيڙي رهيون آهن پر اهي محبت واريون ڌڙڪندڙ دليون ڪيڏانهن ويون هليون؟ انهن سامونڊي ڪنارن تي ڪيترن وڻجارين پنهنجن ورن کي ورلاپ ڪيا هوندا ۽ ڪيترن مهريءَ تي مٿا رکي لڙڪ لاڙيا هوندا ۽ ڪيترن ڪوهن ۽ وائنٽن ۾ اکيون آڙائي اچڻ وارن ڪنڌ ڪيڙائن جا اوسيئڙا ڪيا هوندا. ڪيترين پرين پسڻ لاءِ ڏيا ٻاري باسون باسيون هونديون ۽ ڪيترن جي پلئو پائي اوساهون ڪيديون هونديون! ڪي وجهڻ ڪان نہ مڙيا هوندا تہ ڪن ورڻ جي نہ ڪئي هوندي. هنن بي زبان هوائن ۾ ڪيڏا درد ڪيڏيون پيراهون ۽ ڪيڏا ورلاپ آهن. اسان جي لطيف سائينءَ پنهنجي تخيل جي اک ۽ ڪن سان اهي ورلاپ ايئن محسوس ڪيا جو سندس اندر اٿلي پيو ۽ سڄو سر سامونڊي تخليق ٿي پيو.

سيئِي جويَنَ ڏِينهَن، جڏهن سَجَڻَ سَفرِ هَليا!
رُئان رَهِنِ نہ سُپرِين، آيَلِ! ڳريان ڪِيئن؟
مُونکي چاڙهي چِيئَن، ويو وَڻِجارو اوهِري!

اُونهي ۾ اوهِرِي، جڏهن ويا جي،
موٽِي ماڳِ نہ آئِيا، ماءِ! سامُونڊِي سي،
كارو ٽنِين كي، جيڪُسِ وَهُ وِرِي ويو!

لَڳِي اُتَرَ اوهِريا، ساموندين سڙهہ سنباهيا،
ننگ كٽي ناكٽا، ٽٽا سٽاوا سير،
هينئڙي نت اكير، كاري كيڙائن جي.

سمنڊ جي ساحل تان اٿي اسان پير واري هوٽل انٽر كانٽيننٽل تي آياسين جنهن كي هندوستان ۾ چون تاج محل . هي تمام وڏي ۽ خوبصورت هوٽل آهي. كراچي واري كانٽيننٽل هوٽل كان وڏي ۽ وڌيك سٺي آهي. اُتي كلاك كن ويهڻ كان پوءِ اسان واپس دادا گوبند جي كارخاني پهتاسين جتي دادا اسانجو اوسيئڙو كري رهيو هو پوءِ دادا سان گڏجي سندس گهر آياسين. دادا جي گهر ماني كائيندي اوچتو لائيٽ ويئي هلي جنهن تي دادا گهر ۾ مرهٽڻ نوكرياڻيءَ كي چيو تہ هن فيوز كي ڊوميسٽڪ لائين سان گڏي ڇڏ تہ هتي لائيٽ اچي ويندي. مونكي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، سو دادا كان پڇيم تہ پاڻ ٻڌايئن تہ اسان وٽ هتي بمبئي ۾ لائيٽ جي ڏاڍي سهوليت آهي. هتي لائيٽ جا ٻہ كنيكشن آهن ۽ اُنهن جا ميٽر بہ الڳ الڳ آهن. هڪ كي چون ڊوميسٽڪ ۽ ٻي كي چون نيشنل، جڏهن هڪ لائين مان لائيٽ وڃي هلي تہ ٻيءَ ۾ ضرور هوندي آهي تنهنكري هتي لائيٽ نہ هئڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. واقعي ڏاڍو عجب ۽ سهوليت ڀرو بندوبست آهي. جيكڏهن بمبئي جهڙي اٿاهہ ۽ ماڻهن سان ڳتيل شهر ۾ بہ ٽي كلاك لائيٽ وڃي تہ فليٽن ۽ چالن (بمبئي ۾ هڪ كمري واري فليٽ كي چون چال جنهن تي هندستان ۾ كافي فلمون بہ ٺهيل آهن مثلاً كٽا ۽ اپنا گهر) ۾ ماڻهو كر اصل پچي پون، پر لائيٽ جي هن سهوليت جي كري اهڙن سوڙهن فليٽن ۾ كي قدر آرام رهي ٿو ۽ كاروبار بہ متاثر نٿو ٿئي. هتي اسان كي كافي وقت ٿي ويو هو ۽ ٻي ڏينهن اسان جي ڳوٺ وارن سيٽ كندن ۽ بين ڏانهن جل گائون وڃڻو هو سو هاڻي دادا كان موكلائي جل گائون جو پروگرام ناهي هوٽل روانا ٿياسين، ٻي صبح جو پروگرام هن ريت هو تہ دادا صبح جو سوير اسان وٽ ايندو ۽ اسان كي اسٽيشن پهچائيندو.

اسان هوٽل پهچي جل گائون ٽيليفون كري سيٽ كندن كي ٻڌايو تہ اسان هتان صبح جو اُسهنداسين ۽ ٽرين جي پهچڻ جي توهانكي سُڌ هوندي، اچا بہ وڌيك خبر لاءِ دادا كي فون كري كائنس پُڇي ونجو. اسان كُجهہ سامان ساڻ نيڻ لاءِ ٺيڪ ٺاك كيو ۽ باقي سامان بئگن ۾ بند

ڪري هوٽل ۾ رکي ڇڏيوسين ۽ هوٽل وارن کي پنهنجي هوٽل ڇڏڻ ۽ وري واپس اچڻ جي پروگرام کان واقف ڪيوسين

دادا گوبند صبح سوير سهڙيو ته اسان اڳ ۾ ئي تيار ٿيو وينا هئاسين. سندس ڪار ۾ بمبئي جي وڪٽوريا ٽرمينل (V.T) ريلوي اسٽيشن روانا ٿياسين. اسٽيشن پهچندي پهچندي دادا اسانکي بمبئي بابت ڪافي معلوماتي ڳالهيون ٻڌايون ته انڌيري، آري ڪالوني، بوري ولي، سانتا ڪراوز، بانڊرا، جوهو اسڪيم، جوهو ڪار، ماهيم، ڏاڏر، بائيڪلا، لال باغ، محمد علي روڊ، جي.جي اسپتال، چوپاٽي، ميرين ڊرائيو پالي هلس وغيره سڀ بمبئي جا مکيه علائقا آهن. دادا اهو به ٻڌايو ته هتي زمين جي ڏاڍي قلت آهي. جنهن ڪري پلاٽن ۽ فليٽن جي ڳري قيمت آهي. هتي ڪافي رهائشي علائقا اهڙا آهن جتي سمنڊ کي سُڪائي اُتي انساني وسنديون قائم ڪيون ويون ۽ اهو سلسلو اجا تائين جاري آهي. اسان کي ڪيترن دوستن ٻڌايو ته بمبئي ۾ فليٽ سسٽم کي سنڌين عام ڪيو جي نه ته اڳ ۾ فليٽ سسٽم جو ايترو رواج نه هو. بمبئي ۾ انهي فليٽ سسٽم جي ڪري ڪيتريون چوڻيون مشهور ٿي ويون آهن جن ۾ هيءَ چوڻي عام آهي:

”ڇت ڪسي ڪي اور بت ڪسي ڪي مگر گهر همارا“

بمبئي جي سڄي شهر ۾ صرف هڪ ميڊيڪل ڪاليج آهي، جنهن جو نالو آهي ”گرانٽ ميڊيڪل ڪاليج“. بمبئي جي آدمشماري 82 لک آهي. جڏهن ته ڪراچي جي آدمشماري 50 لک آهي پر پوءِ به ان ۾ ٽي ميڊيڪل ڪاليج آهن:

1 سنڌي ميڊيڪل ڪاليج
2 اردو ميڊيڪل ڪاليج
3 ٽيون آغا خان ميڊيڪل ڪاليج.

بمبئي شهر ۾ وڏي ۾ وڏي مسجد ذڪريا مسجد آهي. بمبئي ميونسپل ڪارپوريشن جو هن وقت ميئر سوهن سنگهه بيدي آهي ۽ بمبئي جو شيرف ڪُجهه سال اڳ فلم اداڪار دليپ ڪمار هو. راهه ويندي دادا اسانکي هٿ جو اشارو ڪري ٻڌايو ته اخبار ٽائيمس آف انڊيا جي آفيس هوءَ آهي. اهڙيءَ ريت ڳالهيون ڪندي اچي ريلوي اسٽيشن پهتاسين. پراڻي نموني جي هيءَ ريلوي اسٽيشن پڪيڙ ۾ ايتري وڏي هئي جو اُن کي گهمڻ لاءِ پورو هڪ ڏينهن کپي. آءُ ڊاڪٽر راجو ۽ دادا سامان کڻي اسٽيشن اندر پليٽ فارم ٽڪيٽ وٺي پهتاسين. دادا اسانکي ٻڌايو ته ٽڪيٽ اتي رکي جنهن به

ڪلاس ۾ گنجائش ڏئين، جنهن پليٽ فارم تي جل گائون لاءِ ريل اچڻي هُئي اتي تمام گهڻي رش هُئي. هيتري ساري رش ۽ پيڙ ڏسي مٿو ٿي چڪرايو تہ هيترا سارا ماڻهو ريل ۾ ڪيئن سمائبا ۽ کهڙيءَ ريت ريل ۾ سوار ٿي سگهبو.

هونئن بہ مونکي پاڪستان ۾ ريل ۾ سواري نہ ڪندي تيرهن سال ٿي ويا آهن. البتہ ملڪ کان ٻاهر هڪ دفعو آئون ۽ عبدالعليم سنگاپور کان ڪوالالمپور ٽرين ۾ ويا هُئاسين پر اُها ٽرين نٿي لڳي جڻ تہ هوائي جهاز هو. دل پئي چاهيو تہ اجا پيا سواري ڪريون. بهرحال هتي پيڙ جو اهو عالم ڏسي مونکي هڪ واقعو ياد آيو تہ هڪ دفعو آءٌ ڪراچي هوائي اڏي تي صبح جي حج فلائيٽ لاءِ ڊيوٽي ڏيئي رهيو هوس ۽ منهنجو سڄو عملو سنيءَ ريت پنهنجي فرض ادائي ڪري رهيو هو تہ جيئن جلد مسافرن کي فارغ ڪجي، هونءَ بہ حج فلائيٽ تي سيٽي ڪاتا اها ڪوشش ڪندا آهن تہ حج فلائيٽ جلد رواني ٿئي ۽ ڪابہ شڪايت وغيره نہ ٿئي، ٻيو تہ انهيءَ فلائيٽ ۾ اُنهي وقت جو وزيرِ داخلہ محمود هارون بہ حج وفد وٽي وڃي رهيو هو. تنهن ڪري سارو عملو جانفشاني کان ڪم وٺي رهيو هو. جمبو جهاز هو. انهي ڪري مسافرن ۽ انهن کي الوداع چوڻ وارن جي گهڻائي هُئي. عملي جا ماڻهو ۽ مسافر هيڏانهن هوڏانهن تيزيءَ سان ڊوڙي ڊڪي رهيا هئا، پر ڏٺم تہ هڪ مسافر اڪيلو اڪيلو ويٺو آهي ۽ روئي رهيو آهي. جيئن تہ آءٌ اسٽاف جي ڪم ڪار جي نظرداري ڪري رهيو هوس. سو انهي مسافر تي نظر پوڻ شرط ڏانهن ويس ۽ پُڇيم : ”توهان ڇو پيا روئو؟“ تہ همراه ڪوبہ جواب نہ ڏنو. بہ ٽي ڀيرا پڇڻ تي روئندي روئندي همراه ڪنڌ مٿي ڪنيو پر واتان وائي بہ نہ ورايائين. همراه ڪو ڳُراڙو پناڻ ٿي لڳو ۽ هٿ ۾ حج پاسپورٽ هوس. ڪانئس پاسپورٽ وٺي ڏٺم تہ نالو هو تارا گلاب خان ۽ سرحد جي قبائلي علائقي سان واسطو رکندڙ هو. مون پنهنجي هيڊ محرر (جنهن کي هوائي اڏي تي چون ديوان) کي سڏ ڪيو جيڪو بہ پناڻ هو ۽ نالو هوس محمد خان، ڪيس واردات کان واقف ڪيوم ۽ چيومانس تہ تون پڇينس تہ آخر ڳاله ڇا آهي ۽ هو ڇو روئي رهيو آهي. سو محمد جان وڃي ساڻس ڳالهايو ۽ ڪافي دير جي گفتگو بعد ڏٺم تہ محمد جان کلڻ شروع ڪري ڏنو. پڇانس ڪٺيو تہ ٻڌائي ڇا آهي تہ اڇيو ٺهڪڙن ۾ پوي. نيٺ ٻڌايائين تہ سائين هيءُ همراه صوبہ سرحد جي قبائلي علائقي سان واسطو رکندڙ آهي ڪيس رواني ڪرڻ وارا هتي لائونچ تائين پهچائي ويا آهن. ڇاڪاڻ تہ هتي مسافرن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي اچڻ جي اجازت ڪونهي، انهي ڪري همراه اڪيلو رهجي ويو آهي، ٻي ڳالهہ تہ هيءُ همراه بنهہ صفا ڪو ٻهراڙيءَ جو آهي ۽ ڪڏهن گهر کان ٻاهر نہ نڪتو آهي. سڄي حياتي پورهئي سان ميڙيل موڙي سيڙائي حج تي ٿو وڃي. هتي هيڏي ساري رش ڏسي وائڙو ٿي ويو آهي ۽ سمجهي ٿو تہ هيڏي ساري رش ۾ هن کي هوائي جهاز ۾ جڳهہ ڪانہ ملندي ۽ هو حج جي زيارت کان محروم رهجي ويندو. وري وٽس ايترا پئسا ڪڏهن گڏ ٿيندا جو هو حج ڪري سگهندو. انهي گهبراهٽ ۽ نراسائي ۾ ويٺو روئي. مون اها ڳالهہ ٻڌي محمد جان کي چيو

تہ تون هن کي هڪدم وٽي سيني ڊپارٽمينٽس مان ڪليئرنس ڪرائي جهاز تائين پهچائي پوءِ موٽي اچ. ڏسجان تہ هن ويچاري کي ڪا تڪليف نہ ٿئي ۽ پڻ جهاز ۾ اسٽيورٽ ۽ ايئرهوسٽس کي چئج تہ هن مسافر ويچاري جو خيال رکن.

سو هتي بہ ايڏي ساري پيهو پيهہ ڏسي مونکان رهيو نہ ٿيو سو دادا کان پڇيم، ”دادا ڇا بمبئي کان جل گائون ڪا ايئر سروس آهي؟“ دادا ڳالهہ سمجهي ويو سو مُرڪي وراڻيائين، ”جل گائون تہ نہ پر اورنگ آباد ڏانهن ايئر سروس وڃي ٿي، پر توهان ڳڻتي نہ ڪريو توهان لاءِ هتي ئي آءٌ پاڻهي ٿو بندو بست ڪريان“ مون کي ڪُجهہ آٿت آئي. دادا ڪنهن ريلوي آفيسر سان ڳالهايو جنهن چيو تہ توهان کي فرسٽ ڪلاس ۾ بہ جڳهيون وٺي ڏيندس. ريل آئي، دادا وري بہ وڃي اُنهي ريلوي آفيسر سان ڳالهايو ۽ پوءِ اسان کي وٺي ريل جي اُنهي دبي ۾ جنهن ۾ اُهي جاٽايل بہ نمبر هُئا تنهن تي آڻي ويهاريائين. ٿوري دير کان پوءِ اهو ساڳيو ئي ريلوي آفيسر آيو جنهن دادا سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايو. دادا اُنهيءَ کي اسان ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌايو تہ اُهي بہ همراه هي آهن. جنهن تي ريلوي آفيسر اسان کي بہ ٽڪيٽ ڏنا ۽ چيائين، ”يائو! آءٌ بہ سنڌي آهيان. جيستائين منهنجي ڊيوٽي آهي تيستائين رهاڻ ڪندا هلنداسين. دادا اسانکي چيو تہ آءٌ وڃيو ٿو سيٺ ڪُندن کي فون ڪري ٻُڌايان تہ توهان کي هن ٽرين جي کهڙي دبي ۾ وٺنا آهيو. پاڻ ريل جي ڪُولين کي بہ سمجهائي ڇڏيائين تہ کهڙي اسٽيشن تي اسان کي ماني ۽ کهڙي اسٽيشن تي شام جي چانهہ پهچائن ڇو تہ ڊگهي سفر ڪري تڏهن جل گائون ڪافي دير کان پوءِ پهچندي. ريل جي سيٽي وڳي. دادا اسان کان موڪلائي هيٺ لٿو. اسان اُتي در مان ڏٺو تہ دادا ڪافي دير تائين اسان ڏانهن ڏسندو هٿ لوڏي الوداع ڪندو رهيو. دادا جي هٿ کي هوا ۾ لُڏندي منهنجي تصور ۾ اُهي سوين ۽ هزارين هٿ ڪٽڪ جي سونن سنگن جيئن لُڏندا نظر آيا جيڪي پيار ۽ اُڪير جون دل ڏاريندڙ يادون ڪٺي سنڌ مان ويندڙ سنڌين جي قافلن کي الوداع چئي رهيا هئا. هير آباد حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي سرهاڻ ڀريل راتين ۾ انهي سمي ڪيڏو نہ نراس، اوندهہ ۽ سراپ هو. مون کي ياد آهي هن سفر دوران مون هڪ ڪُراڙي سنڌي هندوءَ کان پڇيو.

”ڪاڪا! پنهنجي ڌرتيءَ کان ڌار ٿيڻ کان پوءِ توهان پاڻ کي ڪيئن ٿا محسوس ڪيو؟“

منهنجي هن سوال سندس زخمن جون مڙيئي ڪڙيون لاهي ڇڏيون. ڏٺم تہ همراهہ سڏڪن ۾ اچي پيو آهي ۽ نيڻن مان نيرن جي بارش پئي ٿئي. ايڏو ڪو جهجيل جيءُ هئس جو سارو بدن اڪيون هُجيس ها تہ بہ نيرَ نہ روڪجن ها. هِن جواِهو حال ڏسي منهنجي هنيانءَ ۽ اکين تي بہ ڪکرن جا ڪارونيار اچي مِڙيا.

**ڪوجوانس مِينهن، آريءَ جي عشق جو**
**راتيان روئي رت ڦڙا سُک نہ سارو ڏينهن.**

## پارو ڇاڻو نينهن، متان مائو نہ ٿئي.
### لطيف

اسان موٽي اچي پنهنجين سيٽن تي ويناسين. هيءَ ريل بہ پاڪستان ۾ هلندڙ ريلواين جهڙي ئي هئي. هن جو فرسٽ ڪلاس بہ تقريباً پاڪستان ريلوي جي فرسٽ ڪلاس جهڙو هو. (البتہ هِن وقت پاڪستاني ريلوي جو فرسٽ ڪلاس ڇا آهي تنهنجي ڪابہ سُڌ ڪونہ اٿم ڇاڪاڻ تہ ريل ۾ سواري ڪئي ورهيہ ٿي ويا آهن.) بمبئي کان جل گائون جو فاصلو چار سوء ويهہ ڪلو ميٽر آهي جيڪو اٽڪل ست ڪلاڪ وٺي ٿو.

بمبئي کان جل گائون تائين مکيہ استيشنون هي آهن:

1- دادر، 2- ڪلياڻ، 3- ايگت پوري،

4- ناسڪ، 5- سن سارڊ، 6- چاليس گاون

اُنهي کان پوءِ اچي ٿو جل گائون. انهيءَ کان علاوه وچ ۾ ننڍيون ننڍيون ٽيشنون بيون بہ گهڻي ئي آهن.

بمبئي کان وٺي جل گائون تائين سارو علائقو باراني آهي. هتي پوک صرف مينهن تي ٿئي. اسان کي رستي ۾ ڪٿي بہ بئراج، واهہ يا ڪسي بہ نظر نہ آئي. ڪٿي ڪٿي کوهن تي بہ ٿي ايڪڙ آباد نظر آيا ۽ بس. مينهن جي منڊ هئي،اِنهي ڪري اوهيرا ڪيو پي وسيو. بمبئي کان وٺي جل گائون تائين رڃي وسڪار هئي. جڏهن واپس ورياسين تہ اُن وقت بہ وڏڦڙو پي وٺو. ٻاهر ڪٿي بہ ساوڪ سبزي نہ هئي نہ تہ ڪر ڪافي مزو اچي ها.

سنڌي ريلوي آفيسر اسان جي ماني کائڻ کان پوءِ آيو ڪجھ دير مارڪو ڪيائين. سادو سڌو ماڻهو پئي لڳو. سنڌ جون ۽ اسان جون ڪافي خبرون پُڇيائين. ڪلاڪ کن کان پوءِ اسان کان اجازت ورتائين ڇاڪاڻ تہ هن کي اڳين استيشن تي لهي واپس بمبئي وڃڻو هو. هُو بمبئي ۾ رهندو هو.

آءُ هاڻي ڪجهہ ساهي پٽڻ لاءِ برٿ تي چڙهي ليٽي پيس. ننڊ اچڻ جو امڪان نہ ڏسي استيشن تان ورتل اخبارون ڪٽي پڙهڻ لڳس. هيٺ ڏٺم تہ ڊاڪٽر راجو ڪنهن ماڻهوءَ سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائي رهيو آهي. شايد ڪنهن ريلوي استيشن تي ريل بيٺي هئي اتان چڙهيو هو. همزبان هُجڻ ۾ بہ ڪيڏي ڇڪ آهي. آءُ هيٺ لهي آيس تہ ڊاڪٽر صاحب اُنهي همراهہ سان سڃاڻپ ڪرائيندي چيو تہ هيءُ ڀاءُ اڳين استيشن تان چڙهيو آهي ۽ اڳتي پوني ڏانهن وڃي رهيو آهي. اُنهي همراهہ ٻڌايو تہ هو اصل حيدرآباد جو آهي ۽ هن وقت سرڪاري نوڪري سان گڏ مڇي پَلي جو واپار بہ ڪندو آهي.جنهن تي مون چيس تہ اسان ٻُڌو آهي تہ هتي پَلو ٿئي ئي ڪونہ ۽ هِتي جا سنڌي اجان پيا پَلي

کي سارين. تنهن تي پاڻ وراڻيائين برابر اسان درياهه شاهه کي اجان پيا ساريون پر هتي سامونڊي پلو ٿئي جيڪو اسان سڄي هندستان ۾ سپلائي ڪريون. سمنڊ جي پلي ۾ اُها لذت ۽ شيريني نه آهي جيڪا مٺي (درياه) جي پلي ۾ ٿئي.

اسان شام جي چانهه پيتي. اسان جي منزل هاڻي جلد اچڻ واري هئي، جنهن ڪري سامان ٺيڪ ٺاڪ ڪري تيار ٿي ويٺاسين. جل گائون پهچڻ جي احوال ڏيڻ کان اڳ آءُ پنهنجن پاڻکن کي جل گائون جي دوستن جو سرسري ذڪر ٻڌائڻ مناسب ٿو سمجهان. اسان جي ڳوٺ ٻني ضلع ٺٽہ ۾ هڪ هندو ڪُٽنب رهندو هو جنهن سان اسان جا ٻنهه ويجها لاڳاپا هوندا هئا. ورهاڱي کان پوءِ اُهي همراهه هندستان هليا آيا. سندم والد صاحب ارباب نور محمد پليجي ۽ اسان جي ڳوٺ جي مولوي حاجي محمد حسن سان ڪجھ وقت تائين سندن خط و ڪتابت ٿيندي رهي پر پوءِ ٻاونجاهه ٽيونجاهه کان اِها بہ بند ٿي وئي. پاڻ ۾ ڪُل ست ڀائر هئا ۽ سندن نالا هئا:

1۔ سيٺ مولچند
2۔ سيٺ آسنداس
3۔ سيٺ ڪندن
4۔ سيٺ شيام داس
5۔ سيٺ منگهن
6۔ سيٺ چوئٿرام
7۔ سيٺ تلسي داس

آءُ بہ ڪيترائي ڀيرا ٻاهر ويس ۽ دوران سفر هندستان مٿان پرواز بہ ڪيم پر ڪڏهن بہ هندستان ۾ اسٽاپ نہ ورتم، جي نہ تہ بئنڪاڪ، سنگاپور، ڪوالالمپور، هانگ ڪانگ، منيلا يا ٽوڪيو ويندي بمبئي يا دهلي جو اسٽاپ وٺان ها تہ ٿورڙي خرچ ۾ اِهي ٻئي شهر گهمي وٺان ها. هندستان ۽ هندستان ۾ ڳوٺ وارن کي ڏسڻ جي هيڪ ڇڪ تہ ڏاڍي هيم پر انهن جو ڪوبہ پتو پار نہ هُيم. هڪ ڀيري عجب اتفاق ٿيو. شري وليرام ولپ سان رهاڻ ويٺي ڪيم تہ پاڻ ٻڌائين تہ هير آباد ۾ مسٽر نورمحمد نالي هڪ فوٽوگرافر آهي، جنهن کي سندس هڪ دوست ڪندن خط لکيو آهي جنهن ۾ توهان جي والد صاحب جو تمام گهڻو ذڪر ڪيل آهي. توهان هاڻي جڏهن ٻيهر پنهنجي والد صاحب بابت ڪتاب ڇپرايو تہ اُنهي ۾ اِهو خط ضرور ڇاپجو. آءُ انهي وقت ئي وليرام کي ساڻ ڪري مسٽر نورمحمد وٽ آيس جنهن اسان کي اُنهي خط جي فوٽو ڪاپي ڏني ۽ ڀاءُ ڪُندن ۽ ٻين جو احوال بہ ٻڌائين. اِنهي کان پوءِ مون کي اِنهن همراهن جي پارپتن جو پتو پيو ۽ مُون پڪو پهه ڪيو تہ جڏهن بہ هندستان ويس تہ اِنهن همراهن کي ڏوري ڏسندس. سو اِنهي مَن اُڇل هاڻي گهيلي اچي جل گائون پيڙو ڪيو هو.

منهنجو ڄم اٺيتاليهه سوءِ پنجيتاليهه جو آهي ۽ اسان جي ڳوٺ مان هندوئن جي لڏ پلاڻ 1947ع ۾ ٿي هئي. جيئن ته آءٌ ان وقت صرف ٻن سالن جو صغير هئس اِنهي ڪري اُها واردات ڪُجهه به ياد نه اٿم. اڄ جو ڪجهه اُنهي وقت, حالت ۽ ماڻهن بابت ڄاڻان ٿو سو بابي مرحوم ۽ ٻين وڏڙن کان ٻڌل آهي. هندستان اُسهڻ کان اڳ ڳوٺ وارن کان اِنهي ڪٽنب بابت گهڻي معلومات گڏ ڪري ڊائري ۾ لکي ڇڏي هُيم. ۽ ذهني طور تي ايتري قربت پيدا ڪري ورتي هيم جو هتي پهچندي ڪابه اجنبيت/ اوپرائپ محسوس نه ٿيم. ريل جل گائون ريلوي اسٽيشن تي پهتي. آءٌ ۽ ڊاڪٽر راڄو هيٺ لٿاسين. ڪافي وڏو پليٽ فارم هو. پري کان ڏٺم ته اٽڪل ٻارهن چوڏهن همراهه تڪا تڪا ڏوڪيندا اسان ڏانهن پيا اچن. تمام گهڻي سِڪ ۽ پاٻوهه سان اسان کي ڀاڪر پائي مليا. ننڍا سيئي پيرين پئي ڏاڍي ادب سان مليا. محبت ۽ گرم جوشي جي انهيءَ ماحول ۾ اسان جي دلين جون ڌڙڪنون تيز ٿي ويون. ڪجهه دير ته سناٽي واري ماحول ۾ رڳو هڪ ٻئي کي گهُوريندا رهياسين. نيٺ مون سانت کي ٽوڙيندي کانئن پڇيو ته توهان اسان کي سُڃاتو ڪيئن؟ اُنهيءَ تي ٻاڻ جواب ڏنائون ته توکي خبر ناهي ته تنهنجي شڪل بلڪل تنهنجي والد صاحب جهڙي آهي. اسان ته ائين ڀانيون پيا ته ارباب نورمحمد اسان جي سامهون بيٺو آهي. اسان کي ارباب صاحب جي اها تصوير به ياد آهي جڏهن هو ڪراچي بندر تي اسان کي اکين ۾ ڳوڙها آڻي رخصت ڪري رهيو هو ۽ ڪراچي ۾ ايستائين ترسيل هو جيستائين اسان روانا نه ٿياسين. صرف انهي ڪري ته متان اسان کي ڪا تڪليف پيش اچي. اڄ اسين ائين ڀانيون پيا ته ساڳيو ارباب اسان جي پر گهور لهڻ آيو آهي. ڀاءُ ڪندن مل اسان جو ٻين سان تعارف ڪرايو ۽ مون وري ڊاڪٽر راڄي سان هن جو تعارف ڪرايو.

اسان هاڻي پليٽ فارم ڇڏي ٻاهر نڪتاسين ۽ ڪارن ۾ سندن گهر ڏانهن روانا ٿياسين. جل گائون جي رستن تان هلندي هلندي هڪ ته ماڙ عمارت آڏو اچي بيٺاسين, جيڪا سندن پنهنجي جڳهه هئي, جنهن ۾ ٽي چار ڪٽنب رهندا هئا ۽ باقي ڪٽنب ٻين هنڌن تي رهندا هئا. اسان ڪافي دير ڪچهري ڪندا رهياسين. سيٺ ڪُندن مل ٻڌايو ته سندن وڏو ڀاءُ سيٺ مولچند هتان کان ويهه ميل پري ڀوسال ۾ رهندو آهي, جيڪو صرف اسان سان ملڻ واسطي هتي آيل هو ۽ ان سان گڏجي ڀوسال وڃڻو آهي. اسان کين پنهنجي پوري پروگرام کان واقف ڪيو ته اسان کي ڪڏهن بمبئي کان ڪولمبو وڃڻو آهي ۽ اڳيان به ڊگهو سفر آهي. هتي جل گائون ته صرف سندن هيڪ جي چڪ چڪي ڪٽي آئي هئي. مون ٻڌاين ته اسين به چار ڏينهن جيڪي هتي آهيون سي اوهان جي حوالي آهن جيڏانهن به وٺي هلو. سيٺ ڪُندن مل چيو ته هاڻي آرام ڪريو ڇاڪاڻ ته توهان به ٿڪل هوندا. باقي حال احوال سياڻي ڏبا ونبا. آءٌ ڊاڪٽر راڄو ـ سيٺ مولچند جيڪو اسان جي آجيان لاءِ آيو هو مهمان خاني ۾ رهجي وياسين ۽ باقي ٻيا سڀ موڪلائي روانا ٿي ويا. هونءَ ته اڪثر ٻي جي

بستري ۾ ٻي جي گهر ۾ ننڊ ٻنهه مشڪل سان اچي پر هتي ته پنهنجائپ جو اُهو احساس هو جو ڪا شئي ڌارين نه پئي لڳي، انهي ڪري الله توهار ڪري اڪيون پوريونسين ته ننڊ ورائي ويئي.

صبح ننڊ مان سجاڳ ٿي ڏٺم ته ڊاڪٽر راڄو ۽ سيٺ مولچند بلڪل تيار ٿيو ويٺا هئا. ڊاڪٽر صاحب مون ڏانهن نهاريو ۽ دستور مطابق سلام ڪيائين ۽ چيائين ته ناشتو تيار آهي، صرف تنهنجي تيار ٿيڻ جو انتظار آهي. سيٺ ڪندن ٻه ٽي چڪر هڻي ويو آهي. آءُ جلدي وهنجي سهنجي تيار ٿي آيس ته ماني به لڳي چڪي هئي. ناشتو ڪري ٻاهر نڪتاسين. اسان سيٺ ڪندن جي ڪار ۾ چڙهياسين جنهن کي سيٺ تلسي داس جو پٽ مڪيش هلائي رهيو هو. اسان سان گڏ سيٺ ڪندن، سيٺ مولچند ۽ سيٺ چوئٿرام هئا. پهريائين اسان کي پنهنجن دڪانن ۽ ڪارخانن تي وٺي ويا. سيٺ مولچند بوسال ۾ رهندو آهي باقي سيٺ ڪندن مل ۽ سيٺ تلسي داس ۽ ٻيا سڀ جل گائون ۾ رهندا آهن ۽ مختلف ڌنڌا ۽ واپار ڪندا آهن. سيٺ ڪندن ۽ تلسي داس وڏي پئماني تي ٻيڙي جو ڌنڌو ڪندا آهن ۽ سيٺ چوئٿرام ۽ سيٺ منگهن لال وري ڪوئلي جو وڏو واپار ڪندا آهن. سيٺ چوئٿرام جي ڪوئلي جي فرم جو نالو سنڌ ڪول ڪمپني آهي. باقي سيٺ آسنداس ۽ شيام داس اسٽيشنري ۽ ڪٽلري جو ڌنڌو ڪن. اسان سندن سڀ دُڪان ۽ ڊيپو ڏٺا. سندن واپار تمام سنو هلندڙ آهي ۽ ڏاڍا سُکيا ستابا آهن. سندن چوڻ موجب پهريائين ڪجهه تڪليفن جا ڏينهن ڏٺائون پر پوءِ جلد سُٺن ڪاروبارن جا ڌڻي ٿي ويا.

سنڌي هندو ته واپار جو بادشاهه آهي. سنڌ ورڪين جي هاڪ به مُلڪان ملڪ پکڙيل هئي. جل گائون ڪافي وڏو شهر آهي. آءُ پانيان ٿو سکر جيڏو ٿي ويندو. انهيءَ کان پوءِ اسان کي شهر جي سير تي وٺي ويا. شهر ۾ ڪلب، سوئمنگ پول، مل ايريا، باغ، تلاءُ سنڌي ڪالوني ۽ امر شهيد ڀڳت ڪنور سينٽر، هتي سنڌين پنهنجي چندي سان ٺهرايو آهي. هيءُ سينٽر ڏسي خوسي ٿيم پر پنهنجي ماڻهن جي حال تي ملال ٿيم ته اسان وٽ شهيد ڀڳت ڪنور جهڙي صوفي منش انسان لاءِ جيڪو ڳائڻ کان پوءِ مليل پئسا ضرورتمندن اڳيان مسلمان ۽ هندو جي فرق کانسواءِ ڦهلائي ڇڏيندو هو، ڪابه يادگار قائم نه ڪئي ويئي آهي. امر ڀڳت ڪنور ته سنڌ جي مٽيءَ جو جُزيل هو ۽ اِنهي مٽي ۾ دفن ٿيو پر نفرتن جي هِن نگر ۾ ههڙي معصوم انسان کي محبت جي ميٽا نه ملي سگهي. اُهي هٿ ڪيڏا نه ظالم، بي رحم ۽ ڪنور هئا جن ههڙي پوتر ۽ پاڪ شخص کي شهيد ڪيو. امر ڪنور ته شهيد ٿي ويو پر هُن جنهن محبت ۽ ايڪتا جا گيت ڳايا اُهي اڄ به زنده آهن. هُن جنهن پيار جي سُرهاڻ کي نگر نگر ڦهلايو سا اڄ به زنده آهي اڄ جو سنڌي امر شهيد ڪنور کي پنهنجي ميراث ٿو سمجهي ۽ ڪيس جيءَ ۾ جايون ٿو ڏي. سنڌ اندر هليل قومي سجاڳي جي هلچل ماضي جي نفرتن جي ڪڙاڻ کي گهڻو گهٽائي بي اثر بنائي ڇڏيو آهي. اهو وقت ڏور ناهي جو سنڌي پنهنجي وڇايل وٽ

واپس ورائي وڃندا ۽ پنهنجي راڄ ڀاڳ جا ڏٽي پاڻ ڏيندا. پوءِ ڪابہ قوت سنڌ جي ريڊيو تان ڀڳت ڪنور جي ڪلام نشر ٿيڻ کي روڪي نہ سگهندي.

سنڌي هندوئن سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مثلاً حيدرآباد، ڪراچي، شڪارپور ۽ سکر ۾ ڪاليج، اسپتال، اسڪول، پاٺي پيئڻ جون ٽانڪيون، آرام لاءِ ڇاپرا ۽ ڪيترائي خيراتي ادارا قائم ڪيا هئا جن جو اڄ نالو پڻ ۾ نٿو اچي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هڪ منظم سازش تحت هر ممڪن طريقو استعمال ڪري سنڌي ماڻهن کي سندن ماضيءَ کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. سندن تاريخ کي غلط، ڀيانڪ ۽ نفرت انگيز بنائي پيش ڪيو ويو تہ جيئن سنڌي قوم ماضيءَ ڏانهن موٽي نهاري بہ نہ. اهڙيءَ ريت سنڌ جي ڪن دشمن قوتن اِها هلچل بہ هلائي تہ سنڌ جو نالو جيئن تہ هندو تهذيب جو نشان آهي انهيءَ ڪري ان جي بدران هن سرزمين جو نالو ”باب الاسلام“ رکيو وڃي. سندن اها ناپاڪ سازش ڪامياب نہ ٿي سگهي تہ ٻيا ڪئين ڪارا ڪم ڪيائون. سنڌ جي شهرن جي گهٽين، عمارتن، پارڪن، اسپتالن ۽ رستن کي بہ مُشرف اسلام ڪندي هندوئن جا نالا مٽائي مسلمانن جا نالا رکيا ويا.

سنڌي هندوئن ساڳئي طرح هندستان ۾ ڪافي خيراتي اسپتالون، ڪاليج، اسڪول ۽ ٻيا ادارا نهرايا آهن. امر شهيد ڀڳت ڪنور سينٽر بہ انهيءَ سلسلي جڳ هڪ ڪڙي آهي. هن سينٽر جي تمام سٺي عمارت آهي جنهن ۾ چار سو کن لاچار لاوارث پوڙها مرد ۽ عورتون رهن ۽ جن جي رهائش، خوراڪ، ڪپڙي لٽي جو بندوبست بہ هن سينٽر طرفان ڪيو ويو آهي. هيءُ سينٽر تمام صاف سٿرو آهي جتي ڪابہ گندگي ۽ غلاظت نظر نہ آئي. هيءُ سينٽر هڪ ائسوسيئيشن طرفان هلايو ٿو وڃي. مخير حضرات طرفان جيڪي چندا ملندا آهن تن جي ڪابہ پڌرائي نہ ڪئي ويندي آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن مخير ماڻهن جي طرفان نالن جي پڌرائي جي منع ٿيل آهي. اسان وٽ تہ جيڪو چندو يا خيرات ڏيندو آهي سو دهل دمامر وڄائي ڏيندو آهي تہ جيئن دنيا ۾ سندس نيڪ نامي ٿئي. اُهو ماڻهو جيڪي فلاٽي ادارن کي چندا بہ ڏين ۽ شهرت کان بہ پاڻ کي پري رکن سي سڏڙين ۽ شهرت پسندن جي ڀيٽ ۾ گهٽو بهتر آهن.

اسان وٽ هتي نشيمن جي نالي سان کي خيراتي ادارا آهن، جن ۾ ڪورٽن ۽ پوليس طرفان موڪليل بيواهہ عورتون رهايون ويندیون آهن، پر انهن ادارن جي اندرين حالت جا عبرت انگيز قصا اڪثر اخبارن ۾ پڙهندا رهندا آهيون. اسان هن سينٽر ۾ ڪافي دير رهياسين ۽ اُن کي چڱي ريت گهمي ڏٺوسين. سينٽر جي ٻاهران ڀڳت ڪنور رام جو وڏو مجسمو بہ لڳل آهي. هن سينٽر گهمڻ کان پوءِ اسان واپس گهر ورياسين، ماني کاڌيسين ۽ کي پل آرام ڪري پوءِ سيٺ مولچند جي دعوت کائڻ لاءِ بوسال روانا ٿياسين. سيٺ ڪندن مل بہ اسان سان گڏ هيو. گاڏي دستور مطابق مکيش هلائي. بوسال جل گائون کان ويهہ ميل کن ٿيندو. اسان ڪلاڪ ۾ بوسال پهتاسين. بوسال بہ جل

گائون جيڏو وڏو شهر هو. هتي بہ جل گائون جيان سنڌي وڏي تعداد ۾ آباد آهن. بوسال جو هن ڪان اڳ جو ميئر هڪ سنڌي هو ۽ اسان جي ڳوٺ ٻني جو اصلوڪو رهاڪو هو. سندس نالو هو ويرسين ۽ ٻني جي وڏي ۾ وڏي سيٺ ڪيلاچند جو پٽ هو. هينئر بہ هو ميونسپالٽي جو ميمبر هو. بوسال تمام وڏو ريلوي جنڪشن آهي. اسان جي دعوت جو بندوبست سيٺ صوبراج مل ٻني واري جي بنگلي تي هو. پاڻ ۽ سندس ڀين ساٿين اسان کي هارُ پهرائي اسان جي قربائتي آجيان ڪئي. هن آجيان ۾ سِڪ ۽ اُڪير جا اَڻ ميا اشارا هئا. پهريائين اسان کي شهر گھمائڻ وٺي ويا جتي اسان ڀين سنڌين سان ملياسين جن ۾ وڏو تعداد ٻني وارن جو هو ۽ جيڪي سڀ جا سڀ واپاري هئا. سندن واپار جون ڪوٺيون تمام وڏيون هيون ۽ ڏاڍا سُکيا ستابا هئا. ڏاڍي سڪ ۽ محبت سان اسان سان مليا. اُنهي ڪان پوءِ اسان سيٺ صوبراج جي بنگلي تي آياسين. ڪافي ڪشادو ۽ سنو بنگلو هو جتي ٻيا بہ ڪيترائي سنڌي آيا جن سان سني ڪچهري ٿي. ڪچهري جي رنگ مان ائين پي لڳو تہ ڄڻ اسان سنڌ ۾ ويٺا آهيون. سيٺ صوبراج هڪ وڏو ٺيڪيدار ۽ دل جو ڪشادو ماڻهو آهي. سندس طرفان آيل مهمانن لاءِ مانيءَ جو بندوبست ڪيو ويو هو. پاڻ ٻني ۾ اسان جي گهر جي ويجهوئي رهندو هو. سندس اصل ڳوٺ بچل گگو هو جتان پوءِ لڏي اچي ٻني رهيو. سندس شخصيت ڏاڍي پُروقار آهي ۽ طبيعت جو بہ وٽندڙ آهي. اسان رات جي ماني کائي ميزبانن کان موڪلائي بوسال مان روانا ٿياسين ۽ رات جو دير سان جل گائون پهتاسين. جيئن تہ اسان کي ٻي ڏينهن اجنتا، ايلورا ۽ اورنگ آباد گھمي رات جو سيٺ ڪُندن مل جي گُرو (مرشد) وٽ پٽنا ديوي ۾ رهڻو هو. مسافري ڪافي ڏکھي هئي ۽ اِهي متي ڄاڻايل جڳهيون تاريخي لحاظ کان پنهنجي حيثيت ۽ وڏي اهميت جون هيون.اِنهي ڪري اُنهن کي چڱيءَ ريت گھمڻو هو.اِنهي ڪري صبح سوير تيار ٿي روانا ٿياسين. جيئن تہ اسان کي پٽنا ديوي ۾ رات رهي صبح جو سوير چاليس گائون مان ريل ذريعي بمبئي موٽڻو هو انهي ڪري سيني همراهن کان پاڪر پائي موڪلاڻي ڪئيسين ۽ سيٺ چوئٿرام اسان ساڻ هليا. سيٺ ڪندن مل مُسافري لاءِ هر گهُربل شئي سنيالي ڪنئي. ٻنپهرن لاءِ ماني بہ گهران تيار ڪرائي ڪنيائين تہ جيئن واٽ تي هوٽل جي ماني نہ کائڻي پوي. اسان پنهنجن سنڌي ڀائرن ۽ ڳوٺاڻن کان آخري موڪلاڻي ڪري روانا ٿياسين.

مون کي پنهنجن انهن ڳوٺاڻن کان وڇڙندي ڏاڍو ڏک ٿيو. هندستان جيڏي هِن وسيع ملڪ ۾ اِهي ئي تہ چند ماڻهو هئا جن ۾ مونکي ملير جي مهڪ ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي اُها پيني پيني بُوءَ محسوس ٿي، جيڪا لطيف جي بيتن، سچل جي ڪافين ۽ سامي جي سلوڪن ۾ رچيل آهي. تاريخ جي ڪيڏي نہ ستم ظريفي آهي جو هيڏي ويجهڙائپ هوندي بہ ڪيڏي نہ وڇوٽي وچ پئجي ويئي آهي .

ڪڏهن تہ ڪرندي ڪاڪ ڪڏهن تہ ملندو ميڙو،

پڇان وڏي واڪ، سڏ بہ ڏي ڪو سنڌ ۾.

هاڻي اسان جي سفر جي پهرين منزل اجنتا کيوز (اجنتا جون غارون) هئي جيڪي جل گائون کان اُٺهٺ (۵۹) ڪلوميٽرن تي هئي. هيستائين پهچڻ ۾ اسان کي اٽڪل ٻه ڪلاڪ لڳا. سڄي رستي ۾ اسان کي ڪٿي به آباديءَ جو نشان نظر نه آيو. سڄو علائقو باراني آهي انهي ڪري ڪاٻه پوک وغيره نه هئي. ڪٿي ڪٿي ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ وڻ نظر آيا ٿي جي نه ته خير ئي خير هو. رستو به سُنو نه هو اسان وٽ به اڳ رستا ڪشادا نه هوندا هئا پر هاڻي اهي روڊ ڊبل ڪشادا ٿي ويا آهن. جنهن رستي تي اسان جي ڪار ڊوڙي رهي هئي سو به سوڙهو هو انهي ڪري اڪثر ڪراسنگ ۾ هيٺ لهڻو پيو ٿي. سڄي هندستان ۾ تقريبا باءِ روڊس جي ساڳي حالت آهي. پاڪستان ۾ هاڻي تقريبا جيڏانهن ڪيڏانهن رستا ڪشادا ٿي ويا آهن. اسان جي ضلع ٺٽي ۾ به ساڳئي ويڏن هئي پر هاڻي ٺٽه _ سڄاول پُل (سنڌ درياه تي ) ٺهڻ ۽ ٺٽي ۾ سيمنٽ فيڪٽري ۽ شگر مل لڳڻ ۽ جهوڪ شريف ۾ شگر مل پوڻ ۽ بدين ضلع جي خاصخيلي ڳوٺ مان پيٽرول نڪرڻ ڪري ٽريفڪ وڌي ويئي آهي جنهن ڪري ٽنڊو محمد خان سڄاول، بدين سڄاول ۽ سڄاول ٺٽو روڊ ڪشادا ڪيا ويا آهن ۽ اڃان به انهن تي ڪم هلندڙ آهي، پر هتي جل گائون ۽ اورنگ آباد نه رڳو به وڏا شهر آهن پر ضلع هيڊ ڪوارٽر به آهن ۽ اورنگ آباد لاءِ ته بمبئي کان روزانو به هوائي سروسز به هلندڙ آهن تڏهن به رستن جي حال چڱي نه هئي.

پٿر منجهه پُڪار چيٽيءَ پيٽي ناهي ڪا،
سِر ۾ سنگتراش جي ڪارا ڪارونيار،
اُپري جن مان اوچتو صورت سِج اُيار،
سرچي سرجڻهارَ مرڪي جاچي مُورتي.
اياز

هاڻي اسان هندستان جي پراچين تهذيبي آثارن کي ڏسڻ جنتا جي غارن وٽ رسياسين. غار _ گفا انسان جو جهوني ۾ جهُونو اجهو آهي. اُهي غارون جن ۾ انسان جو جهُوني ۾ جهونو اجهو آهي. اُهي غارون جن ۾ انسان سر لڪائڻ لاءِ پهرين پهرين رهائش اختيار ڪئي سي انسان جون تراشيل ۽ ٺاهيل نه پر قدرتي ٺهيل هيون. غار سان انسان جي وابستي بنهه پراڻي ۽ يادگار رهندي آئي آهي. ابتدائي انسان جي نقشگري جا اهڃاڻ آڏين ڦڏين ليڪن ۽ تصويرن جي صورت ۾ غارن ۾ ئي ڏسڻ ۾ آيا .ابتدائي انسان جا پٿرايل هڏا ۽ جسم (Fossils) به غارن مان ئي دستياب ٿيا .قديم يونان جي ديوتائن جو گهر اولمپيا جبل ۾ اُن جون غارون هيون، هندستان ۾ شيوَ جو آستان به ڪيلاش پهاڙ هو. حضرت موسيٰ عليہ السلام کي رب جو جلوو به طور سينا تي نظر آيو انسان جا شڪار لاءِ پهريان

هٿار بہ پهاڙن جا تراشيل نوڪدار پٿر هئا، قديم دور جي خدائن ڪي پهرين جسماني صورت بہ پٿرن ۾ نصيب ٿي. حصرت نوح نبيءَ جي ٻيڙي بہ ڪنهن اُتاهين جبل تي لنگر انداز ٿي. حضرت محمد صہ تي وَحي بہ حرا جبل جي غار ۾ نازل ٿي. حصرت محمد صہ جن جي هجرت وقت پناهہ گاهہ بہ هڪ غار ثور هئي .هندستان جي مهان مصورن ۽ سنگتراشن جي هنر ۽ ڪاريگري جا حيران ڪندڙ شاهڪار بہ اجنتا ۽ ايلورا جي غارن ۾ محفوظ آهن. هونئن تہ اهي غارون جن کي انسان خود تراشيو عيسوي سن کان بہ اڳ جون چيون وڃن ٿيون پر هڪ عرصي تائين اهي انسان جي نظر کان انهيءَ ڪري لڪل رهيون جون مغل بادشاهہ اورنگزيب عالمگير جي ديني مزاج کي اهي مورتن ۽ مجسمن جا مرڪز پانءِ نہ پيا ۽ هُن اُنهن کي مٽي ــ ريتي جي ڍيرن هيٺان دفن ڪرائي ڇڏيو. اسان جي سونهين (گائيڊ) ٻڌايو تہ ١٨١٩ع ۾ ڪي انگريز هتي شڪار ڪرڻ سانگي آيا ۽ هُنن کي هي آثار ڏسڻ ۾ آيا جن اها ڳالهہ اُن وقت جي سرڪاري ڪارندن تائين پهچائي اُنهي کان پوءِ اهي غارون منظر عام تي آيون. هاڻي تہ سڄي دنيا کان سياح لکن جي تعداد ۾ هنن غارن کي ڏسڻ ايندا آهن. هنن غارن کي تہ هاڻي مصر جي احرامن وانگي تاريخي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي. هي غارون بيشڪ عجائبات عالم جوهڪ نادر ۽ بي مثال نمونو آهن .اجنتا هڪ ڪوئڙو آهي جتي هي غارون جبلن کي ٽڪي ۽ تراشي ٺاهيون ويون آهن. مهاراشٽر رياست جو هيءُ ڳوٺڙو اورنگ آباد ضلع ۾ واقع آهي.

اسان ٽڪيٽ وٺي هڪ سونهون (گائيڊ) ساڻ ڪٺي اندر داخل ٿياسين. هتي ڪُل ٽيهہ غارون آهن جن مان ڪي اڌپوريون رهيل ٿيون ڏسجن. هنن غارن ۾ پٿر جي اُڪر جي ڪم سان گڏو گڏ مُصوري جا بہ بهترين نمونا آهن. ايلورا جي غارن جي مقابلي ۾ هتي چترڪاري (مصوري) جو ڪم گهڻو آهي. هنن هزارها سال پراڻين تصويرن ۽ پٿرن جي ٽڪائي کي ڏسندي ماڻهو دنگ رهجيو وڃي. مشهور مصور ۽ مجسمہ ساز مائيڪل اينجلو رافيل، ليونارڊو ڊائي ونچي ۽ پڪاسو خوش نصيب فنڪار هئا، جن کي پنهنجي پورهئي ۽ ذات جي موت ۾ تاريخي شهرت نصيب ٿي ۽ اڄ تائين اُهي ياد آهن. پر انهن عظيم چترڪارن ۽ مجسمہ سازن جي پاڳ لاءِ ڇا چئجي جن جا فنپارا تہ زنده آهن پر تخليقڪار گمنامي جي گوشي ۾ هليا ويا آهن. انهن تخليقڪارن جي نالي کي پنهنجي تخليقن جيتري بہ شهرت نصيب نہ ٿي سگهي. مون اها ڳالهہ انهي ڪري لکي آهي جو هڪ تخليقڪار کي ذهني ولوڙ جي ڪربناڪ ڪيفيتن مان گذرندي، پنهنجي تخليق کي جنم ڏيڻو پوندو آهي. مائيڪل اينجلو جنهن جي هٿ جو ڇهاءُ بي جان پٿرن ۾ جان وجهي ڇڏيندو هو. تنهن کي حضرت دائود جو مجسمو تراشيندي چار سال لڳي ويا. مائيڪل اينجلو کي هڪ دفعي اٽلي جي هڪ حاڪم جوليئس حڪم ڏنو تہ هو اسٽيني جي گرجا گهر تي مُصوري ڪري. جيئن تہ بنيادي طرح مائيڪل اينجل بت تراش هو نہ ڪہ مُصور، انهي ڪري هن پاڻ بچائڻ جي ڪافي ڪوشش

ڪئي پر هيءُ بنهه اڻانگو ڪم هن جي سر ۾ ڇهتي ويو. ڇيو وڃي ٿو ته هن ڪم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ مائيڪل اينجلو کي اسٽيني جي اونداهي گرجا گهر ۾ چئن سالن لاءِ قيدي بڻجي رهڻو پيو. هيءُ گرجا گهر اونداهي ۽ گنبذ نما عمارت هئي، جنهن جي اوچائي ويڪر کان وڌيڪ هئي ۽ ڇت به گولائي تي نه، پر ڪنڊن ۾ ورهايل هئي ۽ اهي ڪنڊون به هزارين هيون ۽ ايراضي ڏهن هزارن فوٽن کان وڌيڪ هئي. اها سموري چترڪاري استڪاري رنگن، سان ڪرڻي هئي. پلستر ۽ استڪاري سان تصوير سازي جي طرز هيءَ هوندي آهي ته رنگن کي پاڻيءَ ۾ ملائبو آهي ۽ پوءِ اُن کي آلو پلستر هڻبو آهي. جڏهن آلو پلستر سُڪندو آهي ته اهي رنگ ان ۾ هميشه لاءِ محفوظ ٿي ويندا آهن. هيءُ ڪم تيزيءَ سان ڪرڻو پوندو آهي.

هيءُ ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ مائيڪل کي هڪ ڪتولي جهڙي شيءِ تي سمهي چترڪاري ڪرڻي پوندي هئي. چار سال لڳاتار ڪم ڪندي هن کي هيڏي جسماني ٿڪاوٽ ۽ ذهني پيڙا محسوس ٿي هوندي تنهن جو اندازو ٻيو ڪير به نٿو لڳائي سگهي. انهي ڪيفيت جو اظهار هن خود پنهنجي هڪ نظم ۾ ڪيو آهي:

هِن اُنداهي ڪوٺي ۾ رهندي،
منهنجو جسم جهُري پيو آهي،
بلڪل ائين...... جيئن...
لونبارڊيءَ جي ڪنين نالين ۾ ٻلين
جا گلا سُڄي پوندا آهن
پيٽ اچي ڍُنيءَ سان لڳو آهي
منهنجي ڏاڙهيءَ جو رخ آسمان ڏانهن آهي،
۽ ڀنا ڪرنگهي سان ملي ويا آهي،
برش جي رنگن جا ڇنڊا
منهنجي منهن تي چترڪاري ڪندا اهن،
منهنجو رانون پاسرين سان گسنديون آهن،
جسم جو بار سارڳ،
هڏن تي اچي بيٺو آهي
جسم جي اڳئين حصي جي کل ڍري ٿي ويئي اٿم
او لوڪو! مان ڇاٽا ٿو....!
ذهن ۽ نگاهه جو ميوو به عجيب ۽

غير حقيقي هوندو آهي، ڇو ته....
جيڪا بندوق خود سڌي نه هوندي،
تنهن جو نشانو به سڌو نه هوندو آهي،
اڇو لوڪو! منهنجي مُئل تصويرن ۽ شعرن ۾
نئون روح وجهڻ جي ڪوشش ڪريو.
مُون سان خراب سلوڪ ٿي رهيو آهي......
منهنجو فن منهنجي لاءِ شرم جو ڪارڻ
بڻيل آهي.

مائيڪل اينجلو جي انهيءَ ڪربناڪ حالت کي نظر ۾ رکندي انهن ڪاريگرن، مُصورن ۽ تخليقڪارن، جن اجنتا ۽ ايلورا جي هنن عظيم شهڪارن کي جنم ڏنو تن تي مونکي ڪهل به آئي ۽ افسوس به ٿيو ته ڪاش تاريخ جي صفحن تي انهن جا نالا محفوظ رهن ها ته ڪيڏو نه چڱو ٿئي ها! اجنتا جون غارون جل گائون کان 59 ڪلوميٽرن ۽ اورنگ آباد کان 104 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهن. اجنتا ۽ ايلورا غارن جو درمياني پنڌ 76 ڪلوميٽر آهي. اجنتا ڪيوز جو ٻاهريون ڏيک گهوڙي جي سنب / نال جي شڪل جهڙو لڳي ٿو. هي غارون اندر ويڪر ۾ ايتريون ڪشاديون نه آهن. غارن جي ديوارن تي نڪتل عورتاڻيون تصويرون، اسڪيچ ۽ رنگ روپ جي اعتبار کان پرڪشش ۽ وڻندڙ آهن. انهن تصويرن ۾ هندستاني سونهن جي ماڪيءَ جهڙي منڙي رس ۾ رابيل ۽ چنبيلي جهڙي پيني پيني مهڪ آهي. هڪ هزار سالن گذرڻ ڪانپوءِ به اها مهڪ ۽ سونهن اڃا به قائم آهي. هڪڙي غار ۾ هڪ سهڻي وينگس جي وٽيل وارن ۾ سجايل ڦول، چپن تي پيار جي مرڪ، تنهن تي شفق جي ڳاڙهاڻ جا رنگ وڪريل ڏسي ائين پيو ڀانيم ته ڪاليداس جي شڪنتلا جاڳي رهي آهي يا ميران جو گيت انساني روپ ڌاري وينو آهي يا عمر خيام جي رباعي پيڪر حسن ۾ جلوه گر آهي. ليونارڊو ڊائي ونچي پنهنجي هڪ تخليقي شاهڪار تصوير موناليزا جي ڪري دائمي شهرت پائي ويو پر اجنتا جي ديوارن تي چٽيل هي موناﻻئزون ڪهڙي ڊائي ونچي جي تخليقي صلاحيت جو نتيجو آهن سا ڪنهن کي به خبر نه آهي. انهن تصويرن جي رنگن روپن ۽ انگن ونگن ۾ ڪهڙا اسرار پوشيده رکيل آهن سي ڪي ساڃهه جا صاحب ئي پروڙي سگهن ٿا.

جيئن ته اسان اڳ ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون ته هتي ڪل 30 غارون آهن. انهن غارن مان چترڪاري جو شاهڪار ڪم غار نمبر 1، 6، 17 ۽ 19 ۾ نظر اچي ٿو. مورت سازي جو بهترين ڪم غار نمبر 19،24، ۽ 26 ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهن غارن مان غار نمبر 9، 10، 19، 26 ۽ 29 چئيتا هال

(يعني عبادت گاھ) آهن ۽ باقي وهار آهن يعني ٻُڌ ڀڪوشئن جون رهائشگاهون. لفظ وِهار اسان جي نامياري شاعر شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ هيئن استعمال ڪيو آهي.

اجان ٻه ٽل تي هُيا نڪاٽا، اجان ٻه ڪي
سک سار ۾ هيا.
سڳي وڳي ٽي، سنئين لڳين ڪي ٻه چار
ڀڪشو وهار ۾ ها.

غارن جون ديوارون جيڪي آڏيون ڦڏيون ۽ هيناهيون مٿاهيون هيون انهن تي چترڪاري ڪرڻ لاءِ وڏي مهارت جي ضرورت هئي. هيءُ دور اُهو هو جڏهن نہ جديد اعلي اوزار هئا ۽ نہ رنگ ۽ برش، ديسي سامان مان نهايت سادگي سان چتر چٽڻ لاءِ ان وقت جي مصورن ڪي پنهنجي تخليقي صلاحتون ڀرپور نموني استعمال ڪرڻيون پونديون هونديون. انهن غارن تي چترڪاري لاءِ جيڪا ٽيڪنڪ /طرز استعمال ۾ آئي هوندي تنهن جو ذڪر دلچسپي کان خالي نہ ٿيندو. اها ٽيڪنڪ خالص ديسي ٽيڪنڪ لڳي ٿي. پهريائين ڪنهن مٿاڇي تي مٽي، ڳئون جي ڇيڻي ۽تون هن (چانورن جو ڇلڪو) جو تھ وڇائي اُن کي ماري سان ڄمايو ويندو هو. اهڙيءَ طرح اٽڪل ڏيڍ سينٽي ميٽر جو تھ ٺهي پوندو هو. جنهن تي عمدي قسم جي چُن جو سنهو تھ چاڙهي. اُن کي لسو ڪيو ويندو هو. پوءِ انهي تي برش سان خاڪو تيار ڪري ان ۾ رنگ ڀريو ويندو هو. رنگن ٺاهڻ لاءِ پيلي ۽ ڳاڙهي مٽي، پسيل پڪل سرون، چمني / بتي جي ڪراڙ ۽ ڪاپر آڪسائيڊ استعمال ڪيا ويندا هئا.

انهن غارن جي ڇتين تي ٻوٽن، جاميٽريڪل ڊزائنس، اپسرائن، پکين ۽ جانورن جون تصويرون ٺهيل آهن. ڀتين تي نڪتل تصويرن مان ڪي مهاتما گوتم ٻڌ ۽ سندس چيلن جون آهن تہ ڪي وري ڏند ڪٿائي ڪهاڻين جي ڪردارن ۽ واقعن جي عڪاسي ڪندڙ آهن.

غار نمبر 1 تمام شاندار نموني تيار ٿيل ۽ سينگاريل آهي ۽ پنهنجو مَٽ پاڻ آهي. هن غار جي مُهڙ تي سورنھ سينگار سجايل آهن ۽ سندس ورانڊي ۾ ڇهن ٿنڀن تي عمدي ٽُڪسالي ٿيل آهي. اندريون هال اٽڪل 64 چورس فُٽ آهي. انهن جي پاسن تي گهوڙن جون قطارون آهن.

ڏيڍي جي پويان غار جي مُنهن سامهون ٻُڌ جي هڪ وڏي تصوير آهي، جنهن ۾ سندس پهريان پنج پيروءِ ۽ ٻيا ڏيکاريل آهن. هڪ مرڪزي ٿنڀي تي هڪ عجيب ۽ پرڪشش اڪريل چتر آهي، جنهن ۾ چار هرڻ مختلف ويهڪن ۾ ڏيکاريل آهن پر چئني جو مٿو هڪ آهي. هن مورت کي ڪٿان بہ ڏسو تہ هرڻ مڪمل نظر ايندو. جيڪڏهن ڳوڙهو ويچار ڪجي تہ هن مورت مان اهو سنديش /

پيغام ملي ٿو تہ ڪثرت ۾ وحدت سمايل آهي. اهو فلسفو هندي ويدانت ۽ اسلامي تصوف ۾ هڪ ئي رنگ روپ ۾ موجود آهي.

هن غار جي ديوارن ۽ ٿنڀن تي نڪتل اڪثر تصويرون جتڪا (Jatka) آکاڻين تي مشتمل آهي. مکيہ لنگهہ جي کاٻي پاسي نڪتل تصوير سڀ جتڪا جي نالي سان تعبير ڪئي وڃي ٿي اها آکاڻي ڪجهہ هن ريت آهي تہ هڪ ڪبوتر باز جي لامارن ۽ جهڙپ کان بچڻ لاءِ بادشاهہ سبي جي پناهہ ۾ اچي پيو جيڪو ٻڌ جو پيرو هو. باز پنهنجي شڪار کي ڳوليندي بادشاه وٽ آيو ۽ پنهنجو شڪار بادشاهہ کان طلب ڪيائين. بادشاهہ ڪبوتر جي وزن جيترو گوشت پنهنجي جسم مان ڪوري باز کي ڏنو. تصوير ۾ ڪبوتر بادشاهہ جي هنج ۾ ويٺل ڏيکاريو ويو آهي. هن تصوير مان انساني ٻاجهہ ۽ رحمدلي جي انهي عنصر جي عڪاسي ٿئي ٿي جيڪو اڳتي هلي جين مت ۾ جيو هتيا (ساهوارن کي مارڻ گناهہ آهي) مها پاپ هئڻ جي صورت ۾ پڌرو ٿيو.

پوئين وراندي جي ديوار تي ٻن ٻُڌ چيلن جون تصويرون آهن. اهي تصويرون فن ۽ فڪر جي لحاظ کان انمول شاهڪار آهن. انهن مان هڪ ۾ هڪ ٻڌ چيلي کي جهڪيل نگاهہ سان ويچار ۽ فڪر ۾ غرق ڏيکاريو ويو آهي. انهن فڪر ۾ ٻڏل جهڪيل نگاهن ۾ سنسار جا اڻ ڳڻيا ۽ اپار ويچار هئا. ائين ٿي لڳو تہ ميوي سان ٽمٽار ڪا ٽاري جهڪي پئي آهي ۽ اندر ۾ ڪي آگم آهن، ڪي جهُڙ آهن، ڪي وڏا وسڻ جا ويس آهن. هن جي چهري تي اٿاهہ گنڀيرتا آهن، جنهن ۾ هر ساهواري لاءِ اڻ ميي محبت آهي. چيو وڃي ٿو تہ هن تصوير دنيا جي وڏن آرٽ جي پارکوئن کي متاثر ڪيو آهي.

هن غار جي زينت هڪ ٻي تصوير بہ آهي جنهن ۾ هڪ سندر سڊول ناري کي سهڻو سپنو لهي رهي آهي. هن جي ڪارن وارن ۾ گلن ۽ هارن جي سجاوٽ آهي. ڇاتي جو اپار ائين پيو لڳي ڄڻ سنڌ ساگر ۾ ڪا وير اُٿلي پئي آهي. اُرهہ اهڙا اپريل آهن ڄڻ تہ انهن کي ڇڳڙڻ وارو اجهو هن پڌر تي پير ڏرڻ وارو آهي. ڳچيءَ کان وٺي اُرهن جي وچان ويندي ڌُن تائين ڪا اڻ لکي ليڪ ائين لنگهي رهي آهي جو ڄڻ تہ سنڌو ڪيلاش کان سنڌ ساگر ڏانهن ڌوڪيندي پئي وڃي. هن تصوير جي چهري تي گنڀيرتا جا رنگ چڙهيل آهن.

اسان کي هتي گهمندي ائين محسوس ٿيو تہ اسان قبل مسيح دور ۾ آهيون. هتي اسان جا بہ ڪلاڪ ٻن پلن / گهڙين وانگي گذريا ويا. جيئن تہ اسان کي اجان بہ پنڌ ڇڪڻو هو انهي ڪري باقي غارن کي تڪڙي ۽ مٿاڇري نظر سان ڏسندا ٻاهر آياسين. سچ پچ دل تہ ائين پي چاهيو تہ هتي ڪي ڏينهن ترسي پئجي هنن شاهڪارن جو فني، ٽيڪنيڪي، فلسفيانہ ۽ جمالياتي نظر سان ڳُوڙهو ابياس ڪجي. هنن عجائبات کي گهمڻ ۽ ڏسڻ جو سچو مزو تڏهن ايندو جڏهن انهي دور (ٻہ صدي ق.م 6 صدي عيسوي) جي پراچين تاريخ، تهذيب، ديو مالا ۽ ڌرمن جي تفصيلي ڄاڻ هوندي ۽ انهي سان گڏو گڏ فن مصوري ۽ مجسمہ سازي جي باريڪين جي بہ ڪل هوندي.

اسان هتان نڪري اورنگ آباد روانا ٿياسين، جيڪو اٽڪل 109 ڪلوميٽري پري آهي. ٻنپهرن جي ماني اسان ساڻ هئي. سيٺ ڪندن مل چيو ته واٽ تي ڦلهري ڊاڪ بنگلو ايندو. اتي ماني کائي پوءِ اڳتي هلبو. ٿوري دير ۾ ڊاڪ بنگلو به آيو سيٺ ڪندن مل ڊاڪ بنگلي وٽ لهي پهريائين ڊاڪ بنگلي جي ڪنهن ملازم سان ڳالهائڻ ويو ۽ پوءِ موٽي آيو ۽ اسان کي ڪار مان لهڻ لاءِ چيائين. اسان ڪار مان لهي سامان ساڻ ڪري بنگلي اندر آياسين. اسان اتي ڪجهه ساهي پٽي ۽ پوڄن ڪيوسين. هن بنگلي جي هڪ حصي ۾ پوليس به رهيل هئي.

اسان هاڻي وري اورنگ آباد ڏانهن رخ رکيو. رستي ۾ ننڍا ننڍا وائڻ ۽ شهر هئا پر اسان ڪٿي به نه بيناسين سڌا اچي اورنگ آباد سهڙياسين جتي ڪجهه دير لاءِ شهر گهمي جنهن کان پوءِ شهر کان ٿورو پريرو اورنگزيب جي گهر واري رابعه دراني جي مقبري تي وياسين. هتي هر ماڻهو هن مقبري کي سڏي بيبي ڪا مقبره. هيءُ مقبرو 1679ع ۾ جڙي راس ٿيو. هن مقبري جو نمونو هوبهو تاج محل جهڙو آهي. تاج محل جي اڏاوت فن تعمير جو نادر نمونو آهي ۽ هيءُ انهي جو هڪ اوچو نقل آهي. شايد اورنگزيب پنهنجي پيءُ شاهجهان کي سياسي بساط تي مات ڏيڻ کانپوءِ مُئي پڄاڻا هُنجي ذوق لطيف کي به مات ڏيڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي جنهن ۾ هو خود مات کائي ويو.

عام طرح چيو ويندو آهي ته هو سرڪار خزاني مان پاڻي به پاڻ تي خرچ نه ڪندو هو. پنهنجو پيٽ گذارو قرآن شريف لکي يا ٽوپيون وڪڻي ڪندو هو. ته پوءِ سوال پيدا ٿو ٿئي هن هيڏي ساري مقبري تي ٿيل ڪروڙها روپين جو خرچ ڇا هن ٽوپين جي وڪري مان ميڙيل موڙي مان ڪيو هو؟ ڪتابن ۾ عالمگير، خدا ترس، منصف، زاهد ۽ پرهيزگار جي لقبن سان نوازيل هيءُ مغل بادشاه اصل ۾ ڪنورتا ۽ بي رحمي جو مجسمو هو .

هن جي ڪاتي ۾ سندس پوڙهي پيءُ جا قيد ڪٽڻ وارا ڏينهن آهن. هن جي پهراڻ تي سندس وڏي ڀاءُ دارا شڪوه جي خون جا ڇنڊا آهن. هن جي پيشاني تي درويش صفت انسان سرمد جي خون ناحق جو ٽِڪو آهي. هن جي هٿن تي سندس ٻن ڀائرن مراد ۽ شجاع جو رت لڳل آهي. هن جي ڪاتي ۾ شهيد محبت عاقل خان جي بيوسي ۽ بيچارگي به آهي. هي ڳالهيون به تاريخ جو حصو آهن پر ڪا حق شناس نظر هجي ۽ حق گو زبان هجي.

اورنگ آباد کان ٿورو ٻاهر اورنگ زيب جي گهرواري رابعه دراني جو مقبرو آهي. هتي هن مقبري کي سڏين "بيبي ڪا مقبره". هيءُ عيسوي سن 1679ع ۾ جُڙي راس ٿيو. هيءُ مقبرو تاج محل جو هڪ بيڪار نقل ٿو لڳي. اورنگزيب پنهنجي پيءُ شاهجهان سان جيئري ته ٽڪر کاڌو پر مرڻ کان پوءِ به معاف نه ڪيائينس .عالمگير بلاشڪ پنهنجي چالبازي سان سياسي بساط تي پنهنجي پيءُ کي شڪست ڏيئي ويو پر هن جي تعميرات جي ذوق ۽ ظرف جي بلندين جي دز کي به نه پهچي سگهيو .ڇا تاج محل جو شان و شوقت، جو هر چاهيندر دل پنهنجي محبوب مٿان اهڙي عمارت

جوڙائي صدين تائين پنهنجي پريم جي ياد قائم رکي وڃي، ۽ چا ”بي بي ڪا مقبره“ جهڙو تاج محل جو نقل جنهن کي پيٽ ڪندي کل اچي. هن مقبري جي تعمير تي به ڪروڙين روپيا خرچ ٿيا هوندا. پر حيرت آهي ته مغلن جي ساراهه جا ڍُڪ پريندڙ تاريخ نويسن اها پڌرائي نه ڪئي ته ايترو سارو پئسو اورنگزيب ڪٿان خرچ ڪيو جڏهن ته چيو وڃي ٿو ته هو سرڪاري خزاني مان هڪ پئسو به نه کپائيندو هو. پنهنجو گذر معاش به هو ويچارو ٽوپيون ٺاهي ۽ قرآن شريف لکي ڪندو هو .

تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪي اتفاقي واقعا ۽ حادثا به ٿي پوندا آهن يا ڪي نادان دوست ڳچيءَ ۾ پئجي ويندا آهن. ڏسو ته ههڙي ناانصافي ئي کهڙي ٿيندي جو ههڙي تاريخي زاهد ۽ پرهيزگار بادشاهه جي ڌيءُ زيب النساءِ جو نالو وري ڪراچيءَ جي هڪ مشهور فيشن ايبل گهٽيءَ تي رکيو ويو آهي، جنهن کي اڳي ايلفي يا ايلفنسٽن اسٽريٽ سڏيندا هئا. ساڳئي ٽريجدي سنڌ جي انگريز فاتح سر چارلس نپيئر سان به ٿي آهي، جو سندس نالو اهڙي روڊ تي رکيو ويو جتي وئشيائن جا اڏا هوندا هئا ۽ ڪي قدر اڄ به آهن. اها ٽريجدي چئجي يا سنڌ جي امن دوست ماڻهن جي آزادي کسڻ جي تاريخي سزا، سو فيصلو پڙهندڙ تي ڇڏيل آهي .

عام طرح چوندا آهن ته جهڙا ڪانوَ تهڙا ٻچا، پر ڪڏهن ابتڙ به ٿي پوندو آهي. ان جو مثال خود اورنگزيب ۽ سندس ڌيءَ زيب النساء هئا. هڪ تنگ نظر، تنگ دل ۽ خشڪ مزاج مُلان هو ته ٻي صاحب طرز شاعره ذوق جماليات جي ڏٽي ۽ لطيف خيالن جي پيڪر. زيب النساءِ فارسي زبان جي صاحب ديوان شاعره هئي ۽ سندس تخلص هو مخفي. پاڻ ڏاڍي ذهين، صاحب ذوق ۽ حاضر جواب هئي. هڪ ڀيرو سندس عاشق عاقل خان کيس ٻارهن دري ۾ ڏٺو ته يڪدم هيءَ مصرع چيائين :

”سرخ پوشي بلب بام نظر مي آيد“

ته زيب النساءَ ٺهه پهه وراڻيس :

”نه به زاري نه به زور نه به زر مي آيد.“

مر مر منجهه ميان، مون جا جاچي جندڙي،
تنهن کي پر کي پاهٽي! پنهنجي جان ڏيان.
ٻتر منجهه ٿين، شال جُڳان جُڳ جيئرو.
(اياز)

اورنگ آباد ۾ بي بي جو مقبرو ڏسي اسان سڌا ايلورا ڪيوز واري هنڌ آياسين جيڪو اورنگ آباد کان صرف 29 ڪلوميٽر پري آهي. ايلورا ۾ سياحن لاءِ اجنتا جي بنسبت زياده بهتر انتظام ٿيل آهي. شايد انهي ڪري جو هي غارون سياحن لاءِ وڏيڪ پرڪشش به آهن ته اورنگ آباد کي ويجهيون به. هتي سياحن جي رهائش وغيره لاءِ هوٽلون ۽ ريسٽ هائوس به آهن. اسان گاڏي مان لهي، چانهه پي ۽ ٿورو ٿڪ پڇي پوءِ ٽڪيٽ ورتي. اتان اسان ڪيوز / غارن بابت ڪتابچا ۽ پمفليٽ به ورتا .

هتي اسان ڪجھ وقت رهياسين ۽ ڪافي فوٽو به ڪڍياسين. هتي غارن جي ٻاهران وڏن پُڇن وارا پولڙا سوَن جي تعداد ۾ پيا گهميا .اسان وٽ سنڌ ۾ ته پولڙو ڪو ورلي ڏسبو. سو به ڪنهن فقير وٽ، هيءُ هنومان جو لشڪر ته هتي من موجي ٿيو پيو ٽهلندو ۽ ٽپندو وتيو. ياد ٿو اچيم ته پنڊت جواهر لال نهرو پنهنجي آتم ڪٿان ۾ پولڙن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي :
”بريلي جيل اندر باندرن به چڱي خاصي بينڪ ٻڌائي ڇڏي هئي ۽ سندن ٽينگ ٽپا ڏسڻ وٽان هئا. هڪ واقعوچٽو ياد اٿم. هڪ ٻچو الائي ڪيئن بوراڪ جي اڱڻ واري پٽ ٽپي هيٺ لٿو پر موٽي چڙهي ڪين سگهيو. وارڊن ۽ ڪن مقدمن ۽ قيدين ڪٺي ڪيس جهليو ۽ گلي ۾ نوڙي ٽڪر سرڪائي ٻڌس. وڏيءَ پٽ تان شايد ماٽس ۽ پٽس اهو حال ويني ڏٺو ۽ غصو چڙهين. اوچتو هڪ شاهي باندر هيٺ ٽپ ڏيئي ٻچي کي بچائڻ لاءِ ماڻهن جي ميڙ ۾ ڪاهي پيو. نهايت دليري سان لٺين ڌڪن جو مقابلو ڪندو ٻچو بچائي ڪٺي ويو“.

ايلورا جون هي پراچين غارون ايلورا نالي ڳوٺڙي ضلع اورنگ آباد رياست مهاراشٽر ۾ واقع آهن. هي غفائون ٻن ڪلوميٽرن جي ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهن. هي غفائون ٽن مذهبن يعني: هندو مت، جين ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم سان تعلق رکن ٿيون. هڪ کان 12 نمبر غارون ٻڌ ڌرم سان واسطو رکين ٿيون. 13 کان 29 تائين جو تعلق برهمڻ ازم هندو مت سان آهي ۽ 30 کان 34 نمبر تائين جين مت سان نسبت رکندڙ آهن.

عام طرح ٿيندو هيئن آهي ته سياحن جي گاڏي اچي 16 نمبر غار جي سامهون اسٽاپ ڪندي آهي ۽ اُهي 16 نمبر غار کان ئي ڏسڻ شروع ڪندا آهن. ائين ڪرڻ ۾ تسلسل ۽ ترتيب نٿي رهي. انهي ڪري گهرجي ته غار ڏسڻ جي ابتدا نمبر هڪ کان ڪجي ته جيئن سلسليوار هر مذهب سان تعلق رکندڙ غارون ڏسندي وڃي آخري غار تي پهچجي. هنن غارن ۾ خاص توجهه طلب ۽ ڏسڻ جي قابل هيٺيون آهن.
32_29_21_16_15_10_5

هي غارون هڪ عجوبو ۽ انساني محنت ۽ هنر جو لازوال شاهڪار آهن. هنن کي ڏسندي انساني عقل دنگ رهجيو وڃي ته سڄن سارن جبلن کي اندران ٽڪي هي هيڏيون ساريون غارون

ڪيئن ٺاهيون ويون آهن!؟ عقل کي چرخ ڪندڙ تہ هيءَ حقيقت آهي تہ انهن غارن ۾ اندرئين پٿر کي ٽڪي ان مان وڏيون وڏيون جانورن، پکين ۽ انسانن جون مورتون ٺاهيون ويون آهن، جيڪي سون جي تعداد ۾ آهن ۽ اندر ٺي اندر عبادتگاهون، محل، دالان، ۽ اڱڻ ٺاهيا ويا آهن. ائين پيو پائنجي تہ هيءَ ڪا ڏند ڪٿائي بستي آهي، جيڪا ڪنهن غيبي مخلوق ٺاهي آهي. هنن غارن تي جن هنرمند هٿن ڇيڻين ۽ مترڪن سان مارا ڪيا هوندا ۽ ان گهڙيل پٿرن مان خوبصورت مورتيون ڪوري ڪڍيون هونديون سي يقينن پنهنجي دور جا مهان سنگتراش ۽ فنڪار هوندا. هنن غارن جي بناوٽ تي سالها سال جي محنت صرف ٿي هوندي. ڪي مائيڪل اينجيلو وانگي مجبور ٿي هن ڪم ۾ وهيا هوندا تہ ڪي روحاني راحت پائڻ لاءِ پاڻمرادو ڪشٽ ڪاٽي پار پيا هوندا. بهرحال انساني جاکوڙ پورهئي ۽ هنرمندي جي ڪمال کي نوڙت پريو سلام آهي.

اجنتا جيئن هتي بہ اندريون عمارتون ٻن نمونن جون آهن، يعني وهار (ڀڪشوئن جون رهائش گاهون) ۽ چئتيال هال يعني عبادت گاهون. ٻڌمت سان تعلق رکندڙ غفائن ۾ مهاتما گوتم ٻڌ جون پٿر مان تراشيل تمام وڏيون مورتون آهن، جن مان ائين ٿو لڳي تہ ٻڌ جي چهري تي فڪر ۽ تدبر جا پاڇا آهن ۽ سندس اکين ۾ ڪائنات جا ڳوڙها اسرار آهن. ڪٿي هو اهڙي اسٽائل ۾ ويٺو جو چڻ تہ اڄ بہ ويٺو زندگيءَ جي گنڀير مسئلن تي ويچار ونديو. راج ڀاڳ تياڳي فڪر ۾ فنا ٿيڻ وارو هيءُ فقيرتن ڪيڏو نہ اُوچو آدرشي انسان هو! مون تہ پاڻ کي هن جي عاليشان اوچي مورت جي چرنن ۾ ويٺل چيلو سمجهيو. هن جو گنڀير ۽ منڙو آواز ٽيڪسيلا، گنڌارا ۽ ڪارونجهر جي ٽڪرين سان ٽڪرائبو، پڙاڏو پائيندو، گهر گهر گُونجندو منهنجي ڪنن جون دهلڪڙيون وڄائيندو رهيو تہ:

”اي منهنجا پائرو ۽ پيٽون،
پُوڄا سان اُنداهي چمڪي نہ پوندي،
سانت ڪان ڪُجھ بہ نہ طلبيو،
ڇاڪاڻ تہ اُها ڳالهئي نٽي سگهي!
پاڻ کي پُوڄا پاٺ جي پيڙائن ۾ نہ پڄرايو.“
اي منهنجا پائرو ۽ پيٽون! بي وس ديوتائن کان
ڪجھ بہ نہ طلبيو
نہ انهن کي رت جي رشوت آڇيو
۽ نہ خوراڪ جا نذرانا پيش ڪريو،
پاڻ ئي پاڻ ۾ جهاتي پائي ڇوٽڪارو حاصل ڪريو،
ڇاڪاڻ تہ هر ماڻهو پنهنجو قيدخانو پاڻ بنايو وڃي.“

آءُ ٻُڌ، جنهن سيني جي ڳوڙهن تي
ڳوڙها ڳاڙيا،
جنهن جو من سڄي سنسار جي جي ڏک سان
جهريل هو،
ڪلان ٿو ۽ خوش آهيان، ڇاڪاڻ مُڪي (نجات) اوس
آهي!
توهين، جيڪي پيڙائون ڀوڳي رهيا آهيو سي
هيءَ ڳالهہ سمجهي وٺو.

هنن غفائن کي گهمندي منهنجي ذهن جي اسڪرين تي انيڪ سايا ائين ٻڪندا ويا جيئن جَر تي هوا جي ڇُوهہ سان اڻ ڳڻيون سنهڙيون سنهڙيون چوليون ڇلنديون ويندڀون آهن. گيڙو رتيون چادريون اوڍيل ڀڪشو ۽ دُور دُور کان ڪهي ايندڙ گيان جا تلاشي ۽ اُنهن جا جهُنڊ، انهن جون رهاڻيون، انهن جا ڪائنات ۽ زندگيءَ تي فلسفيانہ بحث. ڪهڙا ڪهڙا پير گهميا هوندا هنن پيچرن تي. هنن غفائن جي ديوارن ۽ پٿرن جي سين ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون يادون سمايل هونديون. اڄ اهي گيان ۽ ڌاهپ جا استان اُجهاڻا پيا آهن ۽ اسان جهڙا تماشائي رڳو تفريح خاطر هنن کي ڏسيو هليا وڃن.

غفا نمبر پنجين ۾ هڪ وڏي ۾ وڏي غار آهي، جيڪا وها (ڀڪشوئن جي رهائش گاهہ) لڳي ٿي. هن جي پکيڙ 56 x117 فٽ آهي. هن جي ڇت کي 24 ٿنڀا جهليو بيٺا آهن. هن جو اندريون ڏيک ٻڌائي ٿو يا تہ اها سراءُ طور استعمال ٿيندي هئي يا علم جي طالبن جو ڪلاس روم هئي، هتي بہ ٻُڌ جو وڏو مجسمو آهي.

انهيءَ کان پوءِ هن سلسلي ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم غفا نمبر 11 ۽ 12 آهن. اهي ڪشاديون بہ آهن ۽ تہ ماڙ آهن. هنن جو نمونو هڪجهڙو آهي. اسان ٻڌ ڌرم جي هنن غفائن ۾ ڪجھ وقت رهياسين. هندو ڌرم سان تعلق رکندڙ غفائن ۾ ديوتائن ۽ ديوين جون مورتون وڏي تعداد ۾ اُڪريل آهن. غار نمبر 14 ۾ داخل ٿيندي ئي انهن مورتين تي نظر پئي. هڪ طرف درگا ديوي، جنهن کي ماتا ديوي جي مورت، وشنو ديوتا کي خلقيندڙ، بچائيندڙ ۽ ماريندڙ سمجهيو وڃي ٿو. ٻي طرف وشنو جي زال لڪشمي ديوي جنهن کي سنڌ ۾ لڇمي بہ چون ۽ جيڪا دولت جي ديوي آهي. تنهنجي مورت ساڄي پاسي واري سڄي پٽ شِو ۽ ٻين ديوتائن جي مورتين سان سجايل آهي. هن سلسي جي غفائن ۾ غفا نمبر 16 هڪ شاهڪار آهي. هن کي سڏين ڪيلاش، ڪيلاش جبل شِو جو استان تصور ڪيو

وچي ٿو. هتي ٽڪريءَ کي ڳتي هڪ مينار ٺاهيو ويو آهي ۽ مندر تيار ڪيو ويو آهي. هيءُ هڪ ئي پٿر جو عظيم شاهڪار دنيا ڀر ۾ بي مثال آهي. اندازو ڪيو وڃي ٿو ته انهي جي تياري دوران 3,000,000 ڪيوبڪ فوٽ پٿرن کي ڪوٽي ڪڍڻ ۾ اٽڪل هڪ سؤ سال لڳا هوندا. واقعي هيءَ فن تعمير جو هڪ نادر نمونو آهي.

جين مت جي سيريز ۾ 30 کان 34 نمبر غارن ۾ جين مت جو بنياد 6 صدي قبل مسيح ۾ پيل چيو وڃي ٿو. هن جي بنياد وجهندڙ جو نالو هئو مهاوير ورد مان. هن غارن ۾ مهاوير ۽ ٻين جيني گيانين جون مورتون ٺهيل آهن.

اسان کي اهي غفائون گهمندي اچي شام ٿي. سج لَڪن پويان لڙڻ لڳو. آسمان تي سج جون شعائون، ڳئون جي کير ڳُوهن وانگي پکڙيو رهيون هيون. سج جي اُيرڻ ۽ لهڻ ٻنهي نظارن ۾ هڪ عجيب سرور واري ڪيفيت هوندي آهي. لهندڙ سج جي لام فنا ۽ نراسائي جي احساس بنجي پئي ڪائيندي آهي:

لَڙيو سج لَڪن ۾، راسيون رتائين،
مون کي مارياڻين، اديون اونداهي ڪري.
(شاهہ)

اسان کي هاڻي پٽناديوي روانو ٿيڻو هو. سيٺ مولچند چيو ته واٽ تي جبل جو هڪ وڏو لڪ آهي، جيڪو پار ڪرڻو اٿئون. هن لڪ وٽ پاڻ وارا ڦل ماڇي (ڏاڙيل) ڦرون ڪندا آهن. انهيءَ ڪري اونداهي ٿيڻ کان اڳ اهو لڪ لنگهي هلون. اسان يڪدم روانا ٿياسين. اسان کي پهريائين چاليس گائون وڃڻو هو جتان ڪجهہ سامان سرڙو وٺي پوءِ پٽناديوي وڃڻو هو. رستي جا حال اهڙائي ساڳيا هئا جهڙا جل گائون کان اورنگ آباد تائين هئا. رستي ۾ ڪافي ڳوٺ ۽ ننڍڙا شهر نظر آيا. هتي صرف هڪ هنڌ ڪمند جي ٿوري پوک ڏٺم. مون هڪ هنڌ هاريءَ کي زمين کيڙيندي ڏٺو ته پل کن گاڏي بيهاري هَرُ ڏٺم. هي هر اسان جي سنڌي هر کان بلڪل مختلف هو. هتي آبادي ڍڳن تي جام ٿئي. ٽريڪٽر ته ورلي نظر ايندا. اسان وٽ پاڪستان ۾ هاڻي ٽريڪٽر جو استعمال عام ٿي ويو آهي. جن آبادگارن وٽ پنهنجا ٽريڪٽر نه آهن سي ڪيڙي، سونت وغيره مسواڙ تي ٽريڪٽر لڳائي ڪرائين.

مُڪيش گاڏي بنهہ تيرز هلائي رهيو هو. جڏهن لڪ تي چڙهيا سين ته گاڏيءَ جي تيز رفتاري کان ڊپ ٿيڻ لڳو. سيٺ مولچند مڪيش کي چيو ته، ”ها ابا! گاڏيءَ کي گهمائي وٺ.“ متان ڪو ڦل ماڇي اچي ڪڙڪي. لڪ تان هلندي گاڏيءَ کي پندرنهن منٽ ٿيا هوندا پر اسان ائين ڀانيو ته ڪلاڪ ٿي ويا آهن. مڪيش هتي ٻه ڪيترين گاڏين کي اوورٽيڪ ڪري رهيو هو. خُدا خدا ڪري خطري جي رينج مان نڪري لڪ لهي هيٺ ميداني علائقي ۾ سهڙياسين. هن جبل ۽ سندس اوسي

پاسي ڪي قدر ساوڪ هئي. هاڻي اونداهي پنهنجا پر پکيڙي چڪي هئي انهي ڪري ٻاهر ڪجهه به نظر نٿي آيو. اسان ڪجهه وقت کان پوءِ چاليس گائون پهتاسين جتي پڻ سنڌي وڏي تعداد ۾ آباد آهن. سيٺ ڪُندن اُتي ڪيترن سنڌين سان ملاقاتون ڪريون. چانهه پي ڪجهه سامان خريد ڪري پٽنا ديوي روانا ٿياسين. پٽنا ديوي، چاليس گائون کان صرف ٻارهن ميلن جي پنڌ تي هو. هيءُ رستو ڇهه ميل پڪو ته ڇهه ميل ڪچو هو. سيٺ ڪُندن مل ۽ سندس گهر واري اڪثر هتي ايندا رهندا هئا. چاڪاڻ ته هتي سندن گرو / مرشد هو. پاڻ ٻڌايائين ته اسان ڪڏهن ڪڏهن هتي هفتو هفتو به رهي پوندا آهيون. اسان هڪ ڪلاڪ جي سفر ڪانپوءِ هتي پهتاسين. هي علائقو سڄو ٻيلي ڪاٽي وارن جو هو جنهن ڪري هتي هڪ ننڍڙو پر سٺو ريسٽ هائوس به ٺهيل هو. هن ريسٽ هائوس ۾ ٻيلي ڪاٽي وارا گهٽ پر سوامي جا مُريد گهڻا رهندا هئا. هتي سوامي جي ڪن مريدن هڪ ٻيو ريسٽ هائوس به ٺهرائي ڇڏيو آهي ته جيئن تيرٿ ييٽڻ وارا رات آرام سان گذاري سگهن. هتي ڪجهه هوٽلون ۽ دڪان به هئا. اسان جيئن ته رات جو اويرا پهتا هئاسين انهي ڪري ريسٽ هائوس جي عملي مان ڪير به موجود ڪونه هو. سيٺ ڪندن مل چيو ته ٻيلي ڪاٽي جو سڄو عملو هائوس جي پويا واقع ڪوارٽن ۾ رهي ٿو. توهان هتي ترسو آءُ وٺيو ٿو اچان. پاڻ ٽُرت ويو وڃي چوڪيدار کي وٺي آيو. چوڪيدار ويچارو بنگلو کولي اسان جي چاڪريءَ ۾ لڳي ويو. سيٺ ڪندن مل چيس ته اسان وٽ ٻيو سڀ ڪجهه آهي، صرف اسان کي کٽان ڪير آڻي ڏي. هي اسان جا مهمان سنڌ مان آيا آهن. اسان ته شهرن ۾ رهي عادتون بدلائي ڇڏيون آهن، ۽ هي ٻهراڙين جا ماڻهو کير تي هريل آهن سو کير پي پوءِ سمهندا.

سيٺ ڪُندن مل پوءِ ماني لڳائڻ جي ڪم ۾ جنبي ويو. چند ڏينهن جي صحبت ۾ محسوس ڪيم ته هن ۾ پاڻ ڪم ڪرڻ جي اُتم خاصيت موجود آهي. حالانڪ اُتي سندس به پائر ۽ هڪ پائٽيو به موجود هئا. انهن مان ڪنهن کي به ڪو ڪم چوي ها ته ڪير به ڪيس وراڻي نه ڏي ها پر اسان جي هر معاملي ۾ هر ڪم پنهنجن هٿن سان پي ڪيو. چاهي اهو گهر هجي يا انسپيڪشن بنگلو يا ريلوي اسٽيشن همراهه سڪ ۽ محبت جو ڪوڏيو هو. جڏهن اسان کي ريلوي اسٽيشن تي چڙهڻ آيو ته موڪلاڻي مهل اکيون پرجي آيس. سندس نيڻن ۾ نير ڏسي اسان جي دل کي به جهٻي آئي. پاڻ تمام نرم مزاج، حقيقت پسند ۽ سخي طبيعت هو. سڄي زندگي سندس هٿ ڏيڻ تي هريل هو سو سندس هٿ ۾ وٺڻ واري ريکا هئي ئي ڪانه. کل مک اهڙو جو هر وقت سندس منهن تي مُرڪ رقص ڪندي رهندي هئي.

اسان ماني کائي لاٿي ته چوڪيدار به کير سميت اچي حاضر ٿيو. سيٺ ڪُندن مل چيس ته پائي اچي وٺين! وراڻيائين ته، ”جي سائين! توهان جا مهمان ته اسان جا مهمان آهن. اسان جو به فرض آهي ته انهن جي سيوا ڪريون!“

آءُ ۽ ڊاڪٽر راڄو بنگلو جي هڪ سوٽ ۾ رهياسين، مڪيش ۽ سيٺ ڪندن ٻي سوٽ ۾ رهيا. سيٺ مولچند ۽ سيٺ چوئٿرام ٿورو پريرو ٻي ريسٽ هائوس ۾ رهيا. اسان ڪي ٻي ڏينهن ٻنپهرن جو چاليس گائون ڪان واپس بمبي ويٺو هو تنهن ڪري اسان ڪافي دير تائين ڪچهري ڪندا رهيا سين ۽ سيٺ چوئٿرام جا ٽوٽڪا ٻڌندا رهياسين، سيٺ چوئٿرام ڪِل مُک ۽ خوش طبع هو. رکي رکي اهڙي ڪِل جهڙي ڳالهه ڪري چِڙيندو هو جو سڀئي پيا کِلندا هئاسين.

ڳوٺ ۽ ڳوٺ وارن جي پڇار اڪثر سيٺ مولچند پيو چوريندو هو. ڳوٺ، آسپاس وارن سڀني ماڻهن جا احوال پڇيائين، جن مان ڪيترا اهڙا هئا جن کي اسان اڪين ڪونه ڏٺو چاڪاڻ ته اهي گهڻو وقت ٿيو لاڏاڻو ڪري ويا ۽ ڪي اهڙا هئا جن جي اها حالت نه رهي هئي، تنهن ڪري گهڻن پارن پتن ڏيڻ ڪان پوءِ سڃاڻپ ۾ آيا ٿي. دنيا به عجيب آهي! پئسي ۽ حيثيت جي ڪري ماڻهوءَ جي رهڻي ڪرڻي، ذات ۽ نالو به بدلجيو وڃي. جي ٿيو غريب ته ڪير ليکندس به ڪونه. قريبي رشتيدار به دم نه هڻندو ته ڪو فلاڻو منهنجو مائٽ آهي. جي ٿيو امير ته هرڪو پيو جيءَ ۾ جايون ڏيندس. دور جا رشتيدار ته نهيو پر پراوا به ساڻس مائٽي ڳنڍيو وينا هوندا ته فلاڻي ناناڻڪي ۽ ڏاڏاڻڪي پچ ۾ اسان ڳنڍيل آهيون. اسان وٽ ٻني ۾ هڪ سرڪاري عملدار بدلي ٿي آيو. انهي جي به اها عادت هوندي هئي ته هر وڏي ماڻهوءَ سان مائٽي جي دعويٰ ڪندو هو. منهن جو ته اهڙو پڪو هوندو هو جو انهن ماڻهن کي سوٽ ماسات مامي وغيره جي نالي سان سڏيندو هو. پنهنجون ٿي چار ذاتيون ٻڌائيندو هو. اهڙا نفسياتي مريض هر هنڌ هوندا آهن. سو سيٺ مولچند ويچارن کي هتان ويندي اٽڪل انٿيهه سال ٿي ويا آهن. انهي وچ ۾ هن نيري آسمان هيٺان ڪئين رنگ بدلجي ويا ڪئين ماڻهو سڪين ستابن ٿيڻ ڪري پنهنجيون ذاتيون ۽ پنهنجا اصل نالا به بدلائي وينا. انهي ڪري اسان کي اصل نالن ۽ حالتن جي اعتبار ڪان انهن جي شناس ۾ مونجهارو پي ٿيو.

بهرحال سيٺ مولچند کي شاباس هجي جو هن جي دل جي دفتر تي انهن ڳوناڻن جي ياد جي ڇُر ڇَپي پئي آهي. وطن ڪان دور وطن واسين، جن سان گڏجي ٻالپڻ جون رانديون کيڏيا، جوڀن جا ڏينهن گهاريا، ڪڙيون ۽ منيون پيتيون، وڻج وهنوار ڪيا، سي ڪٿي ٿا وسرن. ماضيءَ جون اهي يادون ئي ته سندس جيون جي موڙي آهن. اهي يادن جون مظبوط پليون ئي ته سندس سنڌ سان ڳانڍاپي جو ذريعو آهن. منهنجي خيال ۾ تاجل بيوس جو هيءُ پيارو نظم، انهن ماڻهن جيڪي پنهنجي ماتر ڀومي کان دور رهن ٿا، جي اندر جو سچو پچو عڪس پيش ڪري ٿو.

**وطن ويڙهه، واڙيون ۽ ولهار ڪيئن ها،**
**وِڇن وار چوڙيا ته وسڪار ڪيئن ها.**
**انبن ۾ پلا ڏس ته ٽپڪا پيا هئا،**

گليلن ۾ ڳوڙهن جا وسڪا ٿيا ها،
ڪڏهن مينهن مارن تي ڇچڪا ڪيا ها،
ڇپر هيٺ ڇيرين جا ڇمڪا ٿيا ها،
ڪٿيرين جا ڪوهن تي گجڪار ڪيئن ها.

ڪٿي ڇيلهه سنهڙيءَ تي گهاگهر ڏنئي ڪا،
ڇلا، ويڙهه ٻُلا ۾ جهالر ڏني ڪا،
ڪٿي جرڪندي جيءَ جي جهانجهر ڏنئي ڪا،
لڳل حُسن وارن جي بازر ڏنئي ڪا،
سهيلين ۾ سرتين جا سينگار ڪيئن ها.

ٽڪن جا ڪٿي ٽاڪ ٽاٽا ڏنئي ڪي،
پنهوارن جا پڪڙا پراٽا ڏنئي ڪي،
رتولن ۾ راٽيون ۾ راٽا ڏنئي ڪي،
ولر ڪونجڙين جا اُڏاٽا ڏنئي ڪي،
سنڌوءَ جا ڪنارا اکين ٺار ڪيئن ها.

پون ياد پل پل وطن ۾ ولهاريون،
مڪئي ٻير منڙا، ڪبڙ ڄار ڄاريون،
رتن جوت، رابيل، ٽانگر ۾ ٽاريون،
مکڻ کير ماهيا ڪنڊيون ڇال ڪاريون،
وَڇون ڇيلڙا، ٻوڪ، ٻڪرار ڪيئن ها.

تتي ڏينهن ڏلهڙين، ڏلهن جي خبر ڏي،
پگهر ۾ مليل رت ڦڙن جي خبر ڏي،
ڏمر، ڏاڍ، اڄ جي امن جي خبر ڏي،
بهرحال ويندڙ وطن جي خبر ڏي،
اباڻن تي عمرن جا آزار ڪيئن ها.

**خدن جي خبر ڏي، گلڻ جي خبر ڏي،**
**اگڻ، باغ، آچر، علڻ جي خبر ڏي،**
**پريل جي پٽن ۽ ولڻ جي خبر ڏي،**
**ادي عرس، سارنگ، سچڻ جي خبر ڏي،**
**لنگها، ليل لوڏي ۽ لوهار کيئن ها.**

سيٺ مولچند جون ڳالهيون ٻڌندي ٻڌندي اسان کي اچي ننڊ ورايو سو وڃي بسترن پيڙا ٿياسين. صبح جو سجاڳي ٿي ته ٻاهر نڪري ملڪ جو واءُ سواءُ ورتم. واقعي هيءُ علائقو ڏاڍو سهڻو ۽ وڻندڙ هو. چوڌاري وڻن سان جهنجهيل ٽڪريون هيون، جن جو ڏيک من موهيندڙ هو. صبح جي ٿڌڙي هير ۾ ساوڪ جو نظارو نيڻن لاءِ فرحت پري پيري نيرن ثابت ٿيو. انهن ٽڪرين جي وچ ۾ سوامي جو آستان هو.

اسان تيار ٿي ناشتو ڪري اچي هوٽل تي چانهه پيئڻ ويناسين. هوٽل واري اسان کي ٻڌايو ته هتي ڪڏهن ڪڏهن رات جي وقت شينهن به ايندا آهن ۽ هنن ڪيترا پيرا ڏٺا آهن. اها ڳالهه ٻڌندي ڊاڪٽر راڄي ٿهڪ ڏيئي چيو شڪر ٿيو جو اها ڳالهه چوڪيدار اسان سان رات نه ڪئي نه ته انهي ڪٽڪي ۾ ننڊ ئي ڪونه اچي ها. اسان چانهه چڪي چاڙهي اچي سوامي جي آستانن تي سهڙياسين. ٻاهران چوڌاري خاردار تارن جو لوڙهو ڏنل هو ۽ انهيءَ جي وچ ۾ سواميءَ جو گهر هو پاڻ هڪ ننڍي هَٽ ٽائپ (Hut Type) جڳهه ۾ وينو هو. جيڪا اندران ڪافي سهڻي نموني سجايل هئي. مٿي ڇت پلاسٽڪ آف پئرس سان ٺهيل هئي ۽ سامهون هڪ بهترين مورتي رکي هئي. اندر صفائي به سني هئي. سوامي ڪنڊ ۾ هڪ دروازي اڳيان ٽنگ ٽنگ تي چاڙهيو وينو هو. ڪيس گيڙو رنگ جي ڪاڏيءَ جا ڪپڙا اوڍيل هئا. ڳچيءَ ۽ ٻانهن ۾ ڪاريون سهڻيون مالهائون پيل هئس. پاڻ پنجتيهه سالن جو سهڻو سيڊول جوانڙو ٿي لڳو. هيءُ انجنيئرنگ ۾ ڊبل گريجوئيٽ هو. هن اهي ڊگريون ڪلڪتي جي انجنيئرنگ ڪاليج مان حاصل ڪيون هيون. پاڻ بنگالي هو. هر موڪلائيندڙ ڪيس پيرين پئي ۽ هٿ تي چمي ڏيئي روانو ٿي ٿيو. پاڻ هر ويندڙ کي پير ۾ رکيل هڪ سهڻي ڪٽوري مان ڪجهه تر ريوڙيون ڪيدي ٿي ڏنائين. جيڪي انهن نهايت تبرڪ طور عقيدت سان وٺي ٿي رکيون. ايندڙ ويندڙن ۾ نوجوان عورتون به شامل هيون. جيئن ته اسان ڪيس پري کان سلام ڪيو. انهي ڪري اسان کي اهو تبرڪ نه آڇيائين. سيٺ ڪندن اسان جو تعارف ڪرائيندي چيو ته هي همراهه سنڌ کان آيا آهن ۽ اسان جا ڳوٺائي آهن. هنن کي توهان سان ملاڻ لاءِ خاص وٺي آيو آهيان، سوامي اسان کان حال احوال ورتو. اسان جي ساڻس اٽڪل هڪ ڪلاڪ ڪچهري رهي.

مون محسوس ڪيو تہ هو ڏاڍو ذهين هو. ملڪي ۽ بين الاقوامي سياسي صورتحال تي سٺي ڄاڻ هئس. باقي رهي سندس روحاني شڪتي تنهنجي پروڙ تہ سيٺ ڪندن کي هوندي.

سيٺ ڪندن سوامي کان آشيرواد وٺي موڪلايو ۽ چيائينس تہ هي مهمان اڄ ئي بمبئي ويٺا آهن ۽ آءٌ بہ ساڻن گڏ وڃان ٿو. ڪين چاليس گائون ريلوي ۾ روانو ڪري پوءِ واپس جل گاؤن ويندس. توهان وٽ وري هفتي کن کان پوءِ اچي حاضري ڀريندس. اسان سوامي کان موڪلائي پنهنجي ريسٽ هائوس تي آياسين. جتان سامان کڻي ڪار ذريعي چاليس گاؤن پهچندي اسان پهريائين سڌا ريلوي اسٽيشن تي آياسين ۽ بہ ٽڪيٽون بمبئي لاءِ وٺي پوءِ شهر ڏانهن آياسين. شهر جي هڪ هوٽل تي اچي ويناسين، جتان سيٺ ڪندن مل ٻنهپهرن جي ماني لاءِ ڪجهہ سامان پئڪ ڪرايو ۽ انب بہ ورتا. سڀ سامان ميڙي سيڙي اچي ريلوي پليٽ فارم تي پهتاسين. اسان ماني پليٽ فارم تي ئي کاڌي. مڪيش اسان کان ور ور ڏيئي پڇيو تہ وري ڪڏهن ايندا. دل ۾ چيم تہ دل وري وري اچڻ لاءِ تانگهائيندي، پر هي جي سرحدي حد بنديون ۽ سفارتي پابنديون عائد آهن سي ڪٿي ٿيون روز روز ملڻ ڏين. هاڻي تہ رڳي اها آس اٿئون تہ جيترا جسماني طرح دور آهيون اوترا دلي طرح قريب هجون. مٽيءَ کي مٽيءَ جي ڇڪ ٿيندي آهي.

اسان ڪين چيو تہ اوهان اسان کي ۽ وطن جي وٽن کي ولهو ڪري ڇڏي آيا، پر اسان اوهان کي ڏوري اچي ڏنو. هاڻي اوهان جي اچڻ جو وارو آهي. اوهان جي مٽي اوهان لاءِ آسائتي آهي. سيٺ ڪندن مل واعدو ڪيو تہ هو آڪٽوبر ڌاري ايندو ۽ سيٺ چوئٿرام چيو تہ سيٺ ڪندن مل کان پوءِ اسان بہ ضرور اينداسين. جيئن جيئن ٽرين پهچڻ جو وقت ويجهو ايندو ويو تيئن تيئن اسان جي چهرن تي نراسائي جا پاڇا پڪڙندا ويا ۽ اسان جو آواز بہ هاڻي ڳنڀير ٿيندي ويو. جدائي جي تصور کان دل تي بار پئجي رهيو هو ۽ آواز گونجيو تہ بمبئي وڃڻ واري ٽرين پليٽ فارم نمبر 2 تي پهچي رهي آهي. سيٺ ڪندن مل نہ چاهيندي بہ مجبوراً چيو تہ سامان کڻي ٽڪرا ٽڪرا اڳتي هلو ڇاڪاڻ تہ فرسٽ ڪلاس جا ڊبا اڳيان اٿس. رش گهڻي ڪانہ هئي. ٽرين ۾ چڙهي سامان سيٽ ڪري رکيوسين. هن اسٽيشن تي ٽرين ٿورڙو وقت ترسي، پيهر هلڻ شروع ڪيو. ان کان اڳ جو ٽرين رفتار پڪڙي، اسان جا ميزبان هڪ هڪ ٿي لهندا ويا ۽ آءٌ اداس نگاهن سان ڪين ڏسندو رهيس. ٻاهر نيڻ نهار تائين مونکي سندن چهرا اکين اڳيان ڦرندا رهيا. سوچيم: وقت وڍيندڙ بہ آهي تہ ويڄ بہ. هنن ماڻهن ورهاڱي وقت ڪيڏا گهاوَ کڻي پنهنجي ڌرتيءَ کي خيرباد چيو هو ۽ اڄ اُهي زخم ڪيئن نہ ڀرجي ويا آهن. پر سندن اسان سان ملڻ کان پوءِ ائين جهڄي پوڻ مان سڌ پوي ٿي تہ اهي زخم ڪڙيون تہ ضرور ٻڌي ويا آهن پر اندر ۾ اڃان بہ ڪچا آهن. آءٌ انهن ويچارن ۾ گم هئس تہ ڊاڪٽر راڄي سڌ ڪري چيو تہ وٺ چانهہ پي. شام ٿي چڪي هئي. مون ڏٺو هٽ مال ڊوڙ اڏائيندو

پنهنجي وٺاڻن ڏانهن وڃي رهيو هو ۽ پکي واهيري جي ويري ساري قطارون ڪري پنهنجن آشيانن ڏانهن موٽي رهيا هئا.

وٽين وينا ڪانگ وچين ٿي ويلا ڪري،

آءُ ۽ ڊاڪٽر راڄو چپ چاپ چانهه جون سرڪيون ڀري رهيا هئاسين. ڊاڪٽر راڄي چيو ته انسان به عجيب شئي آهي. ڪٿي جا ماڻهو ڪٿي اچي آباد ٿيا ۽ اسان ڪٿان ڪان ڪهي ڪٿي اچي نڪتا آهيون. ڪڏهن تصور به نه ڪيو هئوسين ته پٽنا ديوي جا پٽَ ڏسنداسين. ڊاڪٽر راڄي ۽ منهنجي اٺڪل پنجويهه سالن کان ياراڻي آهي. اسڪول ۽ ڪاليج ۾ گڏ پڙهياسين. پاڻ حيدرآباد ۾ ڊاڪٽري ڪيائين ۽ مون بي اي ايل ايل بي ۽ پوءِ ايم اي ڪئي. انهيءَ کان پوءِ اسان ٻنهي کي نوڪري به ٺٽي ۾ ملي، جتي رهندا ته سرڪاري جاين ۾ الڳ الڳ هئاسين پر ماني گڏ ڪائيندا هئاسين. اڳي آچر جي ڏينهن سرڪاري ادارن کي موڪل هوندي هئي. جيڪا پوءِ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي اسلامي جماعتن کي راضي ڪرڻ لاءِ جُمعي جي ڏينهن ۾ بدلائي. پر مٿانئس ملن جي ڏمر جي گرمي گهٽ نه ٿي. اجان به تڪڙيو تڪڙيو به وکون اڳتي وڌي قاديانين کي غير مسلم قرار ڏياريائين پر تڏهن به مذهبي جماعتون مٿس مچريل رهيون.

بهرحال سو ڳالهه پئي ڪيم آچر جي ڏينهن جي ته موڪل هئڻ ڪري اسان اڪثر ڇنڇر جي شام حيدرآباد هليا ويندا هئاسين يا وري ٽنڊي الهيار خليل بڄاڻي وٽ وڃي وارد ٿيندا هئاسين يا ڪڏهن خليل حيدرآباد اچي نڪرندو هو. سڄو ڏينهن کل ڀوڳ، ٽهڪڙن ۽ رهاڻين ۾ گذرندو هو. خليل رات جو واپس موٽي ويندو هو. آءُ ۽ ڊاڪٽر صبح سوير ايڪسپريس بس ۾ حيدرآباد کان ٺٽي ايندا هئاسين. خليل هڪ سٺو دوست، رلڻو ملڻو کل مک ۽ رهاڻ رس جو ڪوڏيو آهي. اسان جو اهو سلسلو ايستائين جاري رهيو جيستائين اسان ٺٽي ۾ رهياسين. ڪجهه وقت کان پوءِ ڊاڪٽر ڪراچي بدلي ٿي ويو ۽ آءُ حيدرآباد. پر تڏهن به هر آچر تي ڊاڪٽر مون وٽ ايندو هو. ان دور جي سنگت ۾ آءُ، ڊاڪٽر راڄو، خليل بڄاڻي ۽ گوتم اڪثر گڏ هوندا هئاسين.

انهن ڏينهن ۾ ڊاڪٽر طيب لاکو، عبدالحميد شاهين سراج، فرئنڪ، عيسيٰ ڏاهري، عبدالحڪيم شاهه وارا هڪ نه ته ٻي آچر تي ضرور ڦيرو ڪندا هئا پر هاڻي زماني جي مصروفيتن سبب مهينن کان پوءِ به مشڪل سان هڪ ٻئي جو منهن ٿا ڏسون، ميل ملاقاتن ۾ وقت جي وڇوٽي ضرور پئجي وئي آهي پر دلين ۾ فاصلا پيدا نه ٿيا آهن اسان سڀ اڄ به ساڳئي خلوص ۽ اُتساهه سان هڪ ٻئي کي ساريندا آهيون. دوستن سان گڏ گذريل گهڙين جون ساروڻيون ته جيون جي موڙي آهن.

ڊاڪٽر راڄو ۽ آءُ هڪ ٻئي سان حال احوال اوريندي اچي بمبئي پهتاسين رات ٿي چڪي هئي ۽ اسان ٻاهر نڪري ٽيڪسي ڀاڙي اچي سڌا هوٽل پيپڙا ٿياسين. وهنجي سهنجي لٽا بدلائي،

ماني کائي هوٽل کان ٻاهر نڪتاسين ۽ سڌا اچي سمنڊ ڪناري پهتاسين. چوڏس بمبئي جي فليٽن مان نڪرندڙ روشنيون سمنڊ جي سطح تي تري رهيون هيون. ائين جيئن سر جي سينورڙي پاٽيءَ تي هنج. هن هنڌ مها ساگر جي بہ عجيب ڪهاڻي آهي. هنجي لهرن تي يونانين جا ٻيڙا ترندا ڏٺا ويا، ايراني ۽ عرب بہ هنجي مهرباني سان هتي لنگر انداز ٿيا. هن وشال ساگر ڪڏهن بہ ڪنهن ايندڙ لاءِ پنهنجو سينو سوڙهو نہ ڪيو پر ڏيساورن کان کهي ايندڙ انهن ڪنورن ڪڏهن بہ سمنڊ جي وشالتا کان ڪشاده دلي ۽ من جي اوجر جو سبق نہ پرايو.

اسان سمنڊ ڪناري جتي ويٺا هئاسين اتي ويجهڙائي ۾ نہ ڪا هوٽل هئي ۽ نہ ڪو ماڻهو. پريان پريان ڪي ماڻهو نظر آيا ٿي، سي بہ شايد سمنڊ ۾ چلندڙ روشنين جي مست نظاري ۾ ڪويل هئا. ههڙا نظارا ڏسي ڪو ڪيئن نہ ڪوئجي! ڪيڏو نہ وشال آهي ساگر.... پر..... ڪيڏو نہ پتڪڙو آهي ماڻهوءَ جو من.

سمنڊ جي لهر لهر ڪيڏي نہ پيار سان روشنيءَ جي اولڙن کي هنج جي هندوري ۾ لوڏي رهي آهي! ڪيڏو نہ ڪروڌ پريل آهي ماڻهوءَ جي من ۾ جو هڪ ٻئي کي ڏيهان ڏيهہ ڌڪي دور ڪري رهيو آهي! ڪيڏا نہ مير ڌوتا آهن هن سمنڊ پر ماڻهوءَ جو من اجا بہ ميرو آهي.

اي مهاوير!

اي گوتم!

اي نانڪ!

اوهانجا تيرٿ تہ آباد آهن، پر ماڻهن جا من ڏن جو لوپ ۾ نرڳ (جهنم) کان بہ وڌيڪ پوائتا ٿي پيا آهن.

اوهان جي نام جي مالها تہ جپي وڃي ٿي پر اوهان جي سنديش کي پري کان پرنام ڪري موٽايو وڃي ٿو.

صبح سوير ننڊ مان سجاڳ ٿي دادا کي ٻڌايم تہ اسان جل گاؤن مان رات پهچي ويا هئاسين. اڄ مون کي جسلوڪ اسپتال ۾ پنهنجو چيڪ اپ ڪرائڻو آهي. اتان واندا ٿي سڌا توهان وٽ ڪارخاني ايندا سين. دادا ٻڌايو تہ توهان جي اچڻ جو اطلاع اڳوات سيٺ ڪندن پهچائي ڇڏيو هو ۽ کين اهو افسوس هو جو توهان وٽن ٿورڙا ڏينهن ترسيا. دادا ٻڌايو تہ مون کين توهان جي مجبوري سمجهائي هئي تہ همراهن جو ڊگهو پروگرام آهي انهي ڪري وڌيڪ ٽڪڻ سان سندن پروگرام ۾ گڙٻڙ ٿيندي.

اسان تيار ٿي سڌا جسلوڪ پهتاسين جتي اسان رسيپشن گرل کي پنهنجو رزرويشن ڪوپن ڏيکاريو. جنهن اسان کي پنهنجو نمبر ڏنو ۽ اهو ٻه ٻڌايائين ته توهان جو ڊاڪٽر ڪوٺاري آهي، جيڪو ٽي ماڙ تي ويهندو آهي. ٻارهن بجي کان پوءِ توهان کي وري ساڳوٺي فلور تي ڊاڪٽر ڪينٽ ڏانهن وڃڻو آهي. مون کي ڪجهه عرصي کان چيلهه جي سور جي تڪليف آهي جيڪا ختم نٿي ٿئي. پاڪستان ۾ ڪافي ڊاڪٽرن کي جن ۾ آرٿوپيڊڪ، نيورولاجسٽ ۽ فزيشن شامل آهن. اسان واري يار ڊاڪٽر سليمان شيخ کان ايڪو پنڪچر جو علاج ڪرايم. حڪيم سعيد کان طب يوناني جا نسخا ورتم. هانگ ڪانگ ۽ سنگاپور ۾ ويچن وٽ ويس پر ڪٿان ٻه اهڙي ڦڪي نه ملي جيڪا فرق ڪري. سو هاڻي خيال ڪيم ته هندستان آئي جسلوڪ جي ناميارن ڊاڪٽرن سان صلاح نه ڪيم ته حسرت رهجي ويندم. گڙدي جي سور جي ٻه شڪايت هيم سو سوچيم ته ٻنهي مرضن مان جند نه ڇٽي ته من هڪڙي مان جان آزاد ٿي پوي.

واري اچڻ تي مون ڊاڪٽر ڪوٺاري کي طبيعت ڏيکاري ۽ ڪيس ٻڌايم ته ڪراچي کان هتي ڪهي آيو آهيان. ڊاڪٽر راڃو ٻه ساڻ هئم. ڊاڪٽر منهنجا ايڪسري ۽ رپورٽون ڏٺيون ۽ پوءِ يڪدم منهنجي نالي پڙهڻ کان پوءِ پڇيائين:

”ڇو توهان هندو هاڻ پاڪستان ۾ پنهنجا نالا ٻه مسلمانن جهڙا رکندا آهيو ڇا؟“

جنهن تي مون اچرج ڪاڏو ۽ وراڻيم، ”نه ڊاڪٽر! آءُ هندو نه پر مسلمان آهيان.“

”ڊاڪٽر صاحب! توهان اهو اندازو ڪيئن لڳايو ته منهنجو نالو مسلماڻو آهي، پر آءُ هندو آهيان؟“

منهنجي انهي سوال تي ڊاڪٽر پنهنجي غلطي تي ڏاڍو ڦڪو ٿيو. ڪنڌ هيٺ ڪري بنا جواب ڏيڻ جي ڏهن ٻارهن قسمن جي ايڪسري ڪيڏانڻ لاءِ چٺيون لکي ڏنائين. چيائين ته اهي رپورٽون وٺي اچو ته پوءِ آءُ پنهنجو رايو ڏيندس. انهي تي ڊاڪٽر راڃي چيس ته، ”ڊاڪٽر صاحب! اهڙي قسم جا ايڪسري ته رپورٽن سان گڏ اڳي ئي موجود آهن ۽ ڪجهه وڌيڪ رپورٽون شامل آهن.“

انهي تي ڊاڪٽر ڪانئس پڇيو ته، ”توهان ڇا ڪندا آهيو؟“ ڊاڪٽر راڃي وراڻيس ته، ”آءُ ڊاڪٽر آهيان.“ مون ڏٺو ته ڊاڪٽر ڪوٺاري جي منهن تي ٻيهر ڦڪاڻ ڦهلجي ويئي پر تاهم هن ضد ڪري چيو ته فريش رپورٽون ضروري آهن. اسان بحث ڪرڻ مناسب نه ڄاتو سو پنهنجا ڪاغذ ميڙي سيڙي ٻاهر نڪتاسين. انهيءَ کان پوءِ بمبئي جي مشهور ڊاڪٽر ڪينٽ کي ڏيکاريم جنهن ٻه چيڪ اپ کان پوءِ ڪافي رپورٽن وٺڻ لاءِ چيو. اسان کيس ٻڌايو ته انهن رپورٽن وٺڻ ۾ ڪجهه ڏينهن لڳي ويندا ۽ اسين هتي ايترو وقت ترسي نٿا سگهون. اسان ڏينهن ٻن ۾ هندستان ڇڏي ڪولمبو هليا ويندا سين. پاڻ چيائين ته ڪا ڳالهه ڪانهي، توهان ڪراچي پهچي، اتان ئي رپورٽون وٺي ٽپال ذريعي مون ڏانهن موڪلي ڏجو ته آءُ انهن کي ڏسي پنهنجي رپورٽ توهان ڏي پوسٽ رستي موڪلي

ڏيندس. اسان سندس انهيءَ سهڪاري ڳڻ تي سندس شڪريو ادا ڪيو ۽ ڪانئس موڪلائي روانيا ٿياسين ۽ سڌا دادا وٽ فيڪٽري تي آياسين، جتي هو پريو مڙس اسان جو اوسيئڙو ڪري رهيو هو. پاڻ ٻڌايائين تہ اتم کي فون ڪئي اٿم، سو بہ اچڻ وارو آهي. ٿوري دير کان پوءِ اتم بہ آيو. اتم هڪ وابستہ لاڳاپيل (Committed) سنڌي اديب ۽ نقاد آهي. سنڌي ادب ۾ ترقي پسند لاڙن کي زور وٺائڻ ۾ سندس وڏو ڪردار آهي. هڪ عرصي کان "نئين دنيا" نالي رسالو بہ ڪيندو رهيو ۽ سندس ڪيترائي تنقيدي ۽ ادبي ليک "نئين دنيا" ۽ ٻين مخزنن ۾ ڇپبا رهيا آهن. پاڻ هڪ صاف گو سادگي پسند ۽ محنتي سماجوادي اديب ۽ ڪارڪن آهي. وڏيءَ عمر کي پهچڻ کان پوءِ بہ منجهانئس انقلابي جوش ۽ ولولو تر جيترو بہ نہ گهٽيو آهي. سندس جيون ساٿڻ سندري بہ سنڌي ٻوليءَ جي ناميارڻ ڪهاڻيڪاره آهي. سندس پهريون ناول "دل جي دنيا" ۽ ٻيو ناول "ڪرنڊڙ ديوارون" ڪافي پسند پيل ڪتاب آهن. غالباً انعام يافتہ بہ آهن. اتم ۽ دادا سان ڪچهري دوران ٻنهي ڄڻن هندستان ۾ سنڌي ادب ۽ اديبن بابت ڪافي ڳالهيون ٻڌايون. اتم ٻڌايو تہ توهان، دادا ۽ ڊاڪٽر راڄو ٽئي سياڻي سيتا سنڌو پون اچجو. جيئن تہ سياڻي آرتوار آهي ۽ هر آرتوار تي ڪافي دوست هتي اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ راڳ رنگ جي محفل بہ ٿيندي آهي. اسان کيس چيو تہ توهان هتي اچجو تہ پوءِ گڏجي هلون. اتم اسان کان موڪلائي روانو ٿي ويو ۽ اسان دادا گوبند سان گڏ سندس اپارٽمينٽ ڏانهن روانا ٿياسين، جتي دادي اسان جو انتظار ڪري رهي هئي. اسان کان جل ڳاؤن بابت احوال ورتائين ۽ پڻ ٻڌايائين تہ سال ۾ هڪ ڀيرو سيٺ ڪندن وارا هتي بمبئي اسان وٽ اچن ۽ اسين بہ وٽن وڃون. جهڙيءَ طرح سيٺ ڪندن ۽ تنهنجو دادا گوبند پاڻ ۾ يار آهن، اهڙي طرح سيٺ ڪندن جي گهر واري ۽ آءُ هڪ ٻئي سان ساهيڙپ جي سڱ ۾ سلهاڙيل آهيون. پوءِ دادي اسان کي مختلف تقريبن جا ڪافي آلبم ڪڍي ڏيکاريا، جن ۾ سيٺ ڪندن، سندس گهر واري ۽ ٻين پريوار وارن جا فوٽو ساڻن گڏ هئا. جيئن تہ رات ڪافي گذري چڪي هئي، انهي ڪري اسان دادا جن کان موڪلائي هوٽل روانا ٿياسين.

اسان صبح سوير اٿي تيار ٿي دادا گوبند جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. دادا آيو تہ ساڻس گڏ هوٽل ڇڏي سندس ڪارخاني تي آياسين. اڄ آچر جو ڏينهن هو ۽ ڪارخانو بہ بند هو پر اتم جي اتي اچڻ جو پروگرام هو انهي ڪري اوسيئڙو ڪرڻ لڳاسين. اتم بہ جلدي ئي پهچي ويو. دادا چيو تو توهان اتم سان گڏ هلي ٻين دوستن سان ملو آءُ اوهان کي سيتا سنڌو پون ۾ ملندس. اتم، آءُ ۽ ڊاڪٽر راڄو ٽيڪسي ڪري روانا ٿياسين. اتم جي خواهش بہ هئي ۽ ڪوشش تہ اسان بمبئي ۾ رهندڙ گهٽي ۾ گهٽ سنڌين سان ملون. پهريائين ڊاڪٽر ڪلياڻ آڏواڻي جي گهر وياسين. ڪلياڻ آڏواڻي هڪ برک سنڌي محقق ۽ اديب آهي. سندس سهيڙيل "شاهہ جو رسالو" هندستان ۾ ڇپايو ويو ۽ بعد ۾ مڪتبہءِ اسحاقيہ ڪراچي طرفان ٻيهر ڇاپيو ويو. اهو ساڳيو رسالو سنڌي اديبن جي سهڪاري

سنگت حيدرآباد جنهن جو روح روان سنڌ جو ناميارو اديب ۽ هڏڏوڪي محترم محمد ابراهيم جويو: طرفان شاهہ سامي سچل جي مڪمل سيٽ ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو آهي. شاهہ سائين جي رسالي تي ڪلياڻ آڏواڻي جو نچوڙيل نور ۽ پيار جو پورهيو سنڌ ۽ لطيف سان اڻ مٽ عقيدت ۽ محبت جو اظهار . اسان جي هندو سنڌي اديبن ورهاڱي (١٩٤٧ع) کان اڳ بہ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي وڏي خدمت ڪئي هئي ۽ سنڌ ڇڏي وڃڻ کان پوءِ بہ سندن نينهن جو ناتو سنڌي ٻولي ۽ ادب سان قائم رهيو آهي. هندستان ۾ هنن ننڍڙي اقليت ۾ هئڻ باوجو پنهنجي ٻولي کي ٻين قومي ٻولين جي در جي برابر درجو ڏياري ورتو آهي. سنڌي اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب ڇپبا رهندا آهن. هندستان گهمندي ۽ سنڌين سان ملندي مون محسوس ڪيو تہ نئين پيڙهي جي پيٽ ۾ پوئين پيڙهي جي ڀيڊڻ کي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي سان زياده چاهہ ۽ اڪير هئي. انهي پيڙهي جي اُڪنڊ ۽ اڪير ئي هندستان جهڙي وڏي آدم واري ملڪ ۾ سنڌين جي سنڌي سڃاڻپ کي قائم رکيو آهي. هن پيڙهيءَ جي واري وڃائي وڃڻ کانپوءِ نئين پيڙهي وڏي دير تائين پنهنجي علحده سڃاڻپ کي شايد مشڪل سان قائم رکي سگهي.

ڊاڪٽر ڪلياڻ آڏواڻي سان ڪچهري دوران سنڌ ۽ سنڌي ادب بابت ڪافي گفتگو ٿي پاڻ سنڌ ۽ سندس سنڌ واسي دوستن بابت گهڻي پڇا ڪيائين ۽ انهن لاءِ سلام بہ ڏنائين. ڪلياڻ آڏواڻي صاحب ڄمار جو ڪافي وڏو ٿي لڳو پر صحت سلامت هجيس تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي شيوا ڪندو رهي. اسان ڪانئس موڪلائي ٺهلرام آزاد جي گهر وياسين پر پاڻ اتي موجود نہ هو اُتان نڪري اسان سندس آفيس تي آياسين، پر اُتي بہ نہ هو جنهن کانپوءِ اسان هڪ سنڌي ڪسٽم آفيسر جي گهر آياسين جيڪو اُتم جو دوست هو. انهيءَ وٽ ڪجهہ دير مارڪو ڪري پوءِ اسان هتي يعني بمبئي ۾ سنڌين جي وڏي ۾ وڏي ثقافتي سينٽر سيتا سنڌو ڀون آياسين. سيتا سنڌو ڀون هند ۾ رهندڙ سنڌين جي ميل ميلاپ جو مکيہ مرڪز آهي. هر آچر تي هتي بمبئي واسي سنڌي وڏي تعداد ۾ اچي مڙندا آهن، هڪ ٻئي سال حال احوالي ٿيندا آهن، ماضيءَ جون يادون ورجائي وڇوڙي جا زخم تازا ڪندا آهن، پنهنجي سنڌيت کي قائم رکڻ لاءِ ويچاريندا آهن ۽ روح ريجهائڻ لاءِ راڳ رنگ جون محفلون رچيندا آهن. هن سينٽر ۾ ٻاهران آيل مهمانن سان شامون ملهائي انهن جو آڌرڀاءُ ڪندا اهن. هتي هڪ ننڍڙو گيسٽ هائوس / مهمان خانو بہ آهي، جنهن ۾ ترسندڙ مهمان کان نالي ماتر مسواڙ ورتي ويندي آهي. اڄ بہ ڪيترائي مهمان هتي ترسيل هئا جن ۾ هڪ سنڌي پروفيسر، جيڪو انڊونيشيا ۾ مستقل رهائش پذير آهي، ٻچڙيوال ترسيل هو. هن پروفيسر صاحب انڊونيشيا ۾ هڪ بهترين تعليمي ادارو قائم ڪيو آهي، جنهن ۾ سنڌي اسڪول بہ آهي.

اسان جنهن وقت سيتا سنڌو ڀون ۾ داخل ٿياسين انهي وقت محفل شروع هئي، سيتا سنڌو ڀون جو روح روان ۽ محفل جو مور پروفيسر رام پنجواڻي سيني جي وچ ۾ ويٺو هو ۽ هر ڳائيندڙ سان

ڳائڻ ۾ ساٿ پئي ڏنائين. شايد محفل هلندي اسان بابت ڪنهن ٻڌايو هوس سو اسان کي نالو وٺي مخاطب ٿي شهيد شاهه عنايت صوفي جو بيت ٻڌايائين.

هيءُ راڳ ڪافي دير تائين هليو. جنهن کان پوءِ رام پجواڻي ٻاهران آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ آيل مهمانن کي مالهائون پهرايون جن ۾ آءُ ۽ ڊاڪٽر راڄو پڻ شامل هئاسين.

محفل جي ختم ٿيڻ بعد اتي ويٺلن مان ڪيترائي دوست اسان سان مليا جن ۾ بلڙي شاهه جو هڪ هندو به هو جيڪو ڏاڍو سڪ ۽ اڪير سان پاڪرين پئي مليو. هن ٻڌايو ته هو اصل ۾ ٻني جي ويجهو ڳوٺ راهوٺ جا ويٺل آهن. جتان پوءِ لڏي وڃي بلڙي شاه ڪريم ويٺا. بلڙي شاهه ڪريم ضلع حيدرآباد جو هڪ ننڍڙو شهر آهي، جنهن ۾ لطيف سائين  جي پڙ ڏاڏي شاهه عبدالڪريم جي مزار آهي.

پروفيسر پنجواڻي اسان جي ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهه سان آجيان ڪئي ۽ سنڌ جي مختلف دوستن جون خبرون چارون ورتائين. پاڻ ٻڌايائين ته هتي بمبئي اينڊ ڙهر سنڌي سيتا سنڌو پڻ ضرور اچي جنهن ڪري اڪثر سنڌ مان اينڊڙ دوستن سان ميل ملاقات ٿيندي رهندي آهي. پروفيسر رام پنجواڻي نهايت ملنسار، ڪل مک راڳ رنگ جو ڪوڏيو آهي.

انڊونيشيا مان آيل سنڌي پروفيسر سندس قائم ڪيل تعليمي اداري بابت تفصيل سان احوال ٻڌايو.آخر ۾ سيني مهمانن کي چانهه، بسڪوٽ، پڪوڙا، سنبوسا، پاپڙ، ڪيڪ ۽ ميوو پيش ڪيو ويو. اسان هاڻي هتان موڪلائي ٻاهر نڪتاسين. اتم، دادا گوبند ۽ ٺهلرام آزاد اسان سان گڏ هئا .

اسان اتان نڪري سڌا بازار ڏانهن وياسين جتان ڦرندا گهرندا اچي اڪبر علي جي اسٽور تي پهتاسين، اتائين ڪجهه ڊبل بل (Double Bull) جون مُون ۽ ڊاڪٽر راڄي شرٽون خريد ڪيون. هاڻين دوستن کان موڪلائي آءُ ڊاڪٽر راڄو ۽ اتم نهرو پلينٽوريم ڏانهن روانيا ٿياسين. هيءُ پلينٽوريم نهرو ميموريل جو هڪ حصو آهي. اسان ٽڪيٽ وٺي اندر داخل ٿياسين. شو شروع ٿيڻ ۾ اڃان ڪجهه دير هئي، جنهن ڪري ٻاهر ريسٽورنٽ تي ٽڌو پيتوسين ۽ پوءِ موٽي هال ۾ وياسين. هال جي وچ ۾ مشينون رکيل آهن جنهن ذريعي اهو پروگرام پيش ڪيو ويندو آهي. اسڪرين يعني پردو سڄو ڇت ۾ لڳل آهي. پروگرام شروع ٿيڻ ڪانپوءِ ڇت بلڪل آسمان وانگر نظر ايندي آهي، جنهن ۾ ڪنهن مهل رات جو منظر ته ڪنهن مهل پرهه ڦٽي جو ڏيک ۽ ڪنهن مهل تارن ڀريو آڪاش پيو جهرمر جرڪي. هن پروگرام کي ڏسندي ماڻهو ڪائنات جي بي انت پولارن ۾ ڪوئجيو وڃي. ستارن ۽ سيارن جا ڏيک ۽ ڦيرا ته ويتر عبرت ۾ وجهيو ڇڏين. ڪائنات ۽ ان جي آسماني اسرارن جي علم جو شوق ۽ زوق رکندڙ حضرات جڏهن به بمبئي وڃن ته هيءُ پروگرام ضرور ڏسن .

پروگرام هلنديءَ اسانکي اتم ان بابت سمجهاڻيون ڏيندو رهيو. اتم اسان کي بمبئيءَ جا ڪافي حصا گهمايا ۽ اهڙيون جڳهيون بہ ڏيکاريون جيڪي هوند اُتم کانسواءِ اسان نہ ڏسي سگهون ها.

هتان کان پوءِ اسان ٽيڪسي پاڙي ڪري اُتم جي گهر آياسين جتي اُتم جي گهر واري سندري بہ موجود هئي. جيئن تہ اسان اڳ ۾ ذڪر ڪيو آهي تہ سندري پنهنجي ور جيئن سنڌي ٻولي جي برک ليکڪا آهي ۽ سندس ڪافي ڪتاب سنڌ ۾ بہ ڇپيا ۽ وڪيا آهن. هنن ٻنهي زال مڙس سنڌي ادب لاءِ گهڻو پتوڙيو آهي. اُتم اسان کي سندن لائبريري بہ ڏيکاري جيڪا ڪتابن جي سليڪشن ۽ ميڙ جي اعتبار کان هڪ بي بها خزانو آهي. اُتم کي سنڌ ۾ ڇپجندڙ سنڌي ڪتابن جي ڪافي خبر آهي ۽ گهڻائي ڪتاب وٽس موجود آهن. مونکان سنڌ ۾ سنڌي ڪتاب ڇپائي بابت پڇا ڪيائين. وٽس تازا ڇپيل ڪتاب هئا بلڪ بلڪل هاڻ جا اهڙا ڪتاب جيڪي اجان اسان جي نظر مان بہ نہ گذريا هئا سي بہ وٽس پهتل هئا.

اڄ جڏهن بمبئي وڃي رهيو هئس تہ ان وقت سهڻي پريس ۾ آرسي پبليڪيشن جو ڪتاب ڇپجي رهيو هو. مون کي اتم وٽ سندس تازي تازي ڇپيل ڪتاب ۾ انهي آرسي جي ڪتاب تي ڇپيل تبصرو ڏسي ڏاڍي حيرت ٿي تہ هيءُ ڪتاب هن وٽ پهچي بہ ويو ۽ هن تبصرو لکي ڇپائي بہ ڇڏيو. اتم ڪتابن ڏيڻ جي سلسلي ۾ دريا دل آهي. مونکي منهنجي ۽ ٻين دوستن لاءِ ڪيترائي ڪتاب ڏنائين. سندس ۽ سندري جا تہ ڪيترا ڪتاب مون دوران سفر پڙهي پورا ڪيا. سندس ڏنل ڪتاب ٻين دوستن کي بہ پهچايم. هن وٽ اخبارن جو بہ تمام وڏو ذخيرو موجود آهي. اخبارن جا اهي فائيل بہ ڏيکاريائين. سنڌ مان ايندڙ هر اديب اتم سان ضرور ملندو آهي. جيڪڏهن ڪيس خبر پوندي تہ پاڻ خود پهچي ويندو آهي. اسان سان گهمڻ ڦرڻ ۽ دوستن سان ملائڻ ۾ پاڻ ڪڏهن هڪ گهڙي بہ ورچي نہ وينو. اسان هلندي هلندي ۽ گهمندي ڦرندي ٿڪجي پوندا هئاسين پر پاڻ نہ ٿڪبو هو.

اتم، جيئن تہ اڳ ۾ ذڪر ڪيو اٿم، هڪ سچو نظرياتي انسان آهي، جيڪو پنهنجي قول ۽ سوچ سان هميشہ وفادار رهيو آهي. هندوستان ۾ سنڌي ليکڪن درميان ذاتي ۽ نظرياتي ڇڪتاڻ تمام گهڻي رهندي ائي آهي، پر اتم بابت منهنجو ذاتي مشاهدو هيءُ آهي تہ هڪ سچو سادو ۽ اٽول سماجوادي آهي. جيڪو اصول تي ڪابہ مصالحت (Compromise) ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي .

سندس گهر ۾ ويهڻ، رهاڻ ڪرڻ ۽ ڏسڻ وائسڻ کانپوءِ معلوم ٿيم تہ سندس پهرڻ جا ڪل ٽي جوڙا آهن. هڪ ڏندن جوبرش ۽ پيسٽ، شيونگ جو سامان، هڪ چمپل ۽ هڪ جوتو. اهي سندس ذاتي استعمال جون شيون آهن. سامان رکڻ لاءِ بئگ بہ ڪونہ اٿس. انهي ڪري اهي ٽپڙ ڪتابن جي ڪٻٽ ۾ رکندو آهي. اتم اسان کي ڪتاب ڏيکاريندو ۽ ٻڌائيندو رهيو ۽ سندس گهر واري سندري اسان لاءِ ماني تيار ڪندي رهي. رات ڪافي ٿي چڪي هئي. اسان ماني کائي ڪانئن موڪلائي هوٽل

روانيا ٿياسين. اسان کي ٻي ڏينهن ڪولمبو روانگي جي به تياري ڪرڻي هئي پر ٿڪاوٽ سبب انهيءَ ڪم کي صبح تائين ملتوي ڪري وڃي بسترن پيڙا ٿياسين .

ڊاڪٽر راڄو معمول مطابق سوير اٿيو. آءُ به چانهه ڪوپ پي سامان سهيڙڻ ۾ لڳي ويس. ڪلاڪ کن ۾ سامان تيار ڪري ڊاڪٽر کي چيم ته تون ناشتو گهراءِ آءُ وهنجي ٿو اچان. وهنجي سهنجي باٿ روم مان ٻاهر ٿي نڪتس ته چيلهه ۾ شديد سور محسوس ڪيم ۽ مشڪل سان دروازو کولي ٻاهر آيس. ڊاڪٽر کي سڏ ڪيم جنهن ٽيڪ ڏيئي بستري تائين آندو. ڊاڪٽر کي خبر آهي ته هيءُ سور ساڻم ڪهڙي ويڌن ڪندو اهي. گهٽ ۾ گهٽ ۴۸ ڪلاڪن ڪانپوءِ آءُ چرڻ ڦرڻ جهڙو ٿيندو آهيان, ايستائين پٽ يا سڌي تختي تي پيو هوندو آهيان. اسان ڪالهه پوليس مان اڳي وچڻ جي ٽريول پرمٽ (سفري اجازت نامو) وٺي چڏي هئي. (هيءُ ٽريولر پرمٽ جي پابندي صرف هندستان ۽ پاڪستان جي مسافرن لاءِ هڪ ٻي جي ملڪ ۾ آهي. ٻي دنيا ۾ ائين ڪونهي) رات جو اسان جي فلائيٽ به هئي. جيڪڏهين اسين ٽريولر پرمٽ رد ڪريون ها ته اسان کي اڳيان وڏيڪ تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ها ڇاڪاڻ ته اڳتي جي سفر واسطي هر هنڌ جون اسان وٽ اڳوات بوڪ ٿيل ٽڪيٽون موجود هيون. انهي ڪري في الحال ڏاڍي پريشاني واري صورتحال ۾ گهيرجي وياسين. ڊاڪٽر يڪدم هيٺ لهي ويو ۽ وڃي ڪجهه دوائون وٺي آيو ڊاڪٽر ٻڌايو ته پاڪستان ۾ استعمال ٿيندڙ چيلهه جي سور واريون دوائون هتي نٿيون ملن, انهي ڪري اسٽور وارن جي مرضيءَ تي دوائون وٺي آيو آهيان. في الحال اهي کاءُ ايستائين آءُ ڪنهن ڊاڪٽر کي ٿو وٺيو اچان. مون ڪيس چيو ته دادا گوبند کي ٽيليفون ڪري. دادا سان ڳالهايائين, جنهن چيس ته تون اتي ئي ترس, آءُ ڊاڪٽر کي ٿو وٺيو اچان. دادا ٿوري ئي وقفي ۾ ڊاڪٽر کي وٺي آيو. ڊاڪٽر سنڌي هو ۽ ماهم جي علائقي ۾ ويهن سالن کان پرائيويٽ پريڪٽس ڪندو هو. سندس نالو هو پريم جي راجاڻي. مون کان مختصر احوال وٺي ٻه سيون هنيائين ۽ ڊاڪٽر کي پرچي ڏنائين ته هي دوائون وٺي کارايوس. اميد ته ٺيڪ ٿي ويندو. دادا ۽ ڊاڪٽر روانا ٿي ويا. دادا وڃڻ وقت چئي ويو ته آءُ شام وري ايندس ۽ تون في الحال آرام ڪر. جيڪڏهن تڪليف وڌي وڃي ته مون کي ٽيليفون ڪجو. ڊاڪٽر راڄو هيٺان دوائون وٺي آيو. جيڪي کائڻ سان مونکي ڪجهه آرام اچي ويو. تقريبا ڇهه ڪلاڪن کان پوءِ مونکي سار ٿي. پاڻ کي ڪجهه بهتر محسوس ڪيم ۽ بنا ڪنهن سهاري جي پاڻمرادو اُٿي ٻيهي ۽ هليس. ڊاڪٽر کي چيم ته اسان رات جو ضرور روانو ٿينداسين, ڇاڪاڻ ته هتي وڌيڪ ترسڻ ڪري اڳتي مشڪلاتون پيش اينديون.

ڊاڪٽر ٻڌايو ته اتم جي فون آئي هئي ۽ اچڻ پي گهريائين ته مون تنهنجي طبيعت جي ناسازي ۽ آرام ۾ هئڻ جي ڳالهه ٻڌائيمانس, جنهن تي پاڻ چيائين ته عبدالحئي نند مان سجاڳ ٿئي ته مونکي ٽيليفون ڪجان ۽ منهنجي طرفان مزاج پرستي ڪجان.

شام جا ڇهه ٿيا هئا ۽ اسان جي فلائيٽ رات جو يارهين وڳي ڪولمبو لاءِ وڃڻي هئي. اسان پروگرام ناهيو تہ ساڍي ائين وڳي هوائي اڏي لاءِ روانيا ٿينداسين. اسان ٽيليفون تي دادا گوبند کي پنهنجي پروگرام کان واقف ڪيو. دادا چيو تہ آءُ توهان کي رواني ڪرڻ لاءِ هوائي اڏي تي اچان ٿو. جنهن تي اسان کيس ايتري تڪليف کان منع ڪئي.

اسان چانهن لاءِ فون ڪئي، ايتري ۾ دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي. ڊاڪٽر دروازو کوليو تہ اتم اندر آيو. اچڻ شرط طبيعت بابت پڇيائين. اسان کيس سموري خيريت ٻڌائي پاڻ نهايت پنهنجائپ ۽ محبت وچان مشورو ڏنائين تہ بهتر آهي تہ توهان ہہ ٽي ڏينهن آرام ڪريو ۽ پوءِ اسهو. في الحال سامان وغيره ڪٽي هلي منهنجي گهر رهو. جهڙو حال حبيبان تهڙو پيش پريان. اُتم جي محبت واري آچ جا ٿورو مجيندي عرض ڪيوسين تہ اسان پڪي سٽا سٽيو وينا آهيون، انهي ڪري اڄ رات ضرور اسهنداسين. اسان دادا کي بہ اهڙو اطلاع ڏيئي ڇڏيو آهي. اسان جي پڪي پهہ کي ڏسي اتم چيو تہ وس وارا آهيو. پاڻ چيائين تہ پوءِ هلو تہ هلون. اسان ٻڌايس تہ اسان جي فلائيٽ رات جو ١١ وڳي وڃڻي آهي ۽ اسان هتان ساڍي ائين وڳي نڪرنداسين. اسان سندس قربن جا وري بہ ٿورا مڃيا ۽ کيس وينتي ڪئي تہ اسان رات جو اوير ويندايسن انهي ڪري توهان هوائي اڏي تائين هلڻ جي زحمت نہ وٺو. پر اسان جي هڪ بہ نہ مڃيائين ۽ چيائين تہ ايئرپورٽ تائين تہ هر حال ۾ گڏ هلبو.

ڊاڪٽر هوٽل وارن سان حساب چڪتو ڪري آيو ۽ هوٽل وارن اسان کي سندن گاڏي بہ ڏني. اسان سامان سڙا سهيڙي هوائي اڏي ڏانهن راهي ٿياسين. ٻاهر هلڪي هلڪي ڦوار پئجي رهي هئي ۽ اشوڪ جي ڊگهن ۽ سهڻن وڻن مان مينهن جو پاڻي ڇرڇاتون ڪري ٽمي رهيو هو. بمبئي ۾ اشوڪ جا وڻ تمام گهڻا آهن. باغ هجي يا بنگلو رستو هجي يا سرڪاري عمارت هر هنڌ هي ڊگها ۽ سهڻا وڻ اوچا ڪر ڪنيو بينا هوندا. اشوڪ جو وڻ بمبئي ۾ ائين آهي جيئن ڪراچيءَ ۾ بيد مشڪ ۽ پراڻي ڪراچيءَ ۾ ٻڙ جا وڻ جام هوندا هئا. جيڪي گهڻا ڪپجي ويا ۽ باقي ڪي وڃي بچيا آهن. ٻڙ جو وڻ هن ننڍي کنڊ ۾ گوتم ٻڌ جي حوالي سان هڪ تاريخي حيثيت رکي ٿو. چاڪاڻ تہ ٻڌ هن وڻ جي گهاٽي ڇانو هيٺ ويهي پنهنجي فڪر جون ڦرهيون پڙهيون. هيءَ زمين کان مٿي ٿي ڦهلجڻ بعد بہ پنهنجو ناپون موٽائي ڌرتيءَ ۾ کوڙي ڌرتيءَ کان ڌار نہ ٿيڻ جو پيغام ڏي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو هن ننڍي کنڊ ۾ ڌرتي جي ماتا ماءُ هجڻ جو تصور عقيدي طور موجود آهي ۽ ننڍي کنڊ جا سڀ فلسفا ۽ ڌرم آسمان تان لٿل نہ پر ڌرتيءَ جا اُپايل آهن.

اتم اسان کي سچي وات مزيدار ڳالهيون ٻڌائيندو هليو. انهن مان هڪ ڳالهہ تہ مون کي اهڙي وڻي جو اڄان نٿي وسريم. پاڻ ٻڌايائين تہ ورهاڱي جي وقت اسان جڏهن هتي پهتاسين تڏهن اسان مل مان ڪپڙن جو پريل ٻوريون جنهن اڳهہ ۾ وٺندا هئاسين انهي اڳهہ ۾ ريزڪي طور وڪڻندا هئاسين. سڄي ٻوريءَ جي وڪري تان اسان کي ٽڪو بہ نہ بچندو هو. سڄي ڏينهن ۾ ڪيتريون ئي

ٻوريون وڪڻي وٺندا هئاسين ۽ اهو نمونو هلندو رهيو. نتيجو اهو نڪتو جو گجراتي مقامي واپاري واڻڙا اچي ٿيا ۽ سندن ڪاروبار ٺپ بيهي ويو. نيٺ لاچار ٿي اسان کان پڇيائون ته واپار جو هيءَ کهڙو طريقو آهي، جيڪو توهان سنڌين شروع ڪيو آهي. مال جنهن اگهه ۾ ڪارخاني کان وٺو انهي اگهه ۾ وڪڻو سو بچت ته ڪجهه به ڪانه ٿيندي هوندي. سنڌين کين جواب ڏنو ته اهو راز اسان توهان کي ڏهن سالن بعد ٻڌائيندا سين . انهي تي مون اتم کي چيو ته انهن کي پلي ڏهن سالن بعد ٻڌائڻ جو شرط رکو پر مونکي اهو راز هينئر ئي سڻائي. جنهن تي اتم کِلي وراڻيو ته اسان وٽ پئسو بلڪل نه هو. هٿين خالي هئاسين، انهيءَ ڪري ڪارخاني وارن کان ڪپڙن جون ٻوريون وٺي ساڳئي اگهه تي وڪڻندا هئاسين. ائين ڪرڻ سان ڪپڙو ترت کپي ويندو هو ۽ اسين ڪوشش ڪري گهڻي ۾ گهڻيون ٻوريون کپائي وٺندا هئاسين جنهن ڪري اسان کي ڪپڙن تان ته پئسو به نه بچندو هو پر خالي ٻوريون بچت ۾ ٿينديون هيون، جيڪي وڪڻي پيٽ گذر ڪندا هئا سين. مون کي محسوس به ٿيو ۽ معلوم به ٿيو ته سنڌي هندوئن ڏاڍين مشڪل حالتن ۾ پاڻ کي وڏي جاکوڙ ۽ ذهانت سان هٿي وچي هتي سيٽ ڪيو آهي. هاڻي ته اهي اتان جا برک واپاري ۽ سکيا ستابا ماڻهو آهن. اسان جي ٽيڪسي بمبئي جي رستن تي ڊوڙندي اڳيان وڌندي رهي. اسان کي لمحا سانت ۾ رستن تي پونڌڙ روشنين جي اولڙن کي ڏسندا ۽ ڪجهه سوچيندا رهياسين. اسان مان هر هڪ جي ذهن ۾ کهڙي سوچ رچي رهي هئي، تنهن جي ڪل صرف انهن کي ئي هئي. سوچ به سفر ڪري ٿي. هن صدين جا رڻ ۽ اجهاڳ سمنڊ جهاڳيا آهن صدين جي پيشانين تي هن جا پيرا آهن ۽ اجان به هوءَ ٽڪجي هارجي ڪٿي نه ويني آهي، نه هن مات مڃي آهي ۽ نه هن مان نواڻ جا ذري جيتري جهڪي ٿي آهي.

اسان جي گاڏي هوائي اڏي وٽ اچي بيٺي ۽ اسان پنهنجو سامان لاٿو. ڊاڪٽر مون کي ٻانهن کان وٺي سامان تي ويهاري چڙهيو ۽ پاڻ ۽ اتم اندر هليا ويا. ٿوريءَ دير کانپوءِ ٽرالي کڻي آيا، جنهن تي سامان رکيائون. ڊاڪٽر ٽرالي کي گهليندو هليو ۽ اتم مونکي سهارو ڏيئي هليو. سوچيم ته زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن سهارا به ڪيڏا نه ضروري ٿي پوندا آهن. نيٺ انهي گيٽ وٽ پهتاسين جتي صرف مسافر داخل ٿي سگهيا ٿي. جنهن ڪري اتم کان موڪلايوسين. موڪلائڻ قت دلين جون ڌڙڪنون تيز هيون. محبت ۽ اڪير جو عجب عالم هو.

سچ پچ موڪلائڻ مهل لفظ ڪنڌي جيئن نڙيءَ ۾ اٽڪي رهيا هئا. اتم ڪِجهه دير تائين اتي ئي سانت بيٺو ڪجهه گهوريندو رهيو ائين جيئن ويندڙ قافلي جي غبار کي ڪو گهوريندو رهيو ائين جيئن ويندڙ قافلي جي غبار کي ڪو گهوريندو آهي. هن جون نظرون شايد سنڌ تائين اسان جو تعاقب ڪرڻ لاءِ آتيون هيون. سنڌ، اها سنڌ جيڪا بنهه بيوسيءَ جي عالم ۾ هو ڇڏي آيو هو. اها سنڌ، جنهن جي فضائن ۾ سرهاڻ هئي، جنهن هن جو هن موهيو هو. جنهن سان هن جو من واڳيل هو ۽

جنهن جي شام ۾ هن جي پيار جا سپنا هئا، لطيف جون وايون هيون، ساميءَ جا سلوڪ هئا، سچل جا سڏ هئا ۽ سنڌوءَ جي امرت ڌارا هئي. اسان مُڙي ڪيس ڏٺو ته هو اتي ئي بيٺو هو. شايد سنڌ ڇڏڻ وقت ڪنهن ٻالپڻ جي دوست ڪيس ٻه ائين ٽڪ ٻڌي ڏٺو هوندو. اسان جو جهاز بمبئي جي هوائي اڏي تان اوڏاڻو ته منهنجي من ڪي ٻه جهڀي آئي پر نيڻن جا نيسارا بند ڪري ڪي گهڙيون گم سم ويهي رهيس. جهاز هوائن کي چيريندون ڪولمبو ڏانهن وڌندو رهيو.